ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
67 YEAR 1958 - 2024
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 05 آڪٽوبر 2024ع ڀهرين ربيع الثاني 1446 هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيه شمارو (50)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم سان بلاول ڀٽو ۽ جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي قيادت ۾ وفدن جي ملاقات، ملڪي سياسي ۽ غزه صورتحال تي غور

7 آڪٽوبر تي فلسطينين سان يڪجهتي ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان، اسرائيل غيرقانوني قبضو ختم ڪري: پاڪستان

پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ فلسطين تي پاڪستان جي مستقل موقف جي توثيق ڪندي اسرائيل جي غيرقانوني قبضي کي فوري طور تي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

ولاريل فلسطين ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي ڳڻتي آهي، عالمي برادري گڏيل قومن جي انساني حقن واري ڪائونسل ۾ فلسطينين جي حقن کي برقرار رکي: پرڏيهي سيڪريٽري

اسان جو چٽو موقف آهي ته اسرائيل جو غيرقانوني قبضو ختم ٿيڻ گهرجي ۽ نسل ڪشيءَ ۽ نسل پرستي کي روڪڻ جي لاءِ فلسطيني عوام جي خودمختياري جي حق جو احساس هجڻ گهرجي

وفاقي حڪومت سڄي ملڪ ۾ 7 آڪٽوبر تي غزه ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي ظلم ۽ ڏاڍ جي شڪار معصوم مسلمان ڀينرن ڀائرن سان يڪجهتي جو ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

اتفاق ڪيو ويو ته 7 آڪٽوبر تي سڄي پاڪستان ۾ فلسطيني ڀينرن ڀائرن سان يڪجهتي ۽ انهن تي جاري اسرائيلي ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز اٿارڻ جي لاءِ ميڙاڪا ۽ سيمينار منعقد ڪيا ويندا

پ پ چيئرمين ۽ جماعت اسلامي جي امير ملاقات ۾ وزيراعظم جي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ تقرير ۾ فلسطينين تي جاري اسرائيلي ظلمن جي خلاف آواز اٿارڻ تي سندس تقرير کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ فلسطين تي پاڪستان جي مستقل موقف جي توثيق ڪندي اسرائيل جي غيرقانوني قبضي کي فوري طور تي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هن عالمي برادري تي زور ڏنو ته هو خميس ڏينهن گڏيل قومن جي انساني حقن واري ڪائونسل (يو اين ايڇ سي آر) ۾ بحث دوران فلسطينين جي حقن کي برقرار رکي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ۽ جماعت اسلامي جي حافظ نعيم الرحمان جي قيادت ۾ وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

جهڙي ريت 7 آڪٽوبر جو حملو جائز هو اهڙي طرح ايران جو اسرائيل تي حملو جائز آهي: خامنائي

هر ملڪ کي جارحيت خلاف دفاع جو حق آهي، فلسطيني حق تي آهن اسان انهن سان گڏ آهيون: ايراني سپريم ليڊر

اسان اسرائيل کي جواب ڏيڻ ۾ دير نه ڪنداسين نه ئي وري جلدي ڪنداسين مسلمان امت جا دشمن گڏيل آهن

قرآن پاڪ جو درس آهي ته مسلمان قوم گڏ رهي، قرآن ۾ مومنن جي اتحاد مان مراد رحمت الاهي آهي

مسلمان مظلوم ماڻهن سان يڪجهتي جو اظهار ڪن، مسلمان ملڪن کي گڏ ٿيڻو پوندو، هي وقت انهن جي گڏ ٿيڻ جو آهي

مسلمان قومن کي افغانستان مان يمن، ايران مان غزه ۽ لبنان تائين دفاعي لائن ناهڻي پوندي: جمعي نماز جو خطبو

تهران (م د) ايران جي سپريم اڳواڻ آيت الله علي خامنائي جمعي جي نماز جو خطبو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام ۾ ڌمڪي يا هٿيارن جي زور تي مذهب تبديل ڪرائڻ حرام آهي: ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ

ڪو به محبت يا چاهت ۾ اسلام قبول ڪري ٿو ته اهو افضل ناهي پر اسلام ۾ داخل ٿي سگهي ٿو

اسان ڪنهن جي نيت بابت نٿا ڄاڻي سگهون ڪهڙي خبر هو اڳتي هلي عام مسلمان کان وڌيڪ سٺو مسلمان بڻجي وڃي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نامياري اسڪالر ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ چيو آهي ته اسلام ۾ مذهب جي جبري تبديلي حرام آهي، ڌمڪي يا هٿيار ڏيکاري مذهب بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيني سفير جيانگ زئي ڊونگ وفاقي وزير احسن اقبال سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان پنهنجون شيون ٻاهر اماڻڻ سان عالمي مارڪيٽ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪري پيو: وڏو وزير

زرعي شعبو معيشيت ۾ اهم حيثيت رکي ٿو، آبادگار خوشحال ٿيندا ته پاڪستان خوشحال ٿيندو

ملڪ ۾ کجيءَ جي بهترين پوک ٿئي ٿي، کجيءَ ٻاهر اماڻڻ سان بهترين ناڻو ڪمائي سگهون ٿا

خيرپور سنڌ ۾ اصيل سميت 300 کان وڌيڪ قسمن جون کجيون پوکيون وڃن ٿيون: فيسٽيول کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته پاڪستاني معيشيت بهتري طرف وڃي رهي آهي پاڪستان پنهنجون شيون ٻاهر اماڻڻ سان عالمي مارڪيٽ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪري رهيو آهي سندس چوڻ هو ته ملڪ ۾ کجيءَ جي بهترين پوک ٿئي پئي وڃي، کجيءَ کي ٻاهر اماڻڻ سان هو بهترين ناڻو ڪمائي سگهون ٿا، بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گورنر ڪامران ٽيسوري کجور جي نمائش جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ پوليو جا 7 ڪيس سامهون اچڻ ڳڻتي جوڳا آهن: مراد علي شاهه

هر ٻار کي پوليو جي خطري کان بچائڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي

پوليو مهم کي مقامي چونڊيل نمائندن جي مدد سان مضبوط ڪيو وڃي: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه انسداد پوليو اجلاس جي صدارت ڪندي سنڌ ۾ پوليو جا 7 ڪيس بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت لاءِ حيدرآباد ۾ جلسو ٿيندو: نثار کهڙو

ڪراچي ۾ 18 آڪٽوبر تي ٿيندڙ سانحو معصوم شهرين جي شهادت جو ڏهاڙو آهي

12 مئي جي سانحي ۾ به ڪراچي اندر بيگناهه شهرين کي شهيد ڪيو ويو هو: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته حيدرآباد ۾ 18 آڪٽوبر سانحي جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

PAKISTAN PEOPLES PARTY
KARACHI DIVISION
ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي گڏجاڻي پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙي جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن مان 4 لاش هٿ آيا، حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت، 3 زخمي

يوسف پلازا ايف بي ايريا ۾ فليٽ مان 45 سالن جي طاهر اقبال ولد محمد اقبال جو لاش مليو

ڪلفٽن ۾ شوروم مان چوڪيدار نسيم جو لاش مليو، واٽر بورڊ جي کوه مان 40 سالن جي شخص ڪڍيو ويو

مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، نوجوان ناري سميت ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار واقعن ۾ 6 ڄڻا فوت جڏهن ته 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. يوسف پلازا ٿاڻي جي حد ايف بي ايريا بلاڪ 16 عبدالله سينٽر جي پرسان فليٽ مان 45 بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

EMBASSY OF
THE ISLAMIC REPUBLIC OF PAKISTAN
ABU DHABI, U.A.E.
ابوظهبي: پاڪستاني سفير فيصل نياز ترمزي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

کجين جي پوک ڪندڙن لاءِ گورنر هائوس ۾ فيسليٽيشن ڪائونٽر قائم ڪرڻ جو اعلان

پاڪستاني کجين جي عالمي مارڪيٽ تائين مڪمل پهچ سان پرڏيهي مٽاسٽا حاصل ٿيندي: گورنر

ٻهرين انٽرنيشنل پاڪستاني ڊيٽ فيسٽيول منعقد ڪرڻ تي منتظمين کي مبارڪباد ڏيان ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته هن وقت پاڪستاني کجين جي عالمي مارڪيٽ ۾ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميٽرڪ جي امتحان ۾ 27 سالن بعد سرڪاري اسڪول جي شاگرد پوزيشن ماڻي

ميٽرڪ بورڊ پاران ڏهين ڪلاس جي سائنس جي ساليانې امتحان جا نتيجا جاري ڪيا ويا

ڪريم آباد اسڪول جي شاگرد حافظ عبدالرفيع 1100 مان 94.55 مارڪون کڻي پهرين پوزيشن ماڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميٽرڪ بورڊ ڪراچي پاران ميٽرڪ سائنس جي ساليانې امتحان 2024ع جا نتيجا جاري ڪري ڇڏيا بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مورو پرسان اجتماعي زيادتي شڪار ناري حمل سان، ڪيس داخل، ٻه جوابدار گرفتار

زيادتي شڪار ناري حرمت چرهاڻ ست مهينن جي حمل سان ٿي وئي، 4 جوابدار تي ڪيس داخل

مورو پوليس رمضان چانڊيو ۽ نادر سابقي کي گرفتار ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو

صدورو ماڇي مون کي ڪوڙا خواب ڏيکاري شادي جو آسرو ڏئي جنسي واسطا رکيا:حرمت چرهاڻ

سندس دوست رمضان چانڊيو ۽ نادر سابقي پڻ حوس جو نشانو بڻائيندا رهيا، انصاف ڪيو وڃي

مورو(ن ع) مورو پرسان سنڌ ڪالوني جي رهواسڻ 18 سالن جي ناري سان اجتماعي ڏاڍائي مورو ٿاڻي تي چٽن چٽن تي ڪيس داخل جڏهن ته مورو پوليس ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ناري سٽن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ قلمر 144 جي ڀڃڪڙي، پي ٽي آءِ جو احتجاج، روڊ رستا سيل، پوليس ۽ مظاهرين ۾ ڇڪريون، شيلنگ، ڪيئي گرفتار

اسلام آباد جي ڊي چوڪ وٽ پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران انتظاميا اسلام آباد ويندڙ سمورا رستا سيل ڪري ڇڏيا، جنهن سبب راولپنڊي کان اسلام آباد طرف ويندڙ آمد وفت معطل

اسلام آباد جي ضلعي انتظاميا شهر ۾ قلمر 144 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڀڃڪڙي ڪرڻ تي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڀينرن سميت ڄاڙن شهرن مان اٽڪل 100 کان وڌيڪ ڪارڪن گرفتار

برهان انٽرچينج وٽ ڪي پي ڪي مان آيل قافلن، ڊي چوڪ ۽ فيض آباد وٽ پوليس پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن تي شيلنگ ڪئي، ڪيترائي مظاهرين گرفتار، مختلف هنڌن تي ڪنٽينر ڀهاري روڊ رستا بلاڪ ڪيا ويا

پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران اسلام آباد ويندڙ شهرين ۽ ملازمن کي شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو، اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ موبائيل فون سروس بند رهي ۽ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد جي ڊي چوڪ وٽ پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران انتظاميا اسلام آباد ويندڙ سمورا رستا سيل ڪري ڇڏيا، جنهن سبب راولپنڊي کان اسلام آباد طرف ويندڙ آمد وفت معطل ٿي وئي، اسلام آباد جي ضلعي انتظاميا شهر ۾ قلمر 144 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي ۽ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ اڳواڻ فردوس شميم نقوي پوليس کي ڏسنڌي ئي ڀڄي ويو

پوليس اهلڪار فردوس شميم نقوي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس پويان ڊوڙندا رهيا

پوليس جي وڏي نفري مقرر هجڻ باوجود فردوس آساني سان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب

اسلام آباد (م د) پوليس کي گرفتار ڪرڻ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

عمران خان جون ڀينرون علميه خان ۽ عظميٰ خان اسلام آباد مان گرفتار

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي باني بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

پشاور هاءِ ڪورٽ: ڪي پي ڪي جي وڏي وزير جي 2 ڪيسن ۾ 25 آڪٽوبر تائين راهداري ضمانت منظور

پشاور (اي پي پي) پشاور هاءِ ڪورٽ خيبر بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

مخالف پارليامينٽ جي فلور تي احتجاج ڪن، روڊن تي احتجاج ڪرڻ جا ناڪاري اثر پوندا: وفاقي حڪومت

ملائيشين وزيراعظم جي اچڻ سان اسان جي معيشت ۾ بهتري ايندي، هتان کان ملائيشيا گوشت ايڪسپورٽ ڪيو ويندو

شروعاتي طور تي هڪ لک ٽن چانورن ۽ 200 ملين ڊالر جو گوشت پاڪستان کان ملائيشيا ايڪسپورٽ ڪيو ويندو: عطا تارڙ

شنگهائي ڪانفرنس پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيڻ واري آهي جنهن ۾ 12 ملڪن جا سربراهه پاڪستان ايندا

ايڪسپورٽ 14 سيڪڙو وڌي وئي، واپاري خسارو گهٽ ٿيو آهي، اهو سڀ ڪجهه معاشي بهتري جا اشارا آهن

ڪي پي ڪي جي وڏي وزير علي امين گنڊا پور کي مشورو ڏيان ٿو ته هو پشاور وڃي ۽ ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا گهٽ ڪرائي

اسلام آباد (م د) اطلاعات واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ چيو آهي ته احتجاج ڪندڙ پارليامينٽ جي فلور تي احتجاج ڪن روڊن تي احتجاج ڪرڻ جا ناڪاري اثر پوندا اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءَ الله تارڙ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

آرمي چيف سان ملائيشين وزيراعظم جي ملاقات، پاڪ فوج جي پيشوارانه مهارت جي واکاڻ

ملاقات ۾ ٻطرفي اسٽريٽجڪ انٽرسٽ، علائقائي سلامتي ۽ دفاعي تعاون تي ڳالهيون ٿيون: آءِ ايس پي آر

پاڪستان ۽ ملائيشيا وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن، خاص طور فوجي لاڳاپا وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

ملائيشين وزيراعظم انور ابراهيم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي قربانين جو اعتراف ڪيو

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم ملاقات ڪئي آهي جنهن ۾ هن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ملائيشيا جي وزيراعظم جو پاڪستان جو دورو لاڳاپن ۾ نئين باب جي شروعات آهي: وزيراعظم

پاڪستان جي ملائيشيا سان واپار جي فروغ سان ملڪي روانگي واپار ۾ اضافو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا

اسان ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم جي پاڪستاني عوام ۽ حڪومت جي لاءِ نيڪ خواهشن تي دل سان ٿورائتا آهيون

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ مفاهمتي يادداشتن ۽ معاهدن جي مٽاسٽا ٿي: وزيراعظم شهباز شريف

ملائيشيا جو وزيراعظم انور ابراهيم پنهنجو پاڪستان جو ٽن ڏينهن جو دورو مڪمل ڪري ملائيشيا روانو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملائيشيا جي وزيراعظم جي پاڪستان جي دوري کي پاڪ — ملائيشيا بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: وزيراعظم شهباز شريف ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم کي نورخان ايئربيس تي الوداع چئي رهيو آهي

تحريڪ انصاف ملڪي مفاد سياست جي ور چاڙهي رهي آهي: سينيٽر شيري رحمان

ڪي پي ڪي حڪومت پنهنجو تماشو بڻائڻ بجاءِ پنهنجي صوبائي معاملن جي حل لاءِ ڪم ڪري

ملائيشيا جي وزيراعظم جي موجودگي باوجود اسلام آباد تي ڪاهه جو اعلان مذمت جوڳو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسرائيل پاڪستان تي حملو نٿو ڪري سگهي: خواجه آصف

اسرائيل پي ٽي آءِ باني جي ذريعي اسان تي حملي آور آهي

126 ڏينهن جي ڌرڻي کان پوءِ هي ٻيهر افراتفري ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (م د) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته اسان ايٽمي طاقت آهيون، اسرائيل اسان جي ملڪ پاڪستان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

تحريڪ انصاف جيڪو ڪجهه ڪري رهي آهي انهي جي اجازت نٿا ڏئي سگهون: وفاقي گهرو وزير

احتجاج ۾ شرڪت لاءِ ايندڙن وٽ هٿيار آهن، اسان جي جيتري به فورس آهي انهن مان ڪنهن وٽ به هٿيار نه آهي

ڏاڍو کي سوچڻ گهرجي هو ڇا ۽ ڇو ڪري رهيا آهي، جلسا جلوس سڀني جو حق آهي پر پي ٽي آءِ جو طريقيڪار غلط آهي

رستن جي بندش سبب شهرين کان معذرت خواهه آهيون، ٻاهر کان آيل مهمانن جي سيڪيورٽي اهم آهي: محسن نقوي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڊي چوڪ تي پي ٽي آءِ جلسي جي حوالي سان هڪ دفعو ٻيهر خبردار ڪندي چيو آهي ته تحريڪ انصاف بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ فوج جي مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن جاري

فوج آرٽيڪل 245 تحت ايس سي او سمٽ دوران سيڪيورٽي جون ذميواري سنڀاليندي

ايس سي او اجلاس دوران اسلام آباد ۾ فوج جي مقرري اڄ کان 17 آڪٽوبر تائين هوندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) شنگهائي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ملڪي سياسي صورتحال: وزيراعظم آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائي ورتي

اسلام آباد (م د) ملڪي سياسي حالتن ۽ وچ اوڀر جي صورتحال بابت وزيراعظم شهباز شريف آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

احتجاج روڪرائڻو آهي ته قيدي نمبر 804 سان رابطو ڪريو، هر صورت ۾ ڊي چوڪ تي پهچنداسين: گنڊاپور

مون سان اڃان تائين ڪنهن به احتجاج ملتوي ڪرڻ لاءِ رابطو ناهي ڪيو، منهنجو اختيار باني چيئرمين وٽ آهي

اڪيلو به رهجي ويس تڏهن به اتي پهچندس، اسان جو پرامن احتجاج آهي، تشدد ڪيو ويو ته ذميوار تشدد ڪندڙ پاڻ هوندا

وزيراعليٰ ڪي پي ڪي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ قافلي سان گڏ ڪنٽينرز هٽائڻ جي مشينري به ساڻ کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي ته مون سان اڃان تائين ڪنهن به احتجاج ملتوي ڪرڻ لاءِ رابطو ناهي ڪيو منهنجو اختيار باني چيئرمين وٽ آهي اهو جيڪو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڀارت جو جي شنڪر کي شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان موڪلڻ جو اعلان

پاڪ ڀارت لاڳاپن ۾ اڳڀرائي سامهون آئي آهي، ڀارتي پرڏيهي وزير شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان ايندو

شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارتي پرڏيهي وزير سبرامنيم جي شنڪر جي اڳواڻي ۾ وفد کي پاڪستان موڪليو ويندو: ترجمان ڀارتي پرڏيهي آفيس

اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر پاران شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارتي پرڏيهي وزير جي شنڪر جو دورو اعليٰ سطحي نمائندگي قرار

اسان چاهيون ٿي ته هيڊ آف اسٽيٽ سطح تي ڀارت جي نمائندگي هجي ها، پر ڀارت جي سمت ۾ اها گهٽ سطح تي نمائندگي ناهي ٿي رهي: حنا رباني کر

عالمي سطح تي علائقائي فورمن جي اهميت وڌي رهي آهي، ان ڳالهه ۾ ڪو به ابهام نه هجڻ گهرجي ته ڀارتي پرڏيهي وزير جو استقبال ڪيو وڃي

هن وقت اسان کي اهو عزم ڪرڻ گهرجي ته انهن کي بهتر ماحول ڏينداسين ۽ ڀرپور انداز ۾ استقبال ڪنداسين، اسان کي رد عمل واري پاليسي نه اختيار ڪرڻ گهرجي

نئين دهلي، اسلام آباد (م د) پاڪ ڀارت لاڳاپن ۾ اڳڀرائي سامهون آئي آهي ڀارت جو جي شنڪر کي شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان موڪلڻ جو اعلان ڪيو آهي ڀارتي پرڏيهي وزير شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان ايندي شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نااهل وفاقي حڪومت پرامن احتجاج کي زبردستي پُرتشدد بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي: بئريسٽر سيف

نااهل وفاقي حڪومت پرامن احتجاج کي زبردستي پُرتشدد بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي: صوبائي صلاحڪار

پرامن ماڻهن کان نون ليگ ڊنل ڇو آهي؟ وفاق ۽ پنجاب حڪومت جو خوف سمجهه کان ٻاهر آهي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جي صلاحڪار بئريسٽر محمد علي سيف الزام لڳائيندي چيو آهي ته سنڌن پرامن احتجاج ۾ ن ليگ جا هٿياربند ڪارڪن شامل ٿيڻ جا ثبوت مليا آهن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني جبل چاڙهو جو تاريخي ڪارنامو، دنيا جون سڀ چوٽيون سر ڪري ورتائين

شيشاپنگما (م د) پاڪستاني جبل چاڙهو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج شهر اقتدار اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي جون ذميواريون سنڀالي ورتيون

گهرو وزارت آئين جي آرٽيڪل 245 تحت پاڪ فوج جي مقرري جو حڪم جاري ڪيو: ذريعا

اسلام آباد ۽ ڀرپاسي ۾ پاڪ فوج جي جوانن جي تعينات جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خاص ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران سنڌ ٽيڪس بڪ بورڊ ڄامشورو جو سيڪريٽري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

رزاق آباد ۾ ايليٽ ڪورس جي ٻئي بيچ جي 6 سو اهلڪارن جي پاسنگ آئوٽ پريڊ

ڪورس مڪمل ڪندڙ اهلڪارن حاصل ڪيل تربيت جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو

شهيد بينظير ڀٽو ايليٽ ٽريننگ سينٽر ملڪ جو بهترين سينٽر آهي: آءِ جي سنڌ

بن قاسم (ن ع) شهيد بينظير ڀٽو ايليٽ پوليس ٽريننگ سينٽر رزاق آباد ۾ ايليٽ ڪورس جي ٻئي بيچ جي 6 سو اهلڪارن بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: رزاق آباد ٽريننگ سينٽر ۾ آءِ جي سنڌ پاس آئوٽ ڪندڙ جوانن کي بيج لڳائي رهيو آهي

ربيع الثاني 1446 هجري جو چنڊ نظر اچي ويو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ملڪ ۾ ربيع الثاني 1446 هجري جو چنڊ نظر اچي ويو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج شهر اقتدار اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي جون ذميواريون سنڀالي ورتيون

گهرو وزارت آئين جي آرٽيڪل 245 تحت پاڪ فوج جي مقرري جو حڪم جاري ڪيو: ذريعا

اسلام آباد ۽ ڀرپاسي ۾ پاڪ فوج جي جوانن جي تعيناتن جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي

شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پاڪ فوج گشت شروع ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) پاڪ فوج جي جوانن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مقابلن دوران 6 زخمين سميت 9 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس شهر جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ پوليس مقابلن ۾ 6 زخمي ڦورن سميت 9 جوابدار بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پ پ پاران جماعت اسلاميءَ جي الاقصيٰ ملين مارچ ۽ غزا يڪجهتي ۾ شرڪت جو اعلان

پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي هدايت جي روشنيءَ ۾ اهڙو فيصلو ڪيو ويو

اقوام متحده غزا لبنان ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت روڪڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي سنڌ پاران جماعت اسلاميءَ جي الاقصيٰ ملين مارچ ۽ غزا يڪجهتي ۾ ڀرپور شرڪت جو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ملتان: برطانوي ڪرڪيٽ ٽيم جا رانديگر ملتان ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ وارم اپ ڪري رهيا آهن

سنڌ سرڪار پاران ڊسمبر ۾ گرين لائن بس سروس جو ڪاروهنوار سنڀالڻ لاءِ تياريون مڪمل

ڪراچي ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس ٿيو

وفاقي سرڪار پاران گرين لائن منصوبو ڊسمبر 2024 ۾ سنڌ سرڪار حوالي ڪيو ويندو: صوبائي وزير

سنڌ سرڪار جي پبلڪ ٽرانسپورٽ وارن منصوبن جي ڪري عوام سک جو ساهه کنيو آهي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت ڊسمبر 2024 ۾ گرين لائن بس سروس سنڌ حڪومت حوالي ڪري ڇڏيندي، سنڌ سرڪار گرين لائن بس سروس جو ڪاروهنوار سنڀالڻ لاءِ تياريون مڪمل ڪري بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ادب ذريعي معاشري ۾ عدم برداشت کي ختم ڪري سگهجي ٿو: يوسف رضا گيلاني

ڊاڪٽر ناصر حسين بخاري کي محبت سان ڀرپور ڪتاب لکڻ تي مبارڪون ڏيان ٿو

ليکڪن جي حقن جي تحفظ لاءِ ان کي مناسب فورم تي اٿارينداسين: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان جي آئين ۾ 63 اي کي ضياءَ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري کجور جي نمائش ڏسي رهيو آهي

فيصل آباد: زال ۽ سهري کي قتل ڪندڙ جوابدار کي ٻه ڀيرا موت جي سزا جو حڪم

فيصل آباد جي ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ ٻٽي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالت زال ۽ سهري جي قاتل جي جوابدار کي ٻه ڀيرا موت جي سزا جو حڪم ڏنو

مقامي عدالت پاران مقتولن جي وارثن کي پنج لک رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو به حڪم

فيصل آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيصل آباد جي ايڊيشنل سيشن جج ٻٽي قتل ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو فيصل آباد جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي صدر عارف علوي جي ڊينٽل ڪلينڪ سيل ڪرڻ خلاف داخل درخواست ٻڌڻي لاءِ منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران کيرٿر نيشنل پارڪ تي غير قانوني قبضو ختم ڪرڻ جو حڪم

عدالت ۾ پروفيسر رحمان گل پالاري ۽ حفيظ بلوچ غير قانوني قبضن خلاف درخواست داخل ڪئي

عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي معاملي بابت جواب گهري ورتو

سيڪريٽري ثقافت ۽ وائلڊ لائيف کي 21 آڪٽوبر تي پيش ٿي تفصيلي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ کيرٿر نيشنل پارڪ تي غير قانوني قبضو ختم ڪرڻ بابت حڪم ڏئي ڇڏيو ڪراچي ۾ ريتي ۽ بجري جي غيرقانوني مائننگ، وڻن جي ڪٽائي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 ڀڄي ويو

جو چيلينج ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻ فردوس شميم نقوي ڊي چوڪ پهچڻ تي پوليس کي ڏسندي ئي ڀڄي ويو پوليس اهلڪار کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس پويان ڊوڙندا رهيا پر هو ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو رپورٽ موجب احتجاج جي لاءِ ڊي چوڪ ويندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻ فردوس شميم نقوي پوليس کان بچڻ جي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اهلڪار سندس پٺيان ڊوڙندا رهيا ان حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته فردوس شميم نقوي ايڪسپريس چوڪ پهتو ته پوليس کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌي ته هو پوليس کي ڏسندي ڀڄي ويو پوليس جيئن ئي فردوس شميم نقوي جي گرفتاري لاءِ اڳيان وڌي ته هو فورن گاڏي ۾ ويٺو ۽ گاڏي تيزي سان ڊوڙائي ڀڄي وڃڻ ۾ فرار ٿي ويو پوليس جي وڏي نفري مقرر هجڻ جي باوجود هو آساني سان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

بقايا 2 پاڪستان

والاريل فلسطين ۾ انساني حقن جي صورتحال تي يو اين ايڇ سي آر جي مباحثي کي خطاب ڪندي پرڏيهي سيڪريٽري آمنہ بلوچ عالمي قانون کي برقرار رکڻ جي فوري ۽ لازمي ضرورت تي پاڪستان جو مستقل موقف پيش ڪيو خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن علائقائي امن سلامتي ۽ ان جي ساک کي شديد خطرو هجي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سمورا انساني حق خودمختياري مان نڪرن ٿا جيڪي گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي انساني حقن جي قانون ۾ لکيل آهن هن چيو ته اسرائيل جو غيرقانوني قبضو ختم ٿيڻ گهرجي ۽ نسل ڪشيءَ ۽ نسل پرستي کي روڪڻ جي لاءِ فلسطيني عوام جي خودمختياري جي حق جو احساس هجڻ گهرجي. پرڏيهي سيڪريٽري 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل هڪ قابل عمل خودمختيار ۽ متصل فلسطيني رياست جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل حمايت جو ورجاءُ ڪيو جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي ٻئي طرف وفاقي حڪومت سڄي ملڪ ۾ 7 آڪٽوبر تي غزه ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي ظلم ۽ ڏاڍ جي شڪار معصوم مسلمان ڀينرن ڀائرن سان يڪجهتي جو ڏهاڙو ملهائڻ ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ميزباني ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي قيادت ۾ جماعت اسلامي جي وفد جي وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ٿي ملاقات ۾ موجوده سياسي پارٽين جو غزه ۽ فلسطينين سان قومي سطح تي يڪجهتي جي اظهار جو فيصلو ڪيو ويو ملاقات ۾ غزه ۽ فلسطين ۾ معصوم فلسطينين تي جاري ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز اٿارڻ ۽ فلسطيني ڀينرن ڀائرن جي حق ۾ آواز اٿارڻ جي لاءِ وزيراعظم جي ميزباني ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ملاقات ۾ 7 آڪٽوبر تي سڄي ملڪ ۾ غزه ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي ظلم ۽ ڏاڍ جي شڪار معصوم مسلمان ڀينرن ڀائرن جي لاءِ يڪجهتي جو ڏهاڙو ملهائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو ان موقعي تي فلسطين يڪجهتي ڏهاڙي ۽ آل پارٽيز ڪانفرنس جي لاءِ ڪميٽي ٺاهڻ جي منظوري ڏني وئي ڪميٽي ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، شيري رحمان، خواجه سعد رفيق ۽ نيئر بخاري شامل هوندا ملاقات ۾ اتفاق ڪيو ويو ته 7 آڪٽوبر تي سڄي پاڪستان ۾ فلسطيني ڀينرن ڀائرن سان يڪجهتي ۽ انهن تي جاري اسرائيلي ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز اٿارڻ جي لاءِ ميڙاڪا ۽ سيمينار منعقد ڪيا ويندا

بقايا 3 خامنائي

ڏيندي زور ڏنو آهي ته هر ملڪ کي جارحيت جي خلاف دفاع جو حق حاصل آهي فلسطيني حق تي آهن اسان انهن سان گڏ آهيون مسلمان ملڪن کي گڏ ٿيڻو پوندو 5 سالن کان پوءِ جمعي جو خطبو ڏيندي آيت الله علي خامنائي چيو ته مسلمان مظلوم ماڻهن سان يڪجهتي جو اظهار ڪن هي وقت انهن جي گڏ ٿيڻ جو آهي آيت الله خامنائي جنوري 2020 تي آخري ڀيرو جمعي جي نماز جي امامت ڪئي هئي هن چيو ته مسلمان قومن کي افغانستان کان يمن ايران کان غزه ۽ لبنان تائين دفاعي لائين ٺاهڻي پوندي جهڙي طرح 7 آڪٽوبر جو حملو جائز هو

بقايا 4 ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ

تبديل ڪرائڻ حرام آهي ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ جبري مذهب تبديلي بابت ايم ڪيو ايم جي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر مهيش ڪمار جي سوال جو جواب ڏئي ڇڏيو گذريل ڏينهن ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ گورنر هائوس ڪراچي ۾ ليڪچر ڏنو جنهن دوران ايم پي اي مهيش ڪمار جي سوال جو جواب ڏيندي هن چيو ته اسلام ۾ مذهب جي جبري تبديلي حرام آهي ڌمڪي يا هٿيار ڏيکاري مذهب تبديل ڪرائڻ حرام آهي ڊاڪٽر ذاڪر جو چوڻ هو ته ڪو به محبت يا چاهت ۾ اسلام قبول ڪري ٿو ته اهو افضل ناهي پر اسلام ۾ داخل ٿي سگهي ٿو اسان ڪنهن جي نيت بابت نٿا ڄاڻي سگهون ڪهڙي خبر هو اڳتي هلي عام مسلمان کان وڌيڪ هڪ سٺو مسلمان بڻجي وڃي ياد رهي ته ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ حڪومت جي دعوت تي پاڪستان آيو آهي هو ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ مختلف ميڙاڪن کي خطاب ڪندو ۽ ملڪ جي اهم شخصيتن سان ملاقاتون پڻ ڪندو

بقايا 5 نوٽيفڪيشن جاري

سهڪار تنظيم (ايس سي او) جي سربراهي اجلاس لاءِ وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ فوج جي مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن موجب، فوج آرٽيڪل 245 تحت ايس سي او سمٽ دوران سيڪيورٽي جون ذميواريون سنڀاليندي ۽ فوج ايس سي او سربراهي اجلاس دوران اسلام آباد ۾ 17 آڪٽوبر تائين مقرر رهندي نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اسلام آباد ۾ فوج جي مقرري پنج آڪٽوبر کان 17 آڪٽوبر تائين هوندي

بقايا 6 ڪانفرنس سڏائي وئي

ورتي. وزيراعظم شهباز شريف آل پارٽيز ڪانفرنس طلب ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ملڪ جي موجودا سياسي ۽ معاشي صورتحال تي غور ويچار ڪيو ويندو آل پارٽيز ڪانفرنس 7 آڪٽوبر تي اسلام آباد ۾ ٿيندي جنهن ۾ ملڪ جي سمورين پارٽين کي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي

بقايا 7 گنڊاپور

حڪم ڪندو انهي تي عمل ڪندس احتجاج کي روڪرائڻو آهي ته قيدي نمبر 804 سان رابطو ڪيو وڃي اسان هر صورت ۾ ڊي چوڪ تي پهچنداسين نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي علي امين گنڊاپور چيو ته هر صورت ۾ ڊي چوڪ تي پهچنداسين اڪيلو به رهجي ويس تڏهن به اتي پهچندس اسان جو پرامن احتجاج آهي تشدد ڪيو ويو ته ذميوار تشدد ڪندڙ پاڻ هوندا انهي کان اڳ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ پشاور ۽ ڪيبر جي پارٽي عهديدارن ۽ اسيمبلي ميمبرن شرڪت ڪئي

بقايا 8 وڏو وزير

بهترين ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته ملڪ ۾ ڪجيءَ جي بهترين پوک ڪئي پئي وڃي. ڪجيءَ کي ٻاهر اماڻڻ سان هو بهترين ناڻو ڪمائي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ ڪجي جي اعليٰ معيار جا قسم ملي رهيا آهن سنڌ جي وڏي وزير چيو ته زراعت جو شعبو ملڪ جي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو آبادگارن لاءِ قدم زراعت جي بهتري لاءِ اٽل آهن مراد علي شاهه چيو ته آبادگار خوشحال ٿيندا ته پاڪستان خوشحال ٿيندو عالمي مارڪيٽ ۾ ملڪ جو معيار بهتر ٿيندو پيو وڃي. هن چيو ته پاڪستان ۾ ڪجيءَ جي پيداوار ۾ سنڌ 57 سيڪڙو سان سرفهرست آهي پاڪستان ڪجين جي پيداوار ۾ پنجون وڏو ۽ ٽيون وڏو برآمد ڪندڙ ملڪ آهي پر عالمي سطح تي پاڪستاني ڪجين جو آگهه ناهي ان لاءِ برساتن کي برداشت ڪندڙ ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ قسمون پوکيون پونديون جديد ٽيڪنالاجي کي پڻ اپنائڻو پوندو وڏي وزير اها ڳالهه سنڌ ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ پاڪستان جي بهترين انٽرنيشنل ڊيٽ فيسٽيول جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي هن فيسٽيول ۾ شرڪت ڪندڙ مقامي ۽ عالمي هارين ۽ واپارين جي ڪوشش کي ساراهيو مراد علي شاهه ڪجين جي وڪڻڪاري جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته سڄي دنيا ۾ ان کي نقد فصل سمجهيو ويندو آهي هي هڪ غذائي ۽ معاشي لحاظ کان اهم فصل آهي. هن ٻڌايو ته پاڪستان ۾ 252000 ايڪڙن تي ڪجور پوکيل آهن 2022ع ۾ 7 لک 30 هزار ٽن پيداوار سان پاڪستان عالمي ڪجيءَ مارڪيٽ جو هڪ اهم پائيوار بڻجي ويو آهي وڏي وزير ڪجيءَ جي پيداوار ۾ سنڌ جي نمايان ڪردار تي فخر ڪندي چيو ته پاڪستان جي ڪل پيداوار جو 57 سيڪڙو سنڌ پيدا ڪري ٿي بلوچستان ساڍا 33 سيڪڙو پيداوار سان ٻئي نمبر جڏهن ته خيبرپختونخواهه اڍائي سيڪڙو پيداوار سان ٽئين نمبر تي آهي سنڌ ۾ خيرپور مختلف قسمن جي ڪجين جو مرڪز آهي جتي اصيل سميت 300 کان وڌيڪ قسمين ڪجور پوکيا وڃن ٿا قومي پيداوار ۾ اصيل جو حصو 70 سيڪڙو آهي بلوچستان ۾ بيگم جنگي ۽ مضافاتي مشهور قسم آهن جڏهن ته خيبرپختونخواهه ۾ ڍڪي قسم مشهور آهن سنڌ جي وڏي وزير اميد ظاهر ڪئي ته ڪن ڏينهن وارو فيسٽيول ڄاڻ جي ڏي وٺ ۽ پائيدار زراعت کي يقيني بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو هن چيو ته حڪومت زراعت جا جديد طريقا تيار ڪرڻ ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ پاڪستان جو ڪردار وڌائڻ لاءِ عالمي پائيوارن خاص طور تي گڏيل عرب امارات سان تعاون ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي مراد علي شاهه چيو ته خليجي ملڪن جي طرز تي نيشنل فوڊ سيڪيورٽي اينڊ ريسرچ واري وزارت زرعي تحقيقاتي ڪائونسل ذريعي ٿر ريگستان ۾ ڪجور جي پوک شروع ڪئي آهي ڪيترن ئي تجربن کانپوءِ ڪجيءَ جي 38 قسمن جي نشاندهي ڪئي وئي جن مان 8 وڏي پيماني تي پوکڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي

بقايا 9 نثار کهڙو

شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هٿڙي باءِ پاس وٽ وڏو جلسو ۽ ريلي ڪڍي ويندي هن چيو ته جمهوريت جي جلسو ڪرڻ جمهوريت ۾ حسن آهي هن وقت پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سڀ کان وڌيڪ سيٽون کٽيون آهن پوءِ اهي بلدياتي هجن يا قومي يا صوبائي سيٽون هجن اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏهاڙي پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ پيپلزپارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سيد وقار مهدي، پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر ۽ صوبائي وزير سعيد غني جنرل سيڪريٽري جاويد ناگوري، سينيئر نائب صدر مرزا مقبول نجمي عالس ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري آصف خان شڪيل چوڌري سميت قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن سينيٽرن ڊپٽي ميئر سمورن ضلعن جي صدرن جنرل سيڪريٽرين، سينيئر وائيس پريزيڊنٽس انفارميشن سيڪريٽرين سمورن ٽائونز ۽ يوسيز جي چيئرمينن ۽ وائيس چيئرمينن سمورن ماتحت ادارن جي آفيسر سميت ٻيا پڻ موجود هئا اجلاس جي شروعات ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو ۽ شهيد ليڊر پارٽي جي سمورن عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي ثواب پهچائڻ لاءِ دعا گهري وئي اجلاس ۾ 18 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ عوامي ميڙ جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس کي خطاب ڪندي نثار احمد کهڙو چيو ته 12 مئي جي سانحي ۾ به ڪراچي اندر بيگناهه شهرين کي شهيد ڪيو ويو ۽ 18 آڪٽوبر جو سانحو به معصوم شهرين جي شهادت جو ڏهاڙو آهي. نثار احمد کهڙو چيو ته اڄ پيپلز پارٽي ڪراچي ۾ هر هنڌ موجود آهي اسان ڪراچي ۾ 104 يو سيز تي ڪامياب ٿيا آهيون ۽ هن وقت 25 ٽائونن مان 13 ٽائونن جا چيئرمين پيپلز پارٽي سان تعلق رکن ٿا. هن چيو ته اسان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بلدياتي يا قومي 2 صوبائي چونڊون وڙهيون آهن نثار احمد کهڙو چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي حيدرآباد ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اجلاس منعقد ڪري رهيا آهيون

بقايا 10 فوت

سالن جي طاهر اقبال ولد محمد اقبال جو لاش مليو آهي پوليس موجب فوتي جي موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو آهي. گلبرگ ٿاڻي جي حد نارٿ ناظم آباد جي علائقي موسي ڪالوني ۾ ضياء الدين اسپتال جي ڀرسان زيرِ تعمير پٽ ڪرڻ جي نتيجي ۾ ملبي هيٺان اچي 45 عبدالقادر فوت ٿي ويو. ڪلفٽن بلاڪ 5 ڪار ڊيل شوروم مان نسيم نالي شخص جو لاش مليو لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي نسيم چوڪيدار هو سندس موت نيچرل ٻڌايو پيو وڃي. ملير جي علائقي ميمڻ گوٺ واٽر بورڊ جي کوه مان 40 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش ايڌي بحري خدمت جي رضاڪارن ٻاهر ڪڍي ورتو آهي

بقايا 11 اعلان

تمام گهڻي گنجائش موجود آهي پاڪستاني ڪجين جي عالمي مارڪيٽ تائين مڪمل پهچ سان وڏي پيماني تي پرڏيهي مٽاسٽا حاصل ڪري سگهجي ٿي ڪامياب ميلو منعقد ڪرڻ تي منتظمين کي مبارڪباد ڏيان ٿو هن ميلي سان حصيداري ۽ تعاون جا نوان رستا کوليندا اهڙن خيالن جو اظهار هن بهترين انٽرنيشنل پاڪستاني ڊيٽ فيسٽيول جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو گورنر سنڌ شيخ منصور بن زيد النهيان جو شڪريو ادا ڪيو جنهن جي هدايتن تي اڄ ڪراچي ۾ بهترين ڪجين جو ميلو منعقد ڪيو ويو هن چيو ته فيسٽيول منعقد ڪرڻ تي پرڏيهي وزارت ذريعي يو اي اي جي صدر کي شڪريو خط لکندس هن وڌيڪ چيو ته فيسٽيول پاڪستان ۽ يو اي اي جي جذبي جو واضح عڪاسي آهي سنڌ جي گورنر ڪجين جي پوک ڪندڙن کي گورنر هائوس اچڻ جي دعوت ڏني ۽ سنڌن سهڪار لاءِ فيسليٽيشن ڪائونٽر قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ان سان وفاقي ادارن ۽ صوبي جي وچ ۾ رابطن ۾ مدد ملندي جنهن سان پاڪستاني تاريخن جي برآمد کي وڌيڪ هٿي ملندي

بقايا 12 پوزيشن ماڻي

آهن بورڊ جي وقتي ڊائريڪٽر ناظم ظهير الدين پٽو پاران جاري ڪيل نتيجن موجب سرڪاري اسڪول 27 سالن کانپوءِ امتحان ۾ بهترين پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي. ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي پاران جاري ڪيل نتيجن موجب دهلي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول ڪريم آباد جي شاگرد حافظ عبدالرفيع طارق ولد طارق محبوب 1100 مان 94.55 مارڪون حاصل ڪري 1040 مارڪون کڻي ٻئين نمبر تي آيو آهي ۽ ٽئين پوزيشن پرائيويٽ اسڪولن جي شاگردياڻين حاصل ڪئي دستياب رڪارڊ موجب هاڻي 27 سالن کانپوءِ هڪ سرڪاري اسڪول ميٽرڪ ۾ پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي ان کان اڳ 1996ع ۾ ساڳئي تعليمي اداري دهلي گورنمينٽ بوائز اسڪول گورنمينٽ اسڪول طور مئٽرڪ جي امتحان ۾ آخري پوزيشن حاصل ڪئي هئي جنهن کانپوءِ سرڪاري اسڪول ۾ تعليمي زوال پذير ٿيو هو شروع ٿيو ۽ پرائيويٽ اسڪولن پاران پوزيشنون وٺڻ جو سلسلو جاري رهيو واضح رهي ته بهترين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرد جو والد به دهلي گورنمينٽ بوائز اسڪول ۾ رياضي جو استاد آهي الخليل ماڊل اسڪول ملير جي شاگردياڻي روميسا عمران بنت محمد عمران 94.27 مارڪون کڻي 1037 مارڪون کڻي ٻيون جڏهن ته لٽل فوڪس اسڪول نارٿ ناظم آباد جي رخسار بنت عبدالله 93.18 مارڪون کڻي 1025 مارڪون کڻي ٽيون نمبر آيو ميٽرڪ سائنس گروپ جي امتحان ۾ ڪل 1 لک 63 هزار 12 اميدوارن رجسٽريشن حاصل ڪئي امتحان ۾ 933 اميدوار غير حاضر رهيا ۽ 1 لک 62 هزار 26 اميدوارن امتحان ۾ حصو ورتو جن مان 1 لک 31 هزار 614 اميدوار ڪامياب قرار ڏنا ويا ڪاميابي جي شرح 81.24 سيڪڙو هئي جاري ڪيل نتيجن موجب اي ون گريڊ ۾ 23 هزار 943 اميدوار ڪامياب ٿيا اي ون گريڊ ۾ 45 هزار 357 اميدوار ۽ بي گريڊ ۾ 37 هزار 595 اميدوار ڪامياب قرار ڏنا ويا 20 هزار 837 اميدوار سي گريڊ ۽ 4 هزار 31 اميدوار ڊي گريڊ جڏهن ته 25 اميدوار اي گريڊ ۾ پاس ٿيا امتحان ۾ 76 هزار 831 شاگردياڻين ۽ 85 هزار 195 مرد شاگردن شرڪت ڪئي جن مان 63 هزار 767 شاگردياڻيون ۽ 67 هزار 847 مرد شاگرد ڪامياب ٿيا امتحان ۾ 8 هزار 327 مرد شاگرد جڏهن ته 15 هزار 616 شاگردياڻين اي گريڊ سان پاس ڪيو اهڙي طرح 22 هزار مرد شاگردن ۽ 23 هزار 357 شاگردياڻين اي گريڊ حاصل ڪيو 21 هزار 99 شاگردن ۽ 16 هزار 496 شاگردياڻين بي گريڊ حاصل ڪيو جڏهن ته 14 هزار 416 شاگرد ۽ 7 هزار 421 شاگردياڻين سي گريڊ حاصل ڪيو

بقايا 13 گرفتار

مهينن جي حمل سان ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ زيادتي جو نشانو بڻيل ڇوڪري حرمت چوهاڻ ولد گوهر چوهاڻ ٻڌايو ته صدرو ماڇي مون کي ڪوڙا خواب ڏيکاري شادي جو آسرو ڏئي مون سان جنسي واسطا رکيا ان کان پوءِ سندس دوستن رمضان چانڊيو ۽ نادر سابقي پڻ مون کي هوس جو نشانو بڻائيندا رهيا

بقايا 14 مراد علي شاهه

سامهون اچڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي صوبي مان پوليو جي خاتمي لاءِ پنهنجي عزم کي ورجايو آهي اجلاس جمعي ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزيرن ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو سعيد غني چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ ايڊيشنل آءِ جي پوليس عمران يعقوب، صوبائي سيڪريٽرين، ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ڊي سيز وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ جي ڪوآرڊينيٽر ارشاد علي سوڍر پوليو جي موجوده صورتحال ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪيل ڪوشش بابت بريفنگ ڏني اجلاس کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ هلندڙ سال پوليو جا 7 ڪيس سامهون آيا آهن ڪراچي ۾ 3، حيدرآباد ۾ 2 جڏهن ته سجاول ۽ شڪارپور ۾ هڪ هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو جنهن تي سنڌ جي وڏي وزير هر ٻار کي پوليو جي خطري کان بچائڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏنو وڏي وزير صحت واري صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو ۽ مڪاني ادارن واري وزير سعيد غني کي هدايت ڪئي ته پوليو مهم کي مقامي چونڊيل نمائندن جي مدد سان مضبوط ڪيو وڃي ته جيئن پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار جي ڪيسن کي منهن ڏئي سگهجي سيڪريٽري صحت رحيم بلوچ، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ خالد حيدر شاهه ۽ ڪمشنرن پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ پوليو جي خاتمي بابت ڪيل قدمن ۽ مسئلن بابت رپورٽ پيش ڪئي صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو آگسٽ ۾ آيف آءِ پي وي ويڪسين جي اڳڀرائي ۽ سيپٽمبر ۾ ايس اين آءِ ڊي مهم بابت آگاهي ڏيندي چيو ته ان دوران سڄي صوبي ۾ 94 لک ٻارن کي ڪاميابيءَ سان ويڪسين ڪئي وئي وڏي وزير ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي موجودگي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ٻارن کي ان موذي مرض کان بچائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ايڊيشنل آءِ جي عمران يعقوب پوليو ورڪرن کي سخت حالتن باوجود هر ٻار تائين پهچڻ لاءِ سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه پوليو خلاف مهم ۾ هر ممڪن سهڪار جو عزم ورجايو ۽ ان ڳالهه کي ورجايو ته پوليو جي خاتمي لاءِ حڪومت جو عزم آهي

بقايا 15 شرڪت جو اعلان

اعلان ڪيو ويو آهي اهڙو اعلان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پاران چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي هدايت جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويو آهي جمعي ڏينهن پنهنجي جاري هڪ بيان ۾ نثار کهڙو چيو آهي ته پيپلز پارٽي غزا فلسطين ۽ لبنان سان يڪجهتيءَ لاءِ جماعت اسلاميءَ جي الاقصيٰ ملين مارچ جي حمايت ڪري ٿي ان ڏس ۾ پيپلز پارٽي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن 6 آڪٽوبر تي شاهراهه فيصل ڪراچيءَ ۾ جماعت اسلامي پاران اسرائيلي جارحيت خلاف الاقصيٰ ملين مارچ ۾ شرڪت ڪندا جڏهن ته 7 آڪٽوبر تي غزا يڪجهتي ۾ پڻ شرڪت ڪئي ويندي

بقايا 16 گرفتار

کي گرفتار ڪري هٿيار ۽ ڦريو سامان هٿ ڪري ورتو عيد گاه ٿاڻي جي پوليس مطابق عيد گاه اورنگزيب مارڪيٽ پرسان بلوچ پارڪ لڳ پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڦورو عديل ولد محمد اقبال زخمي حالت ۾ پوليس گرفتار ڪندي پسٽول گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي سهراب گوٺ ٿاڻي جي پوليس موجب جنت گل ڪائون نئي ڪناري پرسان اڳصف لڳ پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ پوليس مقابلي ۾ پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڦورو روشن علي کوسو ولد عاشق علي کي زخمي حالت ۾ پوليس گرفتار ڪري پسٽول گوليون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي قائد آباد ٿاڻي جي پوليس مطابق قائد آباد جي علائقي مسلم گرائونڊ اسپتال چورنگي لڳ پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ مقابلي دوران پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ زخمي ملزم بابر ولد محمد يعقوب ۽ ٻن ساٿين ذيشان ۽ خاور سميت گرفتار، پوليس قبضي مان 2 پسٽول گوليون، ڦر ڪيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي

بقايا 17 بئريسٽر سيف

پنهنجي بيان ۾ بئريسٽر سيف چيو ته پرامن ساٿين کان نون ليگ ڊپل ڇو آهي؟ وفاق ۽ پنجاب حڪومت جو خوف سمجهه کان ٻاهر آهي. هن الزام لڳائيندي چيو ته پرامن احتجاج ۾ نون ليگي هٿيار بند ڪارڪنن جي شامل ٿيڻ جا ثبوت مليا آهن سندس چوڻ هو ته سياست کي سياسي ادارن تائين محدود رکڻ گهرجي. شريف خان مان چوڪيدار اڪثر آهي

بقايا 18 اسلام آباد/گرفتار

پڪڙ ڌڪڙ ڪرڻ تي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڀينرن سميت ڄاڻن شهرن مان اٽڪل 100 کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي برهان انٽرچينج وٽ ڪي پي ڪي مان آيل قافلن ڊي چوڪ ۽ فيض آباد وٽ پوليس پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن تي شيلنگ ڪندي ڪيٽي مظاهرين کي گرفتار ڪري ورتو مختلف هنڌن تي ڪنٽينر بيهاري روڊ رستا بلاڪ ڪيا ويا، پوليس جي اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو چيرنگ ڪراس چوڪ ٻنهي پاسن کان رڪاوٽون رکي بند ڪيو ويو پوليس موجب ريڊ زون ۾ داخلا لاءِ مارگلا رئوف وڪان واحد رستو کليل رهيو ڪنهن به شاهراهه وڪان ڪٽي به مظاهرين گڏ نه ٿيا فيض آباد تي چوڪ ڪنا پل سڪسٿ روڊ ڊبل روڊ ۽ نائنٿ ايونيو تي ڪنٽينر بيهاري رستن کي بند ڪيو ويو پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران اسلام آباد ويندڙ شهرين ۽ ملازمن کي شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ موبائيل فون سروس بند رهي ۽ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي آهي

بقايا 19 گرفتار

عمران خان جي ڀينرن عليمه خان ۽ عظميٰ خان کي ڊي چوڪ تان گرفتار ڪيو ويو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان ڊي چوڪ تي احتجاج جو اعلان ڪيو ويو آهي ۽ مختلف جاين تي پوليس ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ڇڪتاڻ جاري آهي ٻئي پاسي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڀينرن عليمه خان ۽ عظميٰ خان کي ڊي چوڪ تان گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا 20 ضمانت منظور

پختونخوا جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي 2 ڪيسن ۾ 25 آڪٽوبر تائين راهداري ضمانت منظور ڪري ورتي هن گرفتاريءَ جي خدشي کي نظر ۾ رکندي راهداري ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪئي هئي پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اشتياق ابراهيم لاهور جلسي ۽ راولپنڊي احتجاج کانپوءِ داخل 2 ڪيسن ۾ وڏي وزير جي راهداري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

بقايا 21 وفاقي حڪومت

چيو ته ملائيشين وزيراعظم جي اچڻ سان اسان جي معيشت ۾ بهتري ايندي هتان کان ملائيشيا گوشت ايڪسپورٽ ڪيو ويندو اهڙي طرح چانورن جي به ايڪسپورٽ وڌائي ويندي هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ آءِ ٽي ۽ اي آءِ جي معاملن کي هٿي ڏني ويندي، شروعاتي طور تي هڪ لک ٽن چانور ۽ 200 ملين ڊالر جو گوشت پاڪستان کان ملائيشيا ايڪسپورٽ ڪيو ويندو اطلاعات واري وزير چيو ته ٻاهرين وفدن جو پاڪستان اچڻ واپار کي هٿي ڏيڻ جا اعلان ملڪ جي لاءِ بهتر ثابت ٿي رهيا آهن. سعودي عرب جي اعليٰ سطحي وفد جو به جلد اچڻ جو امڪان آهي شنگهائي ڪانفرنس پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيڻ واري آهي جنهن ۾ 12 ملڪن جا سربراهه پاڪستان ايندا هن چيو ته اسان جي حڪومت ۾ ٽيڪس فائلرز ٻيڻا ٿي ويا آهن انهي اضافي سان ٽيڪس ڪليڪشن وڌيڪ ٿيندي ايندڙ ڏينهن ۾ فائلرز جو وڌيڪ انگ وڌندو اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ به روزاني رڪارڊ ٺهجي رهيو آهي مهانگائي گهٽ ٿيڻ شروع ٿي وئي آهي وياج جي شرح به هيٺ اچي وئي آهي پيٽرول گهٽ ٿيو آهي، ايڪسپورٽ 14 سيڪڙو وڌي وئي واپاري خسارو گهٽ ٿيو آهي اهو سڀ ڪجهه معاشي بهتري جا اشارا آهن هن چيو ته سي پيڪ جي شروعات تي پي ٽي آءِ باني عمران خان ڊرڪو هئيس

بقايا 22 واکاڻ

پاڪ فوج جي پيشيوارانه مهارت جي تعريف ڪئي آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف ۽ ملائيشين وزيراعظم جي ملاقات ۾ ٻطرفي اسٽريٽجڪ انٽرسٽ، علائقائي سلامتي ۽ دفاعي تعاون تي ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي وئي جڏهن ته انهي دوران پاڪستان ملائيشيا ٻطرفن لاڳاپن خاص طور تي فوجي لاڳاپا وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آءِ ايس پي آر ٻڌايو آهي ته ملائيشيا جي وزيراعظم علائقائي امن ۽ استحڪام ۾ پاڪ فوج جي ڪردار ۽ دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ به پاڪستاني فوج جي پيشيوارانه مهارت جي تعريف ڪئي ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي قربانين جو اعتراف ڪيو

بقايا 23 وزيراعظم

لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جي شروعات قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي ملائيشيا سان واپار جي فروغ سان ملڪي روانگي واپار ۾ اضافو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا اسان ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم جي پاڪستاني عوام ۽ حڪومت جي لاءِ نيڪ خواهشن تي دل سان ٿورائتا آهيون. ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ملائيشيا جو وزيراعظم انور ابراهيم پنهنجو پاڪستان جو ٽن ڏينهن جو دورو مڪمل ڪري ملائيشيا روانو ٿي ويو وزيراعظم محمد شهباز شريف، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم ۽ سندس وفد کي نور خان ايئربيس تي الوداع ڪيو ان موقعي تي ملائيشيا جي وزيراعظم کي سندس ٽن ڏينهن جي دوري جي تصويرن تي ٻڌل البم پڻ پيش ڪيو ويو وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ پراڻا پائيدار لاڳاپا آهن جيڪي ڀائپي تي ٻڌل آهن. ملائيشيا جي وزيراعظم سان پاڪ – ملائيشيا لاڳاپن جي وڌيڪ مضبوطي تي اتفاق ٿيو هن چيو ته ملائيشيا جو وزيراعظم علامه اقبال جو مداح آهي جيڪا پاڪستان جي لاءِ فخر جي ڳالهه آهي ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم جي پاڪستاني عوام ۽ حڪومت جي لاءِ سٺن لفظن ۽ نيڪ خواهشن تي دل سان ٿورائتا آهيون. وزيراعظم چيو ته پاڪ ملائيشيا بزنس فورم ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار جي فروغ تي مثبت اڳڀرائي ٿي پاڪستان جي ملائيشيا سان واپار جي فروغ سان ملڪي روانگي واپار ۾ اضافو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا هن چيو ته ملائيشيا جي وزيراعظم جو پاڪستان جو دورو پاڪ – ملائيشيا لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جي شروعات ثابت ٿيندو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ مفاهمتي يادداشتن ۽ معاهدن جي متاسنا ٿي وزيراعظم چيو ته پاڪستان سان ملائيشيا کي پراسيسڊ گوشت ۽ چانور جي برآمدات ۾ اضافي ۽ طريقيڪار کي آسان بڻايو ويندو

بقايا 24 سينيٽر شيري رحمان

پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته تحريڪ انصاف ملڪي مفادن کي پنهنجي سياست جي ور چاڙهي رهي آهي ڪي پي ڪي حڪومت پنهنجو تماشو بڻائڻ بجاءِ پنهنجي صوبائي معاملن جي حل لاءِ ڪم ڪري. ڪالهه پي ٽي آءِ کي اسلام آباد ۾ احتجاج جي سڏ تي رد عمل جو اظهار ڪندي هن چيو ته اڄ وري تحريڪ انصاف جي انتشار وارن مظاهرن ۽ جلسن سبب اسلام آباد جو ڦيٿو بند آهي ملائيشيا جي وزيراعظم جي گاديءَ واري هنڌ اسلام آباد ۾ موجودگي باوجود اسلام آباد تي حملي جو اعلان مذمت جوڳو آهي هن چيو ته هلندڙ مهيني اسلام آباد ۾ شنگهائي سهڪار تنظيم جو سربراهي اجلاس به ٿيڻو آهي

بقايا 25 خواجه آصف

تي حملو نٿو ڪري سگهي پنهنجي هڪ بيان ۾ دفاع واري وزير خواجه آصف چيو ته اسرائيل پاڪستان تي حملو نٿو ڪري سگهي اسرائيل پي ٽي آءِ باني جي ذريعي اسان تي حملي آور آهي، پي ٽي آءِ باني يهودي لابي جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيو آهي اسرائيل جو ايجنڊا پي ٽي آءِ باني پورو ڪري رهيو آهي هن چيو ته 2014 ۾ سي پيڪ تي صحيحون ٿي رهيون هيون ته ان وقت به پي ٽي آءِ باني حملي آور هو هاڻ ٻيهر هن شنگهائي تعاون تنظيم اجلاس تي احتجاج شروع ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 26 وفاقي گهرو وزير

اجازت نٿا ڏئي سگهون ويڙهه ۾ ڏسي سگهو ٿا ته احتجاج ۾ شرڪت لاءِ ايندڙن وٽ هٿيار آهن اسان جي جيتري به فورس آهي انهن مان ڪنهن وٽ به هٿيار نه آهي اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته ڪي پي ڪي جي وڏي وزير طرفان اسلام آباد تي حملو ٿي رهيو آهي. گنڊاپور کي سوچڻ گهرجي هو ڇا ۽ ڇو ڪري رهيو آهي. گهرو وزير محسن نقوي چيو ته احتجاج ڪرڻ وارا ٻيهر غور ڪن جلسا جلوس هر پاڪستاني جو حق آهي پر هي جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن اهو طريقيڪار غلط آهي رستن جي بندش سبب شهرين کان معذرت خواهه آهيون ٻاهر کان آيل مهمانن جي سيڪيورٽي اهم آهي هن چيو ته اسان ڪالهه به درخواست ڪئي هئي ته هن وقت جلسا ۽ احتجاج نه ڪريو جلسا جلوس هر پاڪستان جو حق آهي پر هي جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن اهو طريقيڪار غلط آهي. اسلام آباد پوليس ۽ انتظاميه پنهنجو ڪم پورو ڪندي، اسان انهي شيءِ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون. سموري صورتحال اوهان جي سامهون آهي هن چيو ته مهمانن کي يقين ڏياريان ٿو ته اوهان محفوظ ملڪ ۾ آيا آهيو جيڪي به ماڻهو احتجاج جو سوچي رهيا آهن اهي هڪ دفعو ٻيهر سوچين ايس پي کان علاوه هتي هڪ به پوليس اهلڪار وٽ هٿيار نه آهي گهرو وزير وڌيڪ چيو ته اسان اڳ ئي درخواست ڪئي هئي ته هن وقت جلسا ۽ جلوس نه ڪريو

بقايا 27 پاسنگ آئوٽ پريڊ

جي پاسنگ آئوٽ پريڊ تقريب ٿي. ڪورس مڪمل ڪندڙ اهلڪارن پاران حاصل ڪيل تربيت جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو. تقريب جي مهمان خاص آءِ جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ کي اهلڪارن پاران سلامي پيش ڪئي وئي. جڏهن ته آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ نئين تعمير ٿيل آڊيٽوريم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪندي چيو ته پاس آئوٽ ڪندڙ سمورن اهلڪارن کي مبارڪباد ڏيان ٿو. آءِ جي سنڌ چيو ته شهيد بينظير ڀٽو ايلٽ ٽريننگ سينٽر ملڪ جو بهترين سينٽر آهي جتي اهلڪارن کي جديد ۽ بهترين تربيت ڏني وڃي ٿي. پاس آئوٽ ڪندڙ اهلڪار پنهنجن علائقن ۾ وڃي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائيندا. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ وڌيڪ چيو ته مونکي هتي اچي اهلڪارن جي تربيت ڏسي خوشي ٿي رهي آهي ايگليٽ ڪورس جي ٻن بيچ جي اهلڪارن پاران تربيت حاصل ڪري پنهنجي يونٽ کي جوائن ڪندا مونکي يقين آهي اڄ جيڪو حلف کنيو آهي ان جي پاسداري ڪندا. پاڪستان ۾ سيڪيورٽي اهم هجي ٿي. اهلڪار سيڪيورٽي جي ذميواري بهتر نموني نڀائيندا. جڏهن بهتر پرفارمنس هوندي ته سڀ تعريف ڪندا بهتر نه هوندي ته طنز ڪندا. هي دستو بهتر ڪم ڪندو ته اسانکي خوشي ٿيندي. آءِ حڪومت وٽ ڪم لاءِ وڃان ٿو ته اوهانجي بهتر پرفارمنس بهتر هوندي ته ڪم آساني سان ٿي ويندا. سنڌ حڪومت ٽرينيز جي ڪينٽين لاءِ 40 ڪروڙ منظور ڪيا . سنڌ حڪومت انشورنس جي مد ۾ پوليس ۽ فيملي کي سٺي اسپتال مان علاج ڪرائي سگهندا. شهيد پيڪج تحت سينئر پوليس آفسر لاءِ ست ڪروڙ ملندا . مونکي يقين آهي ته امن امان لاءِ بهتر نتيجا ملندا. پوليس اسٽيشن بهتر هوندا ته ڪرمنل کي ٽف ٽائيم ملندو. ٿاڻن لاءِ سڌو سنئون فنڊ ملندو هاڻ هر ايس ايڇ او کي فنڊ ملندو. ٿاڻن کي بهتر بڻايو ويندو. اميد ته اوهان رول ماڊل بڻجندا ڪرمنل کي ٽف ٽائيم ڏيندا. امن امان کي بهتر بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار اداڪندا ان موقعي تي ڪمانڊنٽ ارم اعوان پڻ خطاب ڪيو

بقايا 28 تياريون مڪمل

ورتيون آهن ڪراچي ۾ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪمال حڪيم دائيو ٽرانس ڪراچي جي سي اي او شمائلا محسن ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ گرين لائين بس سروس جي آپريشنز جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي گرين لائين منصوبي تي تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي اجلاس ۾ گرين لائين منصوبي کي اورنج لائين سان ڳنڍڻ واري منصوبي تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. اجلاس ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ گرين لائين ۽ اورنج لائين کي ڳنڍڻ واري منصوبي کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون اجلاس ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ واري شعبي ۾ سنڌ سرڪار جي جاري آپريشن يوٽيلٽي سروسز ۽ گرين لائين بس سروس لاءِ سبسڊيز تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس جي موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ، ماس ٽرانزٽ، ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گرين لائين منصوبو ڪراچي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ واري نظام ۾ اهم جز آهي،وفاقي سرڪار پاران گرين لائين منصوبو ڊسمبر 2024 ۾ سنڌ سرڪار حوالي ڪيو ويندو. هن چيو ته سنڌ سرڪار چاهي ٿي ته گرين لائين ۽ اورنج لائين کي ڳنڍڻ وارو منصوبو ڊسمبر 2024 کان اڳ ئي مڪمل ٿي وڃي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته وفاقي حڪومت پاران گرين لائين جي آپريشنز لاءِ ساليانو 2 ارب رپين جي سبسڊي ڏني پئي وڃي، سنڌ سرڪار ان تي نظر ثاني ڪندي. گرين لائين منصوبو وفاق کان سنڌ سرڪار کي منتقل ٿيڻ بعد شهرين جي لاءِ ٽرانسپورٽ کي وڌيڪ اثرائتو ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ ان ۾ وڌيڪ بسون شامل ڪيون وينديون هن چيو ته اڳوٽ ئي جاري سنڌ سرڪار جي پبلڪ ٽرانسپورٽ وارن منصوبن جي ڪري عوام سک جو ساهه کنيو آهي پبلڪ ٽرانسپورٽ ڪراچي جو پراڻو مسئلو آهي. اسين چاهيون ٿا ته ٽرانسپورٽ جي نظام ۾ وڌ کان وڌ بهتري آندي وڃي ته جيئن عوام کي گهڻي کان گهڻو رليف ملي سگهي

بقايا 29 يوسف رضا گيلاني

الحق داخل ڪرايو هو اسان جي پارٽي جمهوريت کي هٿي ڏيڻ لاءِ حياتين جون قربانيون ڏنيون آهن مون چارٽر آف ڊيموڪريسي تي عملدرآمد ڪرايو ۽ 2/58 بي کي اسان ئي ختم ڪرايو هو سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڊاڪٽر ناصر حسين بخاري جي ڪتاب جي مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڊاڪٽر ناصر حسين بخاري کي محبت سان ڀرپور ڪتاب لکڻ تي مبارڪون ڏيان ٿو مختصر ڪهاڻين جو هي مجموعو واکاڻ جوڳو آهي سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ادب ذريعي معاشري ۾ عدم برداشت کي ختم ڪري سگهجي ٿو آئون پاڻ هڪ ڪتاب جو ليکڪ آهيان مون عوام جي خدمت ۾ جيل ڪاٽيو آهي مون غريبن کي نوڪريون ڏنيون نيب مون کي جيل ۾ وڌو مون کي ان تي ڪو به افسوس ناهي هن چيو ته پاڪستان جي آئين ۾ 63 اي کي ضياءُ الحق داخل ڪرايو هو اسان جي پارٽي جمهوريت کي هٿي ڏيڻ لاءِ حياتين جون قربانيون ڏنيون آهن مون چارٽر آف ڊيموڪريسي تي عملدرآمد ڪرايو آهي ۽ 2/58 بي کي اسان ئي ختم ڪرايو هو ملڪ جي خدمت ڪرڻ اسان جو اولين فرض ۽ ترجيح آهي ۽ عوامي خدمت لاءِ اسان کي جيل کان ڊپ نٿو لڳي سينيٽ چيئرمين چيو ته جنهن جج مون کي نااهل ڪيو هو مون کي ان فون ڪيو ته اوهان کي منهنجي ڌيءَ جي شادي ۾ اچڻو آهي. مون چيو ته ڌيئرون سڀني جون هڪجهڙيون هونديون آهن ۽ مون شرڪت پڻ ڪئي اسان جو جنهن خاندان سان تعلق آهي ان جو ڪم سياست ناهي تبليغ ۽ امن جو پيغام ڏيڻ آهي هن ڪتاب جي مهورتي تقريب جي سلسلي ۾ چيو ته علم ۽ ادب جي اهميت کي ڪنهن به دور ۾ گهٽ يا نظر انداز نٿو ڪري سگهجي علم ۽ ادب ذريعي ئي اسان زندگي جي مشڪلاتن ۽ آزمائشن جو مقابلو ڪري سگهون ٿا ۽ علم ۽ ادب اسان جي تاريخ جو رڪارڊ هوندو آهي سينيٽ چيئرمين چيو ته ڪهاڻيون شاعري ۽ نثر ذريعي ئي اسان پنهنجي سڃاڻپ کي محفوظ ۽ تبديلي کي اڳتي وڌائيندا آهيون ادب ئي اسان کي پنهنجي چوڌاري جي دنيا جو احساس ڏيارڻ ۾ مدد ڪري ٿو بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ اعليٰ تعليم اٽل آهي سيد يوسف رضا گيلاني ڊاڪٽر ناصر حسين بخاري جي ادبي ۽ غير معمولي لکڻي واري ذهانت کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ ڊاڪٽر ناصر حسين بخاري کي شاندار ڪاميابي تي دلي مبارڪون ڏنيون سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته اهڙيون تقريبون اسان کي معاشري ۾ ادب جي لازوال اهميت کي ياد ڏيارين ٿيون هن چيو ته ڊاڪٽر ناصر حسين بخاري جون ڪهاڻيون اسان کي هڪ اهڙي معاشري جو تصور ۽ جدوجهد ڪرڻ جي ترغيب ڏين ٿيون جتي اسان جا جواب حقيقت بڻجن هن چيو ته ڊاڪٽر ناصر ڪتابن جي رائلٽي بابت ڳالهه ڪئي آهي ۽ آئون اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته آئون ذاتي طور تي ان معاملي کي ڏسندس سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ليکڪن جي حقن جي تحفظ لاءِ ان کي مناسب فورم تي اٿاريندس

بقايا 30 سزا جو حڪم

ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ ٻٽي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران عدالت ڪيس جو فيصلو ٻڌايو عدالت فيصلو ٻڌائيندي زال ۽ سهري جي قاتل جوابدار کي ٻه ڀيرا موت جي سزا حڪم ڏنو ان کانسواءِ عدالت مقتولن جي وارثن کي پنج لک رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو به حڪم ڏنو واضح رهي ته جوابدار عثمان آگسٽ 2022 ۾ زال سهري کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو

بقايا 31 حڪم

درياهن ۽ واهن ۾ پاڻي جي قدرتي وهڪري ۾ رڪاوٽ وجهڻ پکين ۽ جانورن جو تحفظ، ناياب وڻن جي وڪري ۽ زمينن جي غيرقانوني الاٽمينٽ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي گذريل آئيني درخواست پروفيسر رحمان گل پالاري ۽ حفيظ بلوچ داخل ڪئي هئي جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جا نامور وڪيل سجاد احمد چانڊيو ڪاظم حسين مهيسر محمد عمران ڪلمتي عبيرا اشفاق، شڪيل احمد راڄپر معين مگسي رجب علي مغيري، عبدالجبار راڄپر حلاج علي مهيسر ۽ ٻيا شامل هئا عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي جواب گهري ورتو ۽ سيشن جج ملير کي مقرر ڪيو جڏهن ته سيڪريٽري ثقافت ۽ وائلڊ لائيف کاتي کي 21 آڪٽوبر تي پيش ٿي تفصيلي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا 32 ذميواريون سنڀالي ورتيون

آرٽيڪل 245 تحت اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي جون ذميواريون سنڀالي ورتيون ذريعن موجب گهرو وزارت آئين جي آرٽيڪل 245 تحت پاڪ فوج جي مقرري جو حڪم جاري ڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته اسلام آباد ۽ ڀرپاسي ۾ پاڪ فوج جي جوانن جي تعينات جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي، شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پاڪ فوج علائقي ۾ گشت شروع ڪري ڇڏيو آهي ذريعن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به شرپسند کي امن امان خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

بقايا 33 چنڊ نظر اچي ويو

ٻهرين ربيع الثاني اڄ 5 آڪٽوبر ڇنڇر تي ٿيندي ذوالحج جو چنڊ ڏسڻ لاءِ مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو چيئرمين مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت هيٺ اسلام آباد ۾ اجلاس ٿيو جڏهن ته لاهور ڪراچي پشاور ڪوئيٽا ۽ ٻين علائقن ۾ زونل ڪميٽين جا اجلاس ٿيا اجلاس کانپوءِ رويت هلال ڪميٽي سڄي ملڪ ۾ ربيع الثاني 1446هه جو چنڊ نظر اچڻ جو اعلان ڪندي چيو ته ملڪ ۾ ربيع الثاني 5 آڪٽوبر ڇنڇر تي ٿيندي

بقايا 34 اعلان

پارٽي پرڏيهي وزير سبرامنيم جي شنڪر جي اڳواڻي ۾ وفد کي پاڪستان موڪليو ويندو ميڊيا رپورٽ موجب ڀارت شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پرڏيهي وزير سبرامنيم جي شنڪر کي پاڪستان موڪلڻ جو اعلان ڪيو آهي ان ڳالهه جو اعلان ڀارتي پرڏيهي آفيس جي ترجمان رنڌير جيسوال صحافين کي هفتيوار بريفنگ ۾ ڪيو جنهن ۾ هن چيو ته شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارتي پرڏيهي وزير سبرامنيم جي شنڪر جي اڳواڻي ۾ وفد کي پاڪستان موڪليو ويندو ٻئي طرف پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارتي پرڏيهي وزير جي شنڪر جي دوري کي اعليٰ سطحي نمائندگي قرار ڏنو آهي. اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر جو چوڻ آهي ته ان دوري سان ڪا به وڏو ٻطرفي پليٽفارمي جو امڪان ناهي پر پاڪستان جي روايتن موجب ان جو استقبال ٿيڻ گهرجي هڪ نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر چيو ته منهنجي نظر ۾ اهو موقعو نه هو ته ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي ايس سي او سربراهه اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان اچي ها اسان چاهيو ٿي ته هيڊ آف اسٽيٽ سطح تي ڀارت جي نمائندگي هجي ها، پر ڀارت جي سمت ۾ اها گهٽ سطح تي نمائندگي ناهي ٿي رهي هن چيو ته ڀارتي پرڏيهي وزير پاڪستان اچي رهيو آهي پاڪستان هن گهڻ قومي ڪانفرنس جي ميزباني ڪري رهيو آهي ۽ ڀارت به ان ۾ شرڪت ڪري رهيو آهي ان دوري سان ڪنهن وڏي ٻطرفي بريڪ ٿرو جو ڪو به امڪان ناهي ۽ نه ئي وري ان جي اميد رکڻ گهرجي، اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته دنيا هن وقت علائقائي فورمن ۾ ورهائجي رهي آهي عالمي سطح تي علائقائي فورمن جي اهميت وڌي رهي آهي ان ڳالهه ۾ ڪو به ابهام نه هجڻ گهرجي ته ڀارتي پرڏيهي وزير جو استقبال ڪيو وڃي جيڪي اسان جي پاڪستانيت جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ مهمان نوازي، اسان کي انهن کي پاڪستانيت ڏيکارڻ گهرجي هن چيو ته هن وقت اسان کي اهو عزم ڪرڻ گهرجي ته انهن کي بهتر ماحول ڏينداسين ۽ انهن جو ڀرپور انداز ۾ استقبال ڪنداسين اسان کي رد عمل واري پاليسي نه اختيار ڪرڻ گهرجي اسان کي هن خطي کي اڳتي وٺي وڃڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بقايا 35 ورتائين

سرباز خان ملڪي تاريخ ۾ هڪ نئون باب رقم ڪري ڇڏيو سرباز خان اهو پهريون پاڪستاني بڻجي ويو آهي جنهن اٺ هزار ميٽر کان بلند دنيا جون سمورين 14 چوٽيون سر ڪري ورتيون آهن جيڪو هڪ غير معمولي ڪارنامو آهي تازي ڪاميابي ۾ سرباز خان 8027 ميٽر بلند شيشا پنگما چوٽي سر ڪئي جيڪا سندس 14 هين ايٽ ٿائوزينڊر چوٽي آهي اها چوٽي سر ڪرڻ کانپوءِ هو دنيا جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن جبل چاڙهن ۾ شامل ٿي ويو آهي جيڪو اهو اعزاز حاصل ڪري چڪا آهن سرباز خان پنهنجو سفر 2017 ۾ نانگا پربت جي چوٽي سر ڪرڻ سان شروع ڪيو ۽ ڪانپوءِ هن ڪي ٽو لوٽسي ايورسٽ سميت دنيا جون خطرناڪ ترين چوٽيون سر ڪيون اهم ڳالهه اها آهي ته سرباز خان ڄاڻايل چوٽين مان 11 بنا مصنوعي آڪسيجن جي سر ڪيون جيڪو هڪ انتهائي مشڪل ۽ خطرناڪ ڪارنامو سمجهيو ويندو آهي

بقايا 36 سنڀالي ورتيون

محمد حفيظ الله مهر کي تبديل ڪري سندس جاءِ تي نئون سيڪريٽري سنڌ بڪ بورڊ ڄامشورو سليم جتوئي کي مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي , جنهن جو نوٽيفڪيشن 24 ڪلاڪن ۾ جاري ڪيو ويندو جڏهن ته محمد حفيظ الله مهر کي نئين پوسٽنگ جي مقرري تائين انتظار ۾ رهندو

بقايا 37 منظور

۾ اڳوڻي صدر عارف علوي جي ڊينٽل ڪلينڪ سيل ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي ٿي گذريل درخواستگذارن جي وڪيل بئريسٽر علي طاهر اڳوڻي خاتون اول ثمينه علوي ۽ عوض علوي موقف اختيار ڪيو ته ڏندن جي ڪلينڪ کي سيل ڪرڻ غير قانوني ۽ انتقامي قدم آهي ڊينٽل ڪلينڪ کي ڊي سيل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي عدالت فوري ٻڌڻي جي درخواست منظور ڪئي

پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪيوٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ،
حڪومت سنڌ
سامهون رومي قبرستان، ويجهو گرڊ اسٽيشن نادرن باءِ پاس، ڪراچي

(N.I.T) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

NO.XEN/PDM&I-CELL/MK/NIT/ADP+M&R-2024-25/84
Dated: 03.10.2024

SPPRA قاعدن 2010 (تاريخ ۾ ترميم ٿيل) جي فراهمي جي تحت سنگل اسٽيج ون لفافي جي طريقيڪار ذريعي هيٺين ڪمن جي خريداري لاءِ سڀني دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/ فرمز/ڪمپنين کان معياري بڊنگ دستاويزن فارمن تي مهربند بڊز کي دعوت ڏني وئي آهي.

ايس آر نمبر	ڪم جو اسڪوپ	لاڳت (ملين ۾)	پي اي سي ڪيٽيگري لازمي ۽ اسپيشلائيزڊ ڪوڊز	تڪميل جو مدو
01	لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي ۾ ابراهيم جويو ٽرانسليشن بيورو اينڊ بوڪ شاپ جو قيام	34.490	C5 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-04,EE11)	24 مهينا
02	لاڙڪاڻي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي پبلڪ لائبريري جو قيام	38.926	C5 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-04,EE11)	24 مهينا
03	لياقت ميموريل لائبري ڪراچي ۾ آرٽ گيلري ۽ آرٽ ميوزيم جو قيام	150.303	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-04,EE11)	24 مهينا
04	ڪراچي ريجن جي مختلف لائبريرين جي مرمت ۽ رينوويشن	100.000	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا
05	ڊسٽرڪٽ حيدرآباد جي مختلف لائبريرين جي مرمت ۽ رينوويشن	54.457	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا
06	ڊسٽرڪٽ ٽنڊو الهيار جي مختلف لائبريرين جي مرمت ۽ رينوويشن	24.000	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا
07	ڊسٽرڪٽ دادو جي مختلف لائبريرين جي مرمت ۽ رينوويشن	35.000	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا
08	ميرپورخاص ريجن جي مختلف لائبريرين جي مرمت ۽ رينوويشن	25.000	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا
09	سنڌ ۾ مختلف لائبريرين جي مرمت ۽ رينوويشن	63.250	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا
10	سنڌ جي مختلف آڊيٽوريم هال جي مرمت ۽ رينوويشن	179.000	C4 & Above (CE-01,CE-09, CE-10, EE-02,EE-11)	08 مهينا

1. قابليت جو معيار (لازمي):

a) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز ۾ صحيح رجسٽريشن، انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN) سان صحيح رجسٽريشن، صحيح سنڌ روينيو بورڊ سرٽيفڪيٽ (SRB) ۽ صحيح ٽيڪس پروفيشنل سرٽيفڪيٽ. (سڀ گهربل رجسٽريشن جي تابع آهن جتي / جيڪڏهن قابل اطلاق هجي)

b) گذريل (05) پنجن سالن دوران جاري ڪيل ڪم جي ساڳي نوعيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ تجربو بولي ڏيندڙ کي گهٽ ۾ گهٽ ٻه (02) ساڳي نوعيت وارا ڪم مهيا ڪرڻ گهرجن، جن ۾ هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت تخميني لاڳت جو 50 سيڪڙو هجي. انهن جي اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ واري سرٽيفڪيٽ سان صحيح طور تي دستاويزي ثبوتن سان سهڪار ڪيو وڃي (ڪم آرڊر/ ڪانٽريڪٽ ايگريمينٽس ۽ لاڳاپيل کاتي طرفان اطمينان بخش پروجيڪٽ مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ)، اڳ ۾ ڪيل ڪم جي تجربن بابت ڄاڻ پڻ SPPRA ويب سائيٽ تان تصديق ڪري سگهجي ٿي.

c) گذريل (05) پنجن سالن ۾ ڪم جي تخميني لاڳت کان ٻه ڀيرا فنانشل ٽرن اوور FBR وٽ جمع ڪيل آن لائين سالياني ريٽرن مطابق. بولي ڏيندڙ کي هيٺيان دستاويز مهيا ڪرڻ گهرجن يعني.
1. گذريل (5) پنجن سالن جو بئنڪ اسٽيٽمينٽ.
2. گذريل 5 سالن جي سالياني ٽيڪس ريٽرن.
3. رجسٽرڊ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ کان گذريل 5 سالن جي آڊٽ ڪيل مالياتي اسٽيٽمينٽ.

d) دستاويزي ثبوتن سان مٿين ڪمن سان لاڳاپيل سامان، مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جي مالڪ/ليز تي رکيل بڊرز جي فهرست.

e) انهن جي مڪمل بايو ڊيٽا سان گهربل ٽيڪنيڪل عملي جي فهرست:
1. بيچلر آف سول انجنيئرنگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن جو تجربو
2. ايسوسيئيٽس انجنيئر سول جو ڊپلوما گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن جي تجربي سان.
3. آفيس جو پتو ۽ اسٽاف جي ڪل تعداد سان گڏ.

2. بڊنگ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، کولڻ ۽ جمع ڪرائڻ)

a) لاڳاپيل معلومات تي مشتمل بڊنگ دستاويزن تائين رسائي / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا SPPRA جي ويب سائيٽ (https:// ppms.pprasindh.gov.pk) يا آفيس مان خريد ڪري سگهجن ٿا دفتري اوقات تائين هيٺ ڏنل ايڊريس تائين (04.10.2024 کان اڳ سان. 22.10.2024) پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ جي رقم جي خلاف. 3000 (ناقابل واپسي) 'DDO PDM&I Cell, CTA&AD, Government of Sindh' جي حق ۾.

b) سموريون بوليون لازمي طور تي SPPRA رول_46(1) سنگل اسٽيج ون لفافي جي طريقيڪار (تاريخ تائين تبديل ٿيل) جي روزي تحت جمع ڪرايون وڃن. سيل ٿيل بوليءَ ۾ 90 ڏينهن + 28 ڏينهن جي صحيح مدت جي اندازي مطابق قيمت جي 5 سيڪڙو سيڪيورٽي هجڻ لازمي آهي اصل پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ/بينڪرز چيڪ/سي ڊي آر (واپسي لائق) جنهن کي فرم/بولي ڏيندڙ جي پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ مان ڊيبٽ ڪيو وڃي. "DDO PDM&I Cell, CTA&AD, Government of Sindh" جي حق ۾ فرم/بوليندڙ جي نالي ۽ لقب جو ذڪر ڪندي. ڪنهن به واڪ جي مليل بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ يا ڪل تخميني لاڳت جي 5 سيڪڙو کان گهٽ نه ڪئي ويندي.

c) سڀئي بوليون گهربل دستاويزن سان گڏ، جيئن ته بڊنگ دستاويز ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، هڪ سيل بند لفافي ۾ ڪم نمبر (لفافي جي ٻاهرئين پاسي تي لاڳاپيل نالو جو ذڪر ڪريو) جي طور تي نشان لڳل هيٺ ڏنل ايڊريس تي پهچڻ پونديون اربع، 23.10.2024 تي صبح 11:30 کان پوءِ نه. ايس پي پي رولز 2010 (تاريخ ۾ ترميم ٿيل) موجب سيل ٿيل بوليون ساڳئي تاريخ تي 12:30 وڳي پروڪيورنگ ايجنسي جي نوٽيفائيڊ ڪميٽي پاران کوليون وينديون.

3. شرط ۽ ضابطا

a) ٽينڊر/بوليڊنگ دستاويزن جي هر صفحي تي فرم/بوليندڙ طرفان دستخط ۽ اسٽامپ هجڻ گهرجي. ڪو به ٽينڊر دستاويز جاري نه ڪيو ويندو واڪن جي کولڻ جي تاريخ تي ۽ مشروط بولي کي قبول نه ڪيو ويندو.

b) بڊ حاصل ڪئي وئي بغير معاون دستاويزن جي طور تي بيان ڪيو ويو آهي / قابليت جي معيار ۾ گهربل غيرجوابي واڪ قرار ڏنو ويندو. خريداري واري ايجنسي کي فراهم ڪيل معلومات جي تصديق يا صداقت برقرار رکڻ لاءِ بائيڊنگ آرڊر سان مهيا ڪيل ڪنهن به معلومات جي تصديق ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

c) 100 روپين جي حلف نامي تي، اها فرم بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي ڪو ڪم ڇڏي ڏنو ويو آهي

d) ڪنهن به ڊپارٽمينٽ ۾ ڪنهن به ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ غير ضروري دير ۽ مهيا ڪيل معلومات / دستاويز / تفصيل صحيح ۽ صحيح آهن. بولي ڏيندڙن جي وچ ۾ ٽائي جي صورت ۾ ڪم ڪافي تجربن جي بنياد تي ڏنو ويندو.

e) نمائندي جي صورت ۾ لازمي طور تي اسٽيمپ پيپر/ڪمپني جي ليٽر هيڊ تي سندس فرم / ڪمپني جي مالڪ کان اختيار هجڻ لازمي آهي جنهن ۾ مالڪن جا تفصيل CNIC سان گڏ آهن.

f) موڪلن جي صورت ۾ يا ڪنهن غير متوقع حالتن ۾، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو شيڊول ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي هوندو. پروڪيورنگ ايجنسي سڀ يا ڪنهن به بول کي رد ڪري سگهي ٿي ۽ ايس پي پي آر اي ضابطن 2010 (تاريخ ۾ ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن جي تابع ٿي بڊنگ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي.

g) PTCL جي لينڊ لائن نمبر جي غير موجودگيءَ جي ڪري، وڌيڪ مدد لاءِ مهرباني ڪري ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيل # 0331.3263107 تي آفيس جي ڪلاڪن دوران رابطو ڪريو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
PDM&I CELL, CTA & AD
حڪومت سنڌ
سامهون رومي قبرستان، ويجهو گرڊ اسٽيشن ايٽ نادرن باءِ پاس، ڪراچي

INF/KRY#3157/2024
پڙهندي سنڌ ته... وڌندي سنڌ

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي (SMBBMU)، لاڙڪاڻو_سنڌ هيٺ ڏنل ٽينڊرن لاءِ سيلز ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽس ۾ رجسٽر ٿيل فعال ٽيڪس ڀيرز فرمز/ڪمپنين/ڊسٽريبيوٽر/سپلائيرز کان مهربند ٽيل واڪ طلب ڪري ٿو

ايس #	ٽينڊر جو نالو	طريقيڪار	SBDs اجراءِ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت	کولڻ لاءِ تاريخ ۽ وقت	ٽينڊر في
1	SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻي جي لاءِ ايئرڪنڊيشنرس ۽ ٻيا متفرق آئٽمز جو مهيا ڪرڻ ۽ سپلائي	سنگل اسٽيج_ سنگل انويلپ	آڪٽوبر 11، 2024 کان آڪٽوبر 29، 2024	آڪٽوبر 30، 2024 وقت: 10:30 وڳي	آڪٽوبر 30، 2024 وقت: 11:00 وڳي	5,000 رپيا

SBDs ٽينڊر ڪم جي ڏينهن تي (صبح 10:00 وڳي کان ٽيهري 3:00 وڳي) دوران پلاننگ، پروڪيورمينٽ اينڊ لاجسٽڪ آفيسر جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) وائيس چانسيلر، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، لاڙڪاڻو جي حق ۾ ڊيمانڊ ڊرافٽ/پي آرڊر ذريعي ادا ڪئي ويندي.

SBDs ڪي ڏنل شيڊول موجب پروڪيورمينٽ اينڊ لاجسٽڪ آفيسر جي آفيس ۾ جمع ڪرايو وڃي ۽ ساڳئي تاريخ ۽ جڳهه تي انهن نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهيندا.

مهرباني ڪري جمع ڪرايو ٪5 ارنسٽ مني (بولي سلامتي) ڪل قيمت جي پي آر آرڊر يا ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ معياري بڊنگ دستاويزن سان.

ايس ايم بي بي ميڊيڪل يونيورسٽي، لاڙڪاڻو SPPRA پاران تيار ڪيل قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق ڪنهن به يا سڀني بولن کي قبول يا رد ڪرڻ يا ڪنهن به مرحلي تي ڪارروائي ختم ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو

پلاننگ، پروڪيورمينٽ اينڊ لاجسٽڪس آفيسر
ايڊمن بلاڪ، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، موئن جو دڙو روڊ، لاڙڪاڻو.
فون نمبر 074.9410912

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ
INF/KRY#3152/2024

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

حڪمرانن ۽ مخالف ڌر وارن کي عوام جي حال تي رحم ڇو نٿو اچي؟
صفحو 4

ايس اي زاهد
ٻه رياستي حل يا وڏي جنگ!
صفحو 4

استاد پنهنجي عظمت کي سڃاڻي!
اعجاز ممنائي
صفحو 4

غلام حسين لغاري
ڊي چوڪ معرڪو: ڇڪتاڻ ۾ اضافو!
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد جي گرلس پرائمري اسڪول محمد رمضان ڪالرو ۾ تدريسي عمل ٺپ

ٻاهرن غيرقانوني طور تي پنهنجي گهرن جون اڏاوتون شروع ڪري اسڪول جي ايراضي تي قبضو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو

وقت سر ڪم نہ ٿيڻ سبب اسڪول جي عمارت ڊهي پٽ پئجي وئي ٽيٽر ۽ گارڊرن سميت قيمتي سامان اڳ ۾ ئي چوري ٿي ويو

نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي غيرقانوني منتقل ڪيل اسڪول جي عملي کي واپس ڪري عمارت تعمير ڪرائي تدريسي عمل شروع ڪرايو وڃي: رهواسي

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ تعليمي نظام تي نظر وجهجي ٿي تہ انڌير نگري چوپٽ راڄا وارو قصو نظر اچي رهيو آهي تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ گهمن ڪالرو ديهہ 322 اي ۾ غريب ٻارڙين جي تعليم لاءِ ٻن ڪمرن ۽ برانڊي تي مشتمل گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول محمد رمضان ڪالرو ۾ ايجوڪيشن عملي جي نااهلي سبب تعليمي نظام مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويو آهي گرلس اسڪول رمضان ڪالرو جي ايراضي تي قانون کان ماڻهون ڪر ڪندڙ ٻاهرن غيرقانوني طور تي پنهنجي گهرن جون اڏاوتون شروع ڪري اسڪول جي ايراضي تي قبضو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ اسڪول جي عمارت جو وقت سر ڪم نہ ٿيڻ سبب اسڪول جي عمارت ڊهي پٽ پئجي وئي اسڪول جي عمارت جا ٽيٽر ۽ گارڊرن سميت قيمتي سامان اڳ ۾ ئي چوري ٿي ويو هو اسڪول ۾ صرف چوديواري بچيل هئي جنهن ۾ ٻاهرن قبضا ڪري پنهنجا گهر ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جڏهن تہ سال 2019 ۾ ٻاهرن جي ملي ڀڳت سان ڳوٺ ۾ هلندڙ گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول رمضان ڪالرو ديهہ 322 اي جي مقرر عملي 2 ٽيچرن ۽ ملازم کي بائيو ميٽرڪ جي هٿ وٺي غلط لوڪيشن ڏيکاري اسڪول جي ٻي ڳوٺ حاجي محمد موسا ڪالرو ديهہ 331 ۾ منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ڳوٺ موسا ڪالرو ديهہ 331 ۾ گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول حاجي محمد عرس ڪالرو ديهہ 331 جي نالي سان عمارت سميت موجود آهي جيڪو سرڪاري رڪارڊ ۾ بند پيل آهي جڏهن تہ ڳوٺ گهمن ڪالرو ديهہ 322 اي مان غير قانوني طور تي گرلس اسڪول رمضان ڪالرو ديهہ 322 اي جو عملو ٻي هنڌ منتقل ڪرڻ سبب ڳوٺ جي غريب ٻارڙين جي تعليم تباهہ ٿي وئي آهي سنڌ حڪومت وزير تعليم سيد سردار شاهہ سيڪريٽري تعليم ڪمشنر ميرپورخاص ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ميرپورخاص ۽ تعليم جي اختيارين کي گهرجي تہ نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي غيرقانوني منتقل ڪيل اسڪول جي عملي کي واپس ساڳيئي ڳوٺ جي رمضان ڪالرو گرلس اسڪول ۾ مقرر ڪري اسڪول جي نئين عمارت ڏياري وڃي تہ جيئن اسڪول ۾ تعليمي سرگرميون ڀيهر شروع ٿي سگهن

ڪوٽ غلام محمد: گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جي عمارت ڊٺل نظر اچي ٿي ٻئي طرف قبضا ٿيل آهن

ٿاڻي ٻولاخان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ مڇرن جي آزار عوام جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون

مڇرن جي واڌ سبب ڪيترائي وڏا ماڻهو ۽ ننڍڙا ٻارڙا مليريا بخار ۾ وڪوڙجي ويا، اسپتالن ۾ پيهہ

ڪوهستان ۾ علاج جون سهولتون اڻهوريون هئڻ ڪري ماڻهو علاج لاءِ حيدرآباد يا ڪراچي وڃڻ تي مجبور

ڪيترائي عرصي کان شهر توڙي ڳوٺن ۾ ٽائون ڪميٽي ۽ يوسي چيئرمين پاران مليريا اسپري نہ ڪرايو ويو آهي: شهري

ٿاڻو ٻولاخان (ن ع) ٿاڻي ٻولاخان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ مڇرن جي آزار عوام جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن مڇرن جي واڌ سبب ڪيترائي وڏا ماڻهو ۽ ننڍڙا ٻارڙا مليريا بخار ۾ وڪوڙجي ويا جنهن سبب ڪري سرڪاري اسپتال توڙي پرائيويٽ ڊاڪٽرن وٽ مليريا ۾ مبتلا مريضن جي رش جڏهن تہ سموري ڪوهستان ۾ علاج جون سهولتون اڻهوريون هئڻ ڪري ماڻهو علاج لاءِ ڳاتي توڙ خرچ برداشت ڪري پنهنجي پيارن کي حيدرآباد يا ڪنهن ٻئي شهر جو رخ ڪرڻ لڳا آهن جنهن سان ويتر ڪين پريشاني جو منهن ڏسڻو پنهنجي رهيو آهي جڏهن تہ هوڏانهن ٻي طرف شهر واسين جو چوڻ آهي تہ ڪيترائي عرصي کان شهر توڙي ڳوٺن ۾ ٽائون ڪميٽي ۽ يوسي چيئرمين پاران مليريا اسپري نہ ڪرايو ويو آهي جنهن سبب ڪري مڇرن جي واڌ ويجهہ ۾ واڌارو ٿيندو پيو وڃي مڇرن جي آزار سبب اسان جو چوپايو مال بہ بيماري ۾ ورڪجي رهيو آهي جنهن سان اسان اڃا بہ ويتر گهڻو پريشان آهيون جلدي ڪوهستان جي تعلقي ٿاڻي ٻولاخان جي ننڍن ۽ وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مليريا اسپري ڪرايو وڃي تہ جيئن اسين سک جو ساهہ کڻي سگهون

رانديون جون سرگرميون بہ تمام ضروري هونديون آهن: طارق عزيز

اڄ جي نوجوانن کي رانديون جي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي

رانديون ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ مختلف رانديون جا مقابلا ڪرائڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گلاب جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو آهي تہ صحتمند سماج ۾ تعليم سان گڏ رانديون جون سرگرميون بہ تمام ضروري هونديون آهن، صحتمند جسم ۾ ئي صحتمند ذهن پيدا ٿيندو آهي، اڄ جي نوجوانن کي رانديون جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ گهرجي چاهي اها انڊور هجي يا آئوٽ ڊور اهڙي طرح ٻاهرين رانديون ۾ ڪرڪيٽ بہ سرفهرست آهي جيڪا انسان جي جسم کي لچڪدار بڻائي ٿي ۽ پوءِ رانديون جي سرگرمين ذريعي نوجوانن کي همٿائي ۾ دلچسپي وڌي ٿي ۽ هو رانديون ڏانهن راغب ٿين ٿا. اڄ جي نوجوانن کي رانديون ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ مختلف رانديون جا مقابلا ڪرائڻ جي ضرورت آهي. گلاب ٽائون ۾ ڪرڪيٽ ٽيمن جا مقابلا ڪرايا پيا وڃن تہ جيئن گلاب ٽائون جا نوجوان تعليم سان گڏ رانديون جي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺي سگهن

والد مرحوم جي ملڪيت تي چاچي قبضو ڪيو آهي

نوٽيس ورتو وڃي: راڄا دل

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)عمرڪوٽ جي تعلقي پٿورو جي يونين ڪائونسل ٻريجي جي رهواسي راڄا خالد دل ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي تہ سنڌس پي مرحوم عبدالڪريم دل جي ڇڏيل 900ايڪڙ زمين تي سنڌس چاچي غلام قادر دل ۽ سئوٽ مرتضيٰ دل20 ورهين کان غيرقانوني قبضو ورتو آهي جڏهن زمين جا ڪاغذ سنڌس وٽ موجود آهن هن چيو تہ چاچايل زمين ۾ منهنجي پيءُ جي ذاتي ملڪيت آهي جنهن ۾ ڪنهن جو ڪو بہ حصو نہ لڳي هن چيو تہ چاچو ڪيس ذهني مريض بڻائي قتل ڪرڻ چاهي ٿو هن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ مامري جو نوٽس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڪيو وڃي

راٺيپور ۾ شاگرد سان مبينہ زيادتي جي ڪوشش وارو مامرو

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) راٺيپور ۾ شاگرد سان مبينہ زيادتي جي ڪوشش وارو مامرو ڏهين ڪلاس جي شاگرد جي والد راٺيپور ٿاڻي تي پهچي احسن عباسي سان ڏيادتي جي ڪوشش ڪندڙ ٻن جوابدار سميت ٻن نامعلوم مٿان ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو سجاد عباسي ڏک جو اظهار ڪندي سٽي پريس ڪلب راٺيپور جي صحافين سان غير رسمي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چيو تہ ڪافي عرصي کان وٺي اوباش ڇوڪرا راٺيپور جي تمام نجي اسڪولن ٻاهران لامارا ڏيئي رهيا آهن جڏهن تہ اهڙن اوباش ڇوڪرن جي بيهڻ شاگردن شاگردياڻين جي رستا روڪ تنگ ڪرڻ بابت راٺيپور پوليس ايس ايس پي خيرپور کي نوٽس وٺڻ لاءِ استدعائون ڪيون ۾ ڪنهن هڪ بہ نہ ٻڌي، سجاد حسين عباسي وڌيڪ چيو تہ اوباش ڇوڪرا جيئن منهنجي پٽ احسن عباسي کي حراسان بليڪ ميل ڪندا رهيا توهان جي اڳيان آهي نيٺ بليڪ ميل ڪري ايور شائن اسڪول کان واپس ايندي ورغلائي حراسان ڪري پنهنجي گهر جي اوطاق ۾ وٺي جتي منهنجي پٽ احسن عباسي کي پسٽل ڏيکاري مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي ڏيادتي جي ڪوشش ڪئي ان سان گڏ لڪ ڇپ ۾ نازيبان ويڊيو رڪارڊنگ بہ ڪندا رهيا، فرض شناس آفيسر ٻهترين اداري جي ساک خراب ڪندڙ ۽ شاگرد سان پيش آيل واقعي جو نوٽس وٺي انصاف مهيا ڪن

ڪراچي: ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گلاب جو چيئرمين طارق عزيز بلوچ ڪرڪيٽ ٽيم جي کيڏڻ جو سامان ڏيئي رهيو آهي

سڪرنڊ ۾ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ تي فڪري ويهڪ

عطا چانهيون لطيف سائين جي شاعريءَ جي پاسن کي سمجهايو

ويهڪ دوران نوجوانن پاران شاعريءَ جي حوالي سان ڪيترائي سوال ڪيا ويا

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جي پارکو ۽ عطا چانهيون ميوزم جي بانيڪار عطا چانهيون سڳا سڪرنڊ پاران محمد بخش مهر لائبريري سڪرنڊ تي لائبريري جي بانيڪار اياز مهر اظهر مهر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري محمد حنيف سومرو جي ميزبانيءَ هيٺ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ تي فڪري ويهڪ ڪرائي وئي جنهن ۾ ڪيترن ئي نوجوانن شرڪت ڪئي ان موقعي تي عطا چانهيون لطيف سائين جي شاعريءَ جي پاسن کي سمجهايو ويهڪ دوران نوجوانن پاران شاعريءَ جي حوالي سان ڪيترائي سوال ڪيا ويا جنهن جا عطا چانهيون تفصيلي جواب ڏنا ان موقعي تي عطا چانهيون ڳالهائيندي چيو تہ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ کي رياست پاران اجاگر ڪرڻ بجاءِ من پسند ماڻهن کي اڳيان ڪري لطيف ايوارڊ جي نالي سان هر سال پروگرام ڪري اهڙن ماڻهن کي سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي جن جو لطيف سائين جي شاعريءَ سان پري جو بہ تعلق ناهي اسين ان عمل کي سٺو نٿا سمجهون

سڪرنڊ: لطيف سائينءَ جي شاعريءَ تي اديب فڪري ويهڪ ۾ ويٺل آهن

مٽي ڪلوئي روڊ وٽ ڪلٽس ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر

ڪلوئي(ن ع) مٽلي ڪلوئي روڊ وٽ ڪلٽس ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ڊاڪٽر قيمت راءِ سوٿهڙ کي ڪلوئي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ڪلوئي کان زخمي ڊاڪٽر قيمت راءِ سوٿهڙ کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ ڪار ۾ سوار سنڌس والده محفوظ رهي ۽ ڪار مڪمل طور تي تباهہ ٿي وئي ڊاڪٽر قيمت راءِ سوٿهڙ صحت کاتي ۾ مانيٽرنگ آفيسر طور ڪم ڪري ٿو ۽ صبح حيدرآباد کان پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو تہ حادثو پيش آيو

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ گهنڊيا جي پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ لڳ ڳوٺ گهنڊيا جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ سبب شاگردن جي تعليم داءُ تي لڳل ڳوٺ جا نيڪ مرد، سڃهہ وند ۽ شاگردن جا مائٽ پريشان ان سلسلي ۾ ڳوٺ جي سماجي ورڪر منظور زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ جتي انصاف جو گس بند ڪيو وڃي ٿو تہ اتي ظلم جنم وٺي ٿو اهڙو ئي ماحول پيدا ڪيو ويو آهي. اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ جتي 350 کان 400 شاگردن لاءِ صرف چار استاد مقرر ٿيل آهن جڏهن تہ تعليمي قانون موجب 8 استاد هئڻ گهرجن ۾ ڪو ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وارو ناهي هن وڌيڪ چيو تہ انڌير نگري ان کان وڌيڪ ڪهڙي ٿيندي جو جن اسڪولن ۾ صرف 50 ٻار آهن انهن اسڪولن چار کان ڇهہ استاد مقرر ٿيل آهن آفيسرن کان پڇا ڪرڻ تي جواب ڏنو ٿو وڃي تہ بدليون اسان جي اختيار ۾ ناهن آفيسرن جي ڪم

ٻانڌي ۾ شيعا علماء ڪونسل تعلقا دوڙ جي ريلي

مرڪزي امام بارگاهہ مان اسرائيل خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اسرائيل فلسطينن تي ظلم ڪري پيو ۽ مسلمان ملڪ خاموش آهن: اڳواڻ

ٻانڌي(ن ع) ٻانڌي ۾ شيعا علماء ڪونسل تعلقا دوڙ اڳواڻ فضل حسين مري مولانا غلام رضا مري ۽ جماعت اسلامي نوابشاهہ جي جنرل سيڪريٽري طارق جاويد آرائين پاران مرڪزي امام بارگاهہ مان اسرائيل خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ٻانڌي شهر جي مختلف بازارن کان ٿيندي حسيني چوڪ تي پهتي جتي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو تہ اسرائيل فلسطينن تي ظلم ڪري پيو ۽ مسلمان ملڪ خاموش آهن اسرائيل مسلمانن جو دشمن ملڪ آهي ان خلاف سڀن مسلمان ملڪن کي گڏ ٿيڻو پوندو اسرائيل خلاف نڪتل ريلي ۾ مظاهرين هٿن ۾ فلسطيني جهنڊا کڻي اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي مولانا غلام رضا مري فضل حسين مري خطاب ڪندي چيو تہ اسرائيل جو مظلوم فلسطينين تي بمباري ۽ اسپتالن تي ميزائل حملو شرمناڪ عمل آهي، جنهن جي جيتري بہ مذمت ڪئي وڃي اها گهٽ آهي مقررين چيو تہ اسرائيل جي ناجائز رياست ڪيتري ئي عرصي کان معصوم فلسطينين تي ظلم ڪري رهي آهي مظاهرين پاڪستان حڪومت ۽ عالم اسلام کي اپيل ڪئي تہ فلسطين جي عوام جي مدد ڪئي وڃي

ٻانڌي: شيعا علماء ڪونسل تعلقا دوڙ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڏگهڙي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ مالڪ نوحاڻي جي ورسي تقريب

ڏگهڙي(ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ مالڪ نوحاڻي جي 12هين ورسي جي سلسلي ۾ شهيد مالڪ نوحاڻي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڏگهڙي پريس ڪلب جي پريس ڪلب هال ۾ تقريب ڪوٺائي وئي. تقريب ۾ مرڪزي … جدوجهد ۾ شهيد ٿيو سنڌ جي ڌرتي مالڪ نوحاڻي جهڙي غيرت مند سپوتن جي ڌرتي آهي مالڪ نوحاڻي سنڌ ڌرتي خاطر پنهنجي زندگي قربان ڪري ڇڏي ۾ پنهنجي نظريي جي سودا بازي نہ ڪئي اڄ بہ سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي سنڌ جو پاڻي بہ سنڌ کي

حيدرآباد: شيعہ علماء ڪائونسل پاران شهيد راهہ قدس ريلي ڪڍي پئي وڃي

مٽياري ۾ شيعہ علماءِ ڪائونسل ۽ مجلس وحدت المسلمين جي ريلي

اسرائيلي بربريت ۽ جارحيت خلاف پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اسرائيل ۽ آمريڪا هميشہ مسلم نسل ڪشي ڪندا پيا اچن: مولوي قمبر عباس

مٽياري (د ر) شيعہ علماءِ ڪائونسل ۽ مجلس وحدت المسلمين جي طرفان اسرائيلي بربريت جارحيت خلاف قائد ملت جعفريہ پاڪستان علامہ سيد ساجد علي نقوي جي حڪم تي مٽياري مسجد زين العابدين کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ بينرز کڻي مٽياري شهر جي مختلف روڊن رستن اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي ريلي پريس ڪلب مٽياري پهتي ان موقعي تي مولوي قمبر عباس مولوي مولابخش هالائي علي فيضان خاصخيلي سميت ٻين عبرت سان ڳالهائيندي چيو تہ اسماعيل هنيہ جي شهادت کانپوءِ اسرائيل طرفان سربراهہ حسن نصرالله سميت ان جي ڌيءُ کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي اسرائيل ۽ آمريڪا هميشہ مسلم نسل ڪشي ڪندا پيا اچن ۽ فلسطين مٿان اسرائيلي بمباري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن وڌيڪ چيو تہ مسجد اقصيٰ تي اسرائيل فوج جو قبضو ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪنداسين بيت المقدس جي آزادي جي خاطر شهيد ٿيندڙن جو خون رائيگان نہ ٿيندو

شهداء راهه قدس ريلي
مٽياري: شيعہ علماء ڪائونسل پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

شيعہ علماءِ ڪائونسل ضلعي حيدرآباد پاران ريلي

اسرائيل پاران فلسطين تي جاري حملن خلاف ريلي ڪڍي وئي

ظالم ۽ جابر تمام جلد دنيا جي نقشي تان ختم ٿي ويندو: اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) شيعہ علماءِ ڪائونسل ضلعي حيدرآباد پاران مرڪزي سڏ تي اسرائيل پاران فلسطين تي جاري حملن خلاف ۽ حسن نصرالله شهيد سميت شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون سيد جمن شاهہ مولانا حزب الله پنهور مولانا ناطق چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي.ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ گذريل هڪ سال کان فلسطين جي عوام تي اسرائيلي ظلم ۽ بربريت جاري آهي جنهن ۾ لکين بيگناهہ معصوم ٻار،عورتون،نوجوان شهيد ٿي چڪا آهن جڏهن اسرائيلي جارحيت کي اڌ صدي گذري چڪي آهي.هنن چيو تہ ڏنو تہ اسرائيل جي خاتمي جو وقت اچي ويو آهي جيڪو تمام جلد دنيا جي نقشي تان ختم ٿي ويندو

شهدادڪوٽ ۾ حسن نصرالله جي شهادت واري واقعي خلاف ريلي

شيعا علماء ڪائونسل پاڪستان تعلقہ قبو سعيد خان طرفان ريلي نڪتي

حزب الله جي سربراهہ حسن نصرالله جي شهادت عالم اسلام لاءِ وڏو ڌڪو آهي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ (د ر) قبو سعيد خان ۾ شيعا علماء ڪائونسل پاڪستان تعلقہ قبو سعيد خان طرفان قائد ملت جعفريہ علامہ سيد ساجد علي نقوي جي هدايتن تي لبناني جهادي تنظيم حزب الله جي سربراهہ حسن نصرالله جي شهادت واري واقعي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي خادم حسين جاگيراڻي سيد سبحان علي شاهہ مرزا ڪرل سيد قائم علي شاهہ نظير احمد چانڊيو محمد پنهل ڪوري، دلبر چانڊيو سيد محرم شاهہ ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو تہ لبناني جهادي تنظيم حزب الله جي سربراهہ حسن نصرالله جي شهادت عالم اسلام لاءِ وڏو ڌڪو آهي جنهن تي سموري عالم اسلام کي تمام افسوس ٿيو آهي جڏهن تہ حسن نصرالله پنهنجي سڄي ڄمار ۾ مسلمانن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، جنهن ڏوهہ تي يهودي دهشتگردن ڪيس شهيد ڪيو آهي اسين انهن قوتن کي واضح لفظن ۾ ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ انهن جي اهڙي حرڪتن سان هي تحريڪ ناهي رڪجڻي. هنن مطالبو ڪيو تہ حسن نصرالله واري واقعي ۾ ملوث اسرائيل ۽ سندس حمايتي قوتن خلاف ڪارروائي ڪري شهيد جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ: حسن نصرالله جي شهادت واري واقعي خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

مسوڀرڳڙي لڳ ڳوٺ حاڪم علي ڪليري جي رهواسين جو مظاهرو

ڪجهہ بااثر ڌريون ڳوٺ مان زوري بي دخل ڪرڻ چاهين ٿيون: رسول بخش ڪليري

اسان تي ڪيس سيشن ڪورٽ مان کٽيا آهن ۽ هاڻ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ آهي

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي لڳ يوسي حاجي سائونڻ گوپانگ جي ڳوٺ حاڪم علي ڪليري جي رهواسين رسول بخش ڪليري، الهجڙيو ڪليري، ميان بخش ڪليري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو تہ اسان پيپلز پارٽي جا پراڻا ووٽر آهيون اسان جو ڳوٺ لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي پراڻو آهي هنن الزام هڻندي چيو تہ ڪجهہ بااثر ڌريون الهہ بچايو سومرو ڊي ايس پي چلگري، تہ جا با اثر وڏيرا ۽ ٻيا اسان کي ڳٺ جوڙ ڪري ڳوٺ مان زوري بي دخل ڪرڻ چاهن ٿا، هنن چيو تہ اسان قديمي رهاڪو آهيون ۽ بااثر ڌريون اسان جي ساڍا ٽي ايڪڙ زمين ڦٻائڻ چاهن ٿا هنن چيو تہ اسان تي ڪيس سيشن ڪورٽ مان کٽيا آهن ۽ هاڻ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ آهي هنن چيو تہ اسان هتان جي پيپلز پارٽي جي چونڊيل نمائندن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، هاءِ ڪورٽ آف سنڌ، وزير اعليٰ سنڌ، صدر آصف علي زرداري ۽ وس وارين اختيارين کان مطالبو ٿا ڪيون تہ اسان جي هن قديمي ڳوٺ مان لڏائڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو

مسوڀرڳڙي: ڳوٺ حاڪم علي ڪليري جا رهواسي بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٺرڙي محبت ۾ بجلي جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف مظاهرو

مزدور اتحاد ۽ بلاول جيالا فورس پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

سيپڪو راڻڻ وارن ٺرڙي محبت شهر سان ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي: مظاهرين

ٺرڙي محبت(ن ع) ٺرڙي محبت ۾ بجلي جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف مزدور اتحاد ۽ بلاول جيالا فورس جي صدر حيدر لاشاري حاجي نثار احمد ناريجو بلاول منگي گل حسن سولنگي علي گوهر جانوري خليل سومرو محبوب نوناري راحب لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن شهري اتحاد ايس يو پي جي ڪارڪن ۽ عام ماڻهن شرڪت ريلي پريس ڪلب شروع ٿي جيڪا سخت نعري بازي ڪندي ناظم منگي چوڪ تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ سيپڪو راڻڻ وارن ٺرڙي محبت شهر سان بجلي جي معاملي ۾ انتهائي ظلم ڪري رهيا آهن هڪ طرف چوويهن ڪلاڪن ۾ صرف ٻہ يا ٽي ڪلاڪ بجلي ڏني وڃي ٿي ۽ بل وري تمام ڳرا موڪلين ٿا هنن جو چوڻ هيو تہ جيڪڏهن واپڊا وارن پنهنجو قبلو درست نہ ڪيو ۽ ٺرڙي محبت ۾ صحيح نموني بجلي نہ هلائي وئي تہ شهر ۾ شٽر بند هڙتال سان گڏ سخت احتجاج ڪيو ويندو


ٺرڙي محبت: بجلي جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف شهري احتجاجي مظاهرو ڪندي

پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي جي شاگردياڻين پاران اين ڊي ايف بحالي مرڪز جو دورو

سڪرنڊ (س ر) پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز فار وومن جي ٽئين سال جي شاگردياڻين ايسوسيئيٽ پروفيسر ڊاڪٽر سيف الله مهر جي اڳواڻيءَ ۾ نوابشاهہ ۾ قائم ذهني معذور ٻارن جي بحالي واري مرڪز جو دورو ڪيو جتي هنن سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ اين ڊي … ڊاڪٽر سيف الله مهر چيو تہ فزيوٿراپي ۽ ٻيا علاج ذهني طور تي معذور ماڻهن لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪن ٿا، جنهن سان سندن ذهني صحت بحال ٿيڻ جي اميد آهي ۽ ان جي بحالي لاءِ اين ڊي ايف پاران فراهم ڪيل مفت خدمتن تي سنڌ حڪومت ۽ اين ڊي ايف کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا

دولتپورصفن لڳ 1948ع کان قائم هاءِ اسڪول باغ ماڙڪ ايٽ سونو خان پٽو سهولتن کان وانجهيل

گورنمينٽ هاءِ اسڪول باغ ماڙڪ ايٽ سونو خان پٽو ۾ داخل 700 ٻارن لاءِ صرف 14 استاد مقرر، تعليم متاثر

باٿ روم، پيئڻ جي پاڻي، بجلي جي سهولت سميت فرنيچر جي کوٽ، چوديواري بہ نہ اچي سگهي، شاگردن جو دانهون

اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ هئڻ سبب گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ اسان پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪيون ٿا: شاگرد

دولتپورصفن(ن ع) تعلقي قاضي احمد ضلعي شهيد بينظيرآباد جو وڏي ۾ وڏو گورنمينٽ هاءِ اسڪول باغ ماڙڪ ايٽ سونو خان پٽو حڪومت سنڌ ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ آفيسرن جي نااهلي سبب سهولتن کان محروم آهي پاڪستان جي آزادي کان هڪ سال بعد 1948ع ۾ قائم هن اسڪول ۾ هن مهل تائين ڪابہ سهولت نہ ملي سگهي گورمينٽ هاءِ اسڪول باغ دولت پور پرسان ڳوٺ باغ ماڙڪ ۾ واقع آهي جتي 700 معي ٻارڙا داخل آهن جن کي 14 استاد تعليم ڏئي رهيا آهن تعليم جي هن درس گاهہ ۾ جديد ٽيڪنالاجي دؤر ۾ بجلي پاڻي توڙي فرنيچر نہ ملڻ سبب سوين ٻارڙا پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور آهن اهڙين شڪايتن جو نوٽيس وٺندي نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي ٽيم اتي پهچي تہ اسڪول جي هيڊ ماستر استاد علي گل پٽو قطب الدين پٽو غلام نبي پٽو عاصي پٽو اسڪول جي شاگردن احتجاج ڪندي چيو تہ هن اسڪول کي نظرانداز ڪندي ڪابہ سهولت مهيا ناهي ڪئي وئي جڏهن تہ اسڪول ۾ پرائمري کان هاءِ اسڪول تائين پڙهندڙ شاگرد توڙي شاگردياڻيون اسڪول ۾ باٿ روم پيئڻ جي پاڻي بجلي جي سهولت کان بہ محروم آهي جڏهن تہ اسڪول کي چوڌاري طرف چوديواري بہ ناهي جنهن سبب اسڪول جو ڪوبہ قيمتي سامان بہ محفوظ ناهي اسڪول ۾ جانور پڻ پريشان ڪن ٿا صحافين اڳيان دانهيندي اسڪول جي ٻارڙن چيو ويندو اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ هئڻ سبب گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ اسان پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪيون ٿا آخر ۾ هنن تعليم کاتي جي صوبائي وزير ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ضلعي آفيسرن توڙي تعلقا قاضي احمد ۽ ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو تہ خدارا اسان جي اسڪول جي وزٽ ڪري اسان کي فرنيچر بجلي پاڻي جي سهولت استادن جي کوٽ ۽ اسڪول جي ايس ايم فنڊ جاري ڪيا وڃن ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن تہ جيئن علائقي جا معصوم ٻارڙا بهتر نموني تعليم حاصل ڪري قوم ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن

ڪوٽڙي ڪبير ويجهو ڳوٺ جاڙو خان نوحپوٽو ۾ مليريا ۽ گيسٽرو تي ضابطو نہ آيو

مليريا ۽ گيسٽرو جي بيماري ۾ مبتلا عورت فوت، ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا ماڻهو وبا ۾ جڪڙيل

مڇرن جي چڪن سان ننڍا وڏا ماڻهو فوري طور تي مليريا، الٽي ۽ دستن جي وبا ۾ وڪوڙجي وڃن ٿا: شهري

نصيبان ڌي محمد عرس نوحپوٽو گيسٽرو وگهي گهر ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي، صحت کاتو فوري نوٽيس وٺي

ڪوٽڙي ڪبير (ن ع) ڪوٽڙي ڪبير ويجهو ڳوٺ جاڙو خان نوحپوٽو تعلقو محرابپور ۾ مليريا ۽ گيسٽرو بيماري تي ضابطو نہ آيو عورت فوت ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا ماڻهو وبا ۾ مبتلا ان سلسلي ۾ ڳوٺ جي چڱي مرد زوار خادم حسين نوحپوٽو دانهيندي عبرت کي ٻڌايو تہ نااهل مليريا کاتي نوشهروفيروز ڳوٺ ۾ ورهين کان مليريا جو اسپري نہ ڪرايو آهي اسپري نہ ٿيڻ سبب هن وقت هڪ هڪ مڇر مک جيڏو زهريلو ٿي ويو آهي جن جي چڪن سان ننڍا وڏا ماڻهو فوري طور تي مليريا، الٽي ۽ دستن جي وبا ۾ وڪوڙجي وڃن ٿا هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ڳوٺ کي رستو ناهي جنهن ڪري مريض اسپتالن تائين پهچائي نٿا سگهون جنهن ڪري 45 سالا مسمات نصيبان ڌي محمد عرس نوحپوٽو گيسٽرو وگهي گهر ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي آهي، جڏهن تہ ڪافي ڳوٺ جا ماڻهون وبا مرض ۾ ورتا پيا آهن هن وزير اعليٰ سنڌ ۽ صحت کاتي جي صوبائي وزير کي اپيل ڪئي تہ ڳوٺ ۾ ترت مليريا جو اسپري ڪرائڻ سان گڏ ڊاڪٽرن جون اسپيشل ٽيمون موڪلي علاج ڪرائي وڌيڪ قيمتي جانيون بچايون وڃن

وفاقي حڪومت ۾ علي بابا چاليهہ چورن وارو ورتاءُ آهي، زرداري ليگ سنڌ دشمن آهي: قادر مگسي

گذريل سال نگران حڪومت ۾ سارين جو اگهہ 4000 هزار روپيا مڻ هلي رهيو هو پر هاڻ 2500 روپيا پيو ملي

زرداري ليگ هٿ وٺي سنڌ زراعت کي تباهہ ڪري رهي آهي، وفاقي حڪومت ۾ علي بابا چاليهہ چورن وارو ورتاءُ آهي

سنڌ جي عوام کي گهرجي تہ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو ساٿ ڏي تہ اسان هنن ڪرپٽ نااهل حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪنداسين

ملاڪاتيار(ن ع) جن کي فقط پنهنجا مفاد عزيز هوندا آهن عوام اهڙن جي پرک ڪري اهڙو اظهار ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ملاڪاتيار ۾ پنا هائوس تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ زرداري ليگ هٿ وٺي سنڌ زراعت کي تباهہ ڪري رهي آهي گذريل سال نگران حڪومت ۾ سارين جو اگهہ 4000 هزار روپيا مڻ هلي رهيو هو هن وقت پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آهي تہ سارين جو اگهہ 2500 روپيا في مڻ هلي رهيو آهي عالمي مارڪيٽ ۾ چانورن جي ايڪسپورٽ تمام تيز آهي ان حساب سارين جو اگهہ نئو ڏنو وڃي عوام کي گهرجي هنن ظالم حڪمرانن کي ووٽ جي طاقت سان اسيمبليءَ مان ٻاهر ڪڍيو وڃي تہ بهتر حالات ٿي سگهن ٿا نہ تہ هي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت عوام جو رت چوسي عوام کي ڍانچو بڻائي ڇڏيندي وفاقي حڪومت ۾ علي بابا چاليهہ چورن وارو ورتاءُ آهي زرداري ليگ سنڌ کي تباهہ ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي سنڌو درياءَ مان 6 ڪينال ڪڍي سنڌ جي زمين کي نيلام ڪري سنڌ کي بنجر بڻائڻ چاهين ٿا اها هنن جي پل آهي سنڌ ترقي پسند پارٽي اهڙن چور حڪمرانن جي رستا روڪ ڪندي سنڌ جي عوام کي گهرجي تہ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو ساٿ ڏي تہ اسان هنن ڪرپٽ نااهل حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪنداسين هن کان پهرين سيري پڄاري اسٽاف بارڃاٽي شريف تي ضلع صدر اقبال حاجاڻو سيد سارنگ شاهہ ڊاڪٽر احمد نوناري انيس صبحپوٽو حاجي هارون اڪبر پٽو بچل سنڌي مهراڻ پٽو امجد هنگورو سيف الله هنگورو شهباز هنگورو عثمان سومرو ۽ ٻين گل نڇاور ڪري شاندار استقبال ڪيو

الخدمت فائونڊيشن لطيف آباد ۾ واقع خيراتي اسپتال تي حملو سازش قرار

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) الخدمت فائونڊيشن لطيف آباد ۾ واقع خيراتي اسپتال تي حملي ۽ اسٽاف کي مارڪٽ جو نشانو بڻائڻ واري واقعي کي سوچيل سمجهيل سازش قرار ڏئي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ الخدمت هيلٿ فائونڊيشن جي صحت واري شعبي جي انچارج ڊاڪٽر سيف الرحمان ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ قيل احمد خان فرقان حفيظ ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ لطيف آباد ۾ واقع الخدمت فائونڊيشن تحت هلندڙ اسپتال ۾ ڊليوري دوران هڪ عورت اربيہ زال شهباز شيخ 2آڪٽوبر 2024جي ڏهاڙي شام جو 6وڳي ڌاري هڪ ٻارڙي کي جنم ڏنو جنهن عورت جي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ عورت جي وفات ٿي وئي جنهن بعد فوتي جو مڙس ٻين سان گڏ اسپتال جي عملي تي حملو ڪري مارڪٽ ڪئي ۽ اسپتال جي سي سي ٽي وي جو ڪنٽرول توڙي هارڊ ڊسڪ پڻ ساڻ کڻي ويا جڏهن تہ ان سلسلي ۾ حد جي بي سيڪشن ٿاڻي کي ڏني جيڪا پوليس هڪ ڪلاڪ بعد پهچڻ باوجود اسپتال عملي کي تحفظ ڏيڻ بدران حملي آورن کي سپورٽ ڪيو جڏهن گرفتار ڪيل 6ڄڻن کي 5ڪلاڪن اندر آزاد ڪري ڇڏيو هن چيو تہ حملي آورن سان هڪ سياسي جماعت جو يونٽ انچارج خالد خان گڏ هو هن تہ عورت جي علاج ۾ جيڪڏهن اسان جي ڊاڪٽر يا عملي جي غفلت آهي تہ ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيندي هن مطالبو ڪيو اسپتال جي سي سي ٽي وي رڪارڊ جي ڊسڪ،اسپتال جي ڪائونٽر تان ڦر ڪيل رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي

مقصودو رند ۾ اسرائيل جي فلسطين ۽ لبنان ۾ جارحيت خلاف ريلي

نور القرآن فائونڊيشن جي اڳواڻ مولوي مداح حسين مخلصي جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي

آمريڪا اسرائيل جي مدد ڪري رهيو آهي مسلمان ملڪن کي بہ گهرجي تہ پاڻ اتحاد ڪن: اڳواڻ

مقصودو رند(ن ع) مقصودو رند ۾ اسرائيل جي فلسطين ۽ لبنان ۾ جارحيت خلاف نور القرآن فائونڊيشن جي اڳواڻ مولوي مداح حسين مخلصي جي اڳواڻي ۾ (شهيد راهِ قُدس ريلي) حسيني جامع مسجد ڳوٺ خان رند کان غازي عباس علمدار چوڪ مقصودو رند تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شيعہ علماءِ ڪائونسل مجلس وحدت مسلمين ضلع سانگهڙ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت آمريڪا اسرائيل مرده باد جا زوردار نعرا هنيا ريلي کي خطاب ڪندي نورالقرآن فائونڊيشن جي اڳواڻ مولوي مداح حسين مخلصي، مجلس وحدت مسلمين ضلع سانگهڙ جي صدر سيد اسحاق علي شاهہ مولوي صدورو خان رند، مولوي سڪندر جعفري، عاشق حسين لاشاري، غلام سرور رند، ڪريم بخش رند ۽ ٻين چيو تہ اسرائيل پاران فلسطين جي مظلوم مسلمانن جو خون وهائڻ بعد لبنان ۾ جارحيت شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ سيد حسن نصر الله کي شهيد ڪري مسلمانن کي هڪ عظيم اڳواڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي اسين ايران کي سلام پيش ڪيون ٿا جنهن سيد حسن نصر الله ۽ اسماعيل هانيہ جي خون جو بدلو ورتو آهي آمريڪا اسرائيل جي مدد ڪري رهيو آهي مسلمان ملڪن کي بہ گهرجي تہ پاڻ اتحاد ڪن ۽ اسرائيلي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ گهرجي اسين مطالبو ٿا ڪريون مسلمان ملڪن عالمي برادري ۽ انساني حقوق جي تنظيمن کي تہ اسرائيل خلاف سخت قدم کنيا وڃن ۽ جنگ بند ڪئي وڃي

مقصودو رند : اسرائيل جي فلسطين ۽ لبنان ۾ جارحيت خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڊاڪٽر شاهنواز کي ساڙڻ جو واقعو ڪنهن غير مسلم ڪيو هوندو: پير محمد خالد سلطان

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي مرڪزي ناظم اعليٰ جماعت اهلسنت پاڪستان ميمبر اسلامي نظرياتي ڪائونسل پاڪستان امير جماعت الصالحين پاڪستان صاحبزاده الحاج پير محمد خالد سلطان سروري القادري چيو آهي تہ ربيع الاول جي مهيني ۾ پيغمبر اسلام جي شان ۾ گستاخي جا واقعا پيش آيا آهن جنهن سبب سڄي ملڪ ۾ بي چيني پکڙجي وئي آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن گهوٽڪي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت گستاخ رسول کي مقابلي ۾ مارڻ تي انعام ۽ اعزاز سان نوازي ها پر سنڌ حڪومت پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي جيڪو شرمناڪ عمل آهي سنڌ حڪومت قتل کي ٻيو رنگ ڏئي رهي آهي هن چيو تہ ڊاڪٽر شاهنواز کي ساڙڻ جو واقعو ڪنهن غير مسلم ڪيو هوندو جو تہ جتي گستاخي جو واقعو پيش آيو آهي اتي غير مسلمن جي آبادي مسلمانن کان وڌيڪ آهي جڏهن تہ لاش کي ساڙڻ جي موقعي تي علماءِ ڪرام موجود نہ هئا ۽ سنڌن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

سنڌ سرڪار اسان جي حقن تي ڌاڙو هڻي رهي آهي: عبدالقادر چانڊيو

بدين (د ر) رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي حقن جي تنظيم گريڊ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 6 آڪٽوبر تي احتجاج ڪيو ويندو ان ڳالهہ ۾ گريڊ ضلعي بدين جي صدر عبدالقادر چانڊيو انفارميشن سيڪريٽري اشرف ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي پگهارن مان ڪٽوتي ڪيل رقم گروپ انشورنس بينوولنٽ فنڊ جي رقم سنڌ حڪومت پاران ادا نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ خيبرپختونخواهہ بلوچستان ۽ گلگت بلتستان صوبا گذريل ڪيترن ئي سالن کان رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي گروپ انشورنس بينوولنٽ فنڊ جي رقم ڏئي رهيا آهن پر سنڌ سرڪار اسان جي حقن تي ڌاڙو هڻي اسان سان ناانصافي ڪري رهي آهي 6 آڪٽوبر آچر ڏينهن صبح جو 10 وڳي هائي اسڪول بدين تي گڏ ٿي پنهنجن مطالبن لاءِ گڏجاڻي ڪان پوءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

خانپورمهر ۾ شيعہ علماءِ ڪائونسل پاران ريلي

فلسطين جي مظلوم عوام سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي نڪتي

شهيد حسن نصرالله جي عظيم شهادت کي ڪڏهن ڀلائي نٿو سگهجي: اڳواڻ

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ۾ شيعہ علماءِ ڪائونسل پاران شهيد سيد حسن نصرالله ۽ فلسطين جي مظلوم عوام سان اظهار يڪجهتي لاءِ مرڪزي امام بارگاهہ خانپورمهر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي.. قائد ملت جعفريہ پاڪستان سيد ساجد علي نقوي جي هدايت تي شيعہ علماءِ ڪونسل پاڪستان سنڌهہ تعلقہ خانپور پاران شهيد راهہ حق سيد حسن نصرالله، فلسطين جي مظلومن سان اظهار يڪجهتي ۽ اسرائيل جي خلاف احتجاجي ريلي مظاهرو مرڪزي امام بارگاهہ خانپور مهر کان پريس ڪلب تائين تعلقہ صدر معشوق علي سمون، ڊاڪٽر محمد نواز سمون، مشتاق احمد حيدري، غلام علي حيدري، عابد حسين مهر جي قيادت ۾ ڪڍي وئي احتجاجي ريلي ۾ هر طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ راهہ حق شهيد حسن نصرالله جي شهادت هڪ المناڪ سانحو آهي. سندس عظيم شهادت کي ڪڏهن ڀلائي نٿو سگهجي قاتل دهشتگرد اسرائيل عالم اسلام لاءِ خطرو آهي اسين هر محاذ تي اسرائيل جي خلاف آواز اٿارينداسين ۽ جهاد ڪنداسين اسرائيل جو فلسطين مٿان ظلم جبر ۽ قبلہ اول جو قبضو هرگز قبول نہ آهي حڪومت پاڪستان کي اسرائيل جي معاملي تي پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ گهرجي ۽ کليل اسرائيل جي مخالفت ڪندي فلسطين ۽ ايران جو ساٿ ڏيڻ گهرجي

خانپورمهر: شيعہ علماءِ ڪائونسل پاران فلسطينين جا يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران 8 آڪٽوبر تي ڌرڻي جو اعلان

ٽاڙو ڊائو يونيورسٽي پاران ورتل ٽيسٽ جا پيپر پڻ وقت کان اڳ آئوٽ ڪيا ويا: جئي ڪمار

سنڌ جا تعليمي بورڊ وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي اولاد کي پيسن عيوض گريڊ وڪرو ڪن ٿا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻ ڪامريڊ جئي ڪمار ايڊووڪيٽ احمد علي دل ۽ ٻين ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٽاڙو ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي پاران ورتل ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ کي رد ڪندي 8 آڪٽوبر تي ڊائو يونيورسٽي ڪراچي سامهون ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو تہ سرمائيدار ۽ راشي آفيسر غريب والدين جي ٻارن کان ڊاڪٽري جي شعبي ۾ داخلا جا در بند ڪرڻ چاهين ٿا.هن چيو تہ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ جا پيپر آئوٽ ڪيا پيا وڃن ٽاڙو ڊائو يونيورسٽي پاران ورتل ٽيسٽ جا پيپر پڻ وقت کان اڳ آئوٽ ڪيا ويا.هنن چيو تہ غريب والدين جي ٻارن سان ميٽرڪ ۽ انٽر جي گريڊ کان ويساهہ گهاتي ڪئي پئي وڃي سنڌ جا تعليمي بورڊ وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي اولاد کي پيسن عيوض گريڊ وڪرو ڪن ٿا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 05 آڪٽوبر 2024ع

حڪمرانن ۽ مخالف ڌروارن کي عوام جي حال تي رحم ڇو نٿو اچي؟

هونئن ته اسان وٽ شايد ئي ڪڏهن سياسي حوالي سان ماحول سازگار رهيو هُجي، پر گذريل ڪجهه سالن کان سياست کي جنهن راهه تي آندو ويو آهي، اُن مان خير جي اُميد جا آثار گهٽجندي نظر اچن پيا. بلڪ اُها هڪ اهڙو ڪلچر بڻجي وئي آهي، جنهن کي پاور، پئسو ۽ پروٽوڪول حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻايو ويو آهي. سياست سان واڳيل ماڻهن کي سماجي ڀلائي ۽ بهتريءَ سان سروڪار آهي نه وري اُهي ماڻهن جي زندگين ۾ تبديليءَ جا خواهشمند آهن. اُنهن لاءِ آدرش ۽ اصول به ڪا معنيٰ نٿا رکن. گهڻا ته اهڙا به آهن جيڪي هر ڀيري سٺي پاسي رهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن ته ويجهڙائيءَ ۾ سياست شخصيت جي اهڙي ته سحر ۾ ڦاسي پئي آهي جو ڪارڪنن مان سوچ سمجهه ۽ دانش جي اُميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. خاص ڪري پي ٽي آءِ پنهنجي بقا ٽڪراءَ ۾ ڳولڻ لڳي آهي، بلڪ هاڻ اُن کي ڪي پي ڪي جي ايم ڪيو ايم چئجي ته غلط نه ٿيندو، جيڪا مسلسل وفاقي حڪومت مٿان حملي آور ٿيندي رهي ٿي. هينئر به سندن ڪارڪنن ڊي چوڪ تائين رسائيءَ جي ڪوشش ۾ آهن. اُن پٺيان سندن ارادا ڪهڙا آهن، تن کي سمجهڻ لاءِ راڪيٽ سائنس جي ضرورت ناهي، بلڪ هُنن جا ماضيءَ وارا عمل ظاهر ڪن ٿا ته جڏهن به پاڪستان ڪنهن اهم معرڪي جون ذميواريون هٿ ۾ کنيون آهي يا ٻاهرين مُلڪن جا سربراهه پاڪستان اچڻ جو ارادو رکندا آهن ته پي ٽي آءِ قيادت مُلڪ ۾ ٽڪراءَ واري صورتحال پيدا ڪرڻ لاءِ ڪارڪنن کي روڊن تي نڪرڻ جو حڪم ڏيندي آهي. هِن ڀيري ته فيصل واوڊا انتهائي ڏيڇاريندڙ ڳالهه ڪئي آهي ته هُنن کي لاش گهرجن ٿا. جڏهن ته ڪي پي ڪي وزيراعليٰ پڻ اعلان ڪري چُڪو آهي ته هِن ڀيري هُو هٿيارن سان ليس ٿي ايندو ۽ جنهن به سندن رستي ۾ رُڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هُو مهاڏو اٽڪائيندا. اِها صورتحال ڪنهن به ريت مُلڪ توڙي عوام جي حق ۾ ناهي، نه وري سياست جهڙي سماجي علم لاءِ اِهو رويو سلو سنؤڻ ثابت ٿيندو.

سياست کي ته جاڳرتا ۽ شعور جو ذريعو سمجهيو ويندو آهي. ماضيءَ ۾ پارٽيون ڳوٺين ۽ محلن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون ڪرائينديون هيون ته جيئن ماڻهن کي پنهنجي علائقن جي اهميت ۽ سندن حق کان آگاهي ملي. ايترو ئي نه پر اُنهن کي اِهو شعور به ڏجي ته اُهي پنهنجي ذهن ۽ ضمير پٽاندر اهڙن ماڻهن جي چونڊ ڪن، جيڪي اعليٰ ايوانن ۾ پهچي آئين سازيءَ جا مثال قائم ڪن جو هيءُ سماج جنت جو ڏيک ڏيڻ لڳي ۽ عوام امن ۽ سڪون سان ملڪي ترقيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري! اهڙي ڪوشش ڪجهه وقت تائين جاري به رهي، پر پوءِ جاگيرداراڻي نظام سموري سياسي نظام کي يرغمال ڪري پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ عام ماڻهوءَ کي اِن اختيار کان محروم ڪيو ويو ته اُهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن عوام دوست نمائندي جي چونڊ ڪري. جنهن ڪري ايوانن ۾ اڪثريت سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي پهچندي رهي، جن عوامي مسئلا حل ڪرڻ کي ڪڏهن به پنهنجي ترجيحن ۾ نه رکيو. اِهو ئي سبب آهي جو اسين ننڍي کنڊ ۾ سڀني کان پوئتي پيل سڏيا وڃون ٿا. عوام نهايت ڇڪندڙ زندگي گذاري رهيو آهي، سندن راتيون ۽ ڏينهن انڌيرن ۾ ڪٽجي رهيا آهن، ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي بند رهي ٿي، ڪارخانن جون چمنيون به وڃن ٿيون وسامنديون، پر اِهي مسئلا به اسان جي سياستدانن جي مٿي جو سور ناهن!

هڪ طرف صورتحال هيءَ آهي جو ماڻهون پنهنجن ٻارڙن جي بُک کان تنگ ٿي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن، بيروزگار نوجوان پاڻ کي باهيون ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، پر اسان جي سياستدانن کي اُنهن واقعن تي ڪا جهَبي ئي اچي نه وري اُهي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪا وک وڌائين ٿا! بلڪ اُهي هٺرادو جوڙيل سياسي ڪلچر جي حصار ۾ رهندي پنهنجي زندگيءَ کي سُکيو بڻائڻ جون ڪوششون ڪن ٿا. سندن اِهو سلسلو به تيستائين جاري رهي سگهي ٿو جيستائين غريب عوام ۾ ڏُک ۽ تڪليفون سهڻ جي سهپ هوندي ۽ ڪا خبر ناهي ته غريب عوام جي اِها سهپ ڪيتري وقت تائين برقرار رهي رهندي؟! ڇو ته اُنهن جي پيٽ ۾ هر وقت بُک جي باهه ڌُکندي رهي ٿي، اُهي محرومين ۾ نهايت اذيت ڀري زندگي گذاري رهيا آهن. جنهن ڏينهن به اُنهن جي صبر جا پئمانا لبريز ٿيا ته اُهي حڪمرانن واري سياسي ڪلچر جي آڏو اٿي بيهندو. اُها صورتحال ڪيتري ڀيانڪ ٿي سگهي ٿي، تنهن جو هر ساڃاهه وند ماڻهو اندازو بخوبي ڪري سگهي ٿو تنهن ڪري حڪمران ڌُر توڙي مخالف ڌر کي پنهنجي انائن جي تسڪين سان گڏوگڏ ڪجهه گهڙيون اُن غريب ۽ پيڙهيل طبقي لاءِ به وقف ڪرڻ گهرجن، جيڪو گهڻ رُخن مسئلن جي گهيري ۾ جيون گهاري رهيو آهي.

5 آڪٽوبر: سلام ٽيچرس ڊي



عبدالفتاح عباسي

تعليم ۽ شعور جي بيداري قومن جي سڃاڻپ هوندي آهي. جيڪڏهن اهي شيون نه هجن ته قومون اونداهيءَ جي پاتال ۾ ڪري پون ٿيون. علمِ انسان جي سڃاڻپ سان گڏوگڏ شعوري سگهه جي ڪري پنهنجي دنيا سان گڏوگڏ آخرت جي بهتريءَ جا سمورا گُس ملن ٿا. جيڪي به قومون هن وقت دنيا جي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري چڪيون آهن، اُنهن تعليمي شعور جي بنياد تي پنهنجي تحقيق، ريسرچ ڪندي ترقيءَ جو معراج ماڻيو آهي، جن قومن تعليم ۽ شعور کان منهن موڙيو اهي قومون هروڀرو جي خام خياليءَ ۾ گم ٿي ويون. دنيا اندر علم جي اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي اُنهن قومن سڀ کان اڳ ۾ 'استاد' جي عظمت، بلندي، عزت، احترام ۽ انهيءَ کي وقار ڏيڻ جو قدم کنيو، جنهن ڪري اهي قومون اڄ سموري دنيا جي نقشي ۾ سڀ کان وڌيڪ خوشحالي ۽ ترقيءَ جي راهه تي گامزن آهن. آمريڪا، لنڊن سميت يورپين ملڪن ۾ استاد جو ڪيڏو مرتبو آهي، هن ڳالهه مان اندازو ڪري سگهجي ٿو هڪ طرف ڪورٽ جو جج صاحب ٻئي طرف وزير صاحب ۽ ٽئين طرف استاد صاحب، روڊ تان گذر ڪري ٿو ته پوليس سارجنٽ کي حڪومت طرفان اهو آرڊر آهي ته پهريان جج ۽ وزير کي نه پر پهريان عظمت جي بلندين تي پهچائيندڙ عظيم شخصيت استاد کي رستو ڪراس ڪرايو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهو استاد پنهنجي اداري اسڪول، ڪاليج يونيورسٽي ڏانهن قوم جي معمارن کي تعليمي شعور سان آراسته ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي ۽ انهيءَ جو هڪ منٽ به ضايع نه ٿيڻ گهرجي.

سڌريل قومن ۾ استاد کي مسيحا سمجهيو وڃي ٿو ۽ سڀ کان وڌيڪ انهيءَ طبقي تي حڪومت توانايون خرچ ڪندي رهي ٿي. استادن جي سهولتن، انهن جو معاشي طرح هر حوالي سان خصوصي خيال رکيو وڃي ٿو. اهي قومون اڄ ترقيءَ جون راهون طئي ڪري جديد ٽيڪنالاجيءَ جي معراج تي اُٿين ناهن پهتيون پر انهن استاد ٽيچرس جي مان، مرتبي، شان و شوڪت کي پهريان محسوس ڪندي، انهيءَ کي هر حوالي سان سکيو ستابو رکيو آهي ۽ انهن استادن جي فيضان مان فيض حاصل ڪيو آهي، پوءِ اهي قومون سڄي دنيا جي نقشي تي اهڙيون ته ڇانئجي ويون آهن جو ٻيون قومون ۽ ملڪ انهن جي ترقيءَ تي ريس ته ڪن ٿيون پر اهي انهن جي ٻڌايل ترقيءَ جي راز کي اپنائڻ لاءِ پوئتي پيل آهن. حالتن جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي ته جيڪا قوم هن وقت به پنهنجي اوائل جي بزرگان دين سلف صالحين جي ڏسيل راهن تي گامزن ٿين ٿيون، اهي وري به علمي شعور جي بلندين کي پهچي سگهن ٿيون. اسان جي ملڪ ۾ تعليم کي عبادت سمجهڻ بجاءِ بزنس، ڪاروبار ۽ ڌنڌو ڪري هلائڻ جو رواج جڏهن کان پيو آهي، تڏهن کان هن ملڪ ۾ تعليم ڏيندڙ گهٽي کان گهڻا پيدا ٿيا آهن. پر تعليم جي نچوڙ جامع ۽ مختصر واري فارمولي تي ڪو به عمل نه ٿي سگهيو آهي، جنهن ڪري استاد جي معزز معتبر شخصيت کي ڌڪ رسيو آهي. معاشري ۾ جنهن عاليشان طبقي استاد کي وزير ۽ جج کان وڌيڪ مرتبو ۽ پروٽوڪول ملڻ گهرجي، انهيءَ کي هن معاشري ۾ گهٽ ۾ گهٽ درجي جي شهري طور سڃاڻپ ڪرائي وئي آهي.

استاد جي عظمت ۽ بلندين سبب اڄ ملڪ جا صدر، وزيراعظم، سينيٽر، وزير، جج، وڪيل، ڊاڪٽر، انجنيئر، وزير اعليٰ، گورنر، ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر سميت مڙني اهم پوسٽن تي ويٺل آفيسر 'عظيم استاد' جي بدولت عهدا ماڻي ويٺا آهن پر بدقسمتيءَ سان غلط حڪمرانن جي غلط روش ڪري استاد جي سمورين ڀلاين ۽ چڱاين کي وساري ويٺا آهن. جيڪڏهن استادن جي چڱاين ۽ ڀلاين جي انهن کي صحيح طرح قدر ۽ خيال هجي ها ته هن ملڪ ۾ انهي عظيم هستيءَ جو واقعي قدر هجي ها. استاد، جائز حقن لاءِ روڊن رستن تي نڪرڻ مهل واٽر ڪينن، شيلنگ، لاٺي چارج، تشدد جو نشانو نه بڻجڻ ها. استاد ايندڙ مستقبل جي معمارن جي آبياري ڪري ٿو پر جوٽ چڙهيل مهانگائي ۾ انهيءَ استاد کي هڪ تولي سون برابر پگهار نٿي ڏني وڃي. سماج ۾ استاد کي بي يارو مددگار ڪرڻ جون ڪوششون پيا نه پر وقت جا حڪمران ڪندا رهن ٿا.

استاد جي عظمت کي سلام آهي جنهن جي ڪوششن سان فرش کان عرش تي ماڻهو پهچي وڃي ٿو. تعليمي بيداري ۽ شعور اجاگر ڪرڻ وڏي ۾ وڏي عبادت آهي ۽ خاص ڪري نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ عين عبادت آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ نياڻيءَ کي پڙهائڻ سان پورو خاندان تعليم يافته ٿئي ٿو اهڙي طرح اهو گهر ڳوٺ علائقو محلو تعليم جي نعمت سان مالا مال ٿئي ٿو تنهن ڪري پنهنجين نياڻين کي تعليم جهڙي نعمت سان سرفراز ڪرڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوششون ڪيون. چيو ويو آهي ته عابد زاهد کان وڌيڪ مرتبي ۽ شان وارو اهو آهي، جيڪو علم جي روشنيءَ سان پرنور آهي ڇاڪاڻ ته علم، الله جي وحدانيت جو سڏ ٻڌائي ٿو ۽ رب پاڪ کي سڃاڻڻ جون اکيون ۽ سمجهه عطا ڪئي وڃي ٿي.

استادن جي عظيم پورهئي کي اهي ئي سمجهي سگهن ٿا، جنهن کي استاد جي عظمت شان مان ۽ مرتبي جي خبر هوندي، باقي نه ته سماج ۾ مصنوعي چهرن ماڻهن کي منجهائي وڌو آهي. پر ياد رکو ته اولڊ از گولڊ سينيئر سينيئر ئي آهي، اهو سون جي برابر بلڪ هيري جي برابر سينيئر استاد آهن. پڙهائيندڙ استادن جي بلندي عظمت شان شوڪت کي پنهنجي هٿن سان سلام پيش ڪريون ٿا. salam teachers day تي سمورن محنتي جاکوڙي باڪردار باهمت لوڄڻ سوچڻ ۽ قوم جي ايندڙ نسل، مستقبل جي معمارن کي سنواريندڙ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ استادن کي سليوٽ ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ ته

ٻه رياستي حل يا وڏي جنگ!

ايس اي زاهد

ايران ردعمل جي طور تي اسرائيل تي مزائيل حملا ڪري اسرائيل کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هينئر به وقت آهي ته سڌري وڃ. ايران حملي کانپوءِ چيو ته ايران جنگ نٿو چاهي پر هاڻ جيڪڏهن اسرائيل ڪنهن قسم جي دهشتگردي ۽ بدمعاشيءَ جي ڪوشش ڪئي ته اُن جي ڀيانڪ نتيجن جي لاءِ به تيار رهي. ايراني مذهبي اڳواڻ ۽ رهبر آيت الله علي خامنه اي هن حملي کي ايراني طاقت جي صرف هڪ جهلڪ قرار ڏنو آهي. پاڪستان هميشه وچ اوڀر ۾ امن جي قيام تي نه صرف زور ڏنو آهي بلڪ اُن جي لاءِ تمام سفارتي ڪوششون به جاري رکيو ويٺو آهي. پاڪستان وچ اوڀر ۽ فلسطين-اسرائيل تڪرار جي حل تي زور ڏيندي ٻه رياستي حل جي تجويز جي حمايت ڪئي آهي. اُن ۾ ڪا ٻه راءِ نه آهي ته اِهو ئي هن تڪرار جو بهترين ۽ پُرامن حل آهي. تمام عرب ملڪن کي هن تجويز تي فوري ۽ موثر عملدار آمد جي لاءِ عملي ڪوششون ڪرڻ گهرجن. حقيقت ۾ وچ اوڀر ۾ امن جي قيام ۽ مسئلي جي حل لاءِ ڪوششون ته ٿيون به آهن ۽ ٿي به رهيون آهن پر سوال اِهو آهي ته اِهي ڪوششون نتيجي خيز ڇو ثابت نه پيون ٿين. اُن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته تمام عرب ملڪ وچ اوڀر ۾ امن جي قيام ۽ فلسطين جي پُرامن حل جا دلي طور تي خواهشمند آهن ته پوءِ رڪاوٽ ڪهڙي آهي؟ مسلمان ملڪن کي هاڻ سمجهڻ گهرجي ته اِهو اسرائيل ۽ ڪجهه هٿين خالي مسلمانن جي (جنهن جو ڪنهن به ساٿ ناهي ڏنو) جنگ نه آهي. اِها جنگ هر ڪنهن کي وڪوڙي ويندي. وچ اوڀر ۾ امن جي قيام ۽ فلسطين جي مسئلي ۾ هڪ ئي رڪاوٽ آهي ۽ اُها آهي صهيوني حڪمران. هن وقت به اُتي جنگ جي باهه هن وقت جي هٽلر ۽ مسلمانن جي جاني دشمن صهيوني وزيراعظم نيتن ياهو ۽ اُن جي گروهه ڀڙڪائي آهي. جيئن ملڪن تي حملا ڪرڻ جو مقصد باقي عرب ملڪن جي لاءِ پيغام آهي ته اُهي به تيار رهن. جيڪڏهن اُن بدمعاش ۽ زمين تي فساد پکيڙڻ واري بدبخت کي نه روڪيو ويو ته هو نه پاڻ بيهندو ۽ نه وچ اوڀر ۾ امن قائم ٿيڻ ڏيندو. ذريعن جي مطابق صهيوني حڪومت جو منصوبو ئي ڪجهه ٻيو آهي. جيڪو هُن فلسطين کان شروع ڪيو پوءِ لبنان ۾ غزه جي طرز تي ڪارروائي ڪئي پوءِ شام ۽ يمن تي حملا شروع ڪيا ۽ اِهو سلسلو اڃا جاري آهي. ڪيترائي ايراني اڳواڻن کي شهيد ڪرڻ کانپوءِ ايران جي اندر وڃي ايران جي سرڪاري مهمان ۽ اهم حماس اڳواڻ کي شهيد ڪيو. انهن تمام واقعن کي ڏٺو وڃي ته اُن ۾ ڪهڙو شڪ باقي آهي ته فلسطيني سرزمين تي ناجائز صهيوني قبضه گروپ جا ارادا دنيا کي ٽين عالمي جنگ ۾ ڌڪڻ جا آهن. امريڪا، برطانيا ۽ ٻيا ڪجهه ملڪ جيڪي هن فسادي جي کُليل طور حمايت ڪري رهيا آهن، اِهو سواءِ مسلمان دشمني جي ٻيو ڇا آهي. قائداعظم جي فرمان جي مطابق اسرائيل انهن ملڪن جو ناجائز ٻار آهي جيڪو هاڻ جوان آهي ۽ اُن ناجائز ٻار کي انهيءَ لاءِ جنم ڏنو ويو هو، جيڪو هينئر هُو ڪري رهيو آهي. جڏهن ته امريڪا ۽ برطانيا کي اِهو سمجهڻ گهرجي ته اِهو ئي ناجائز ٻار جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهي اِهو انهيءَ جي تباهي جو سبب بڻجندو.

بشرطيڪ مسلمانن جا ضمير ۽ غيرت ايماني جاڳي وڃي. تاريخ جو جيڪڏهن معروضي ۽ غير جانبداريءَ سان جائزو ورتو وڃي ته اِن کان اڳ به ڪيترين ئي طاقتور بادشاهتون آيون. ڪيترائي جنگجو آيا ۽ مسلمانن سان گڏ جنگيون ڪيون. قتل عام ڪيا پر تمام سامان، طاقت ۽ تعداد جي باوجود انهن جو انجام ڪهڙو ٿيو؟ هٽلر جرمنيءَ کان هليو ۽ مصر تائين وڃي پهتو پر انجام ڪهڙو نڪتو تازو ئي ڏسو ته امريڪا افغانستان ۾ اربين ڊالر ضايع ڪرڻ ۽ ڪيترائي هزار فوجي مارائڻ کانپوءِ مٿي تي پير رکي اُتان ڀڳو جو سڄو سامان به ڇڏي ويو. عراق ۾ جيڪو ڪجهه امريڪا ڪيو، شام ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ۽ هينئر به ٿي رهيو آهي. انهن تمام وڏين ڪاروواين، بي پناهه جنگي جديد هٿيارن ۽ جهازن جي باوجود امريڪا کي شڪست کانسواءِ ٻيو ڇا مليو.

امريڪا ايران تي پابنديون لڳائي سگهي ٿو پر ايران جو ڪجهه به نٿو بگاڙي سگهي. امريڪا ته انقلابِ ايران جي موقعي تي ايران کان ڏيڍ سال تائين پنهنجا قيدي نه ڇڏرائي سگهيو هو جيستائين ايران يا ڪنهن ٻئي ملڪ تي پابندين جو تعلق آهي ته ڇا امريڪي پابنديون جيڪي وڏي عرصي کان لڳل آهن. انهن سان ايران جو بطور ملڪ وجود ختم ٿي ويو يا ايران ڏيوالو ٿي ويو هرگز نه. دراصل دنيا خاص طور تي مسلمان ملڪن آمريڪا کي هڪ هوا تسليم ڪيو آهي ۽ آمريڪا جو اهڙو خوف هنن جي دلين ۾ سمايل آهي جو اڄ هُو اُن جي اجازت کان سواءِ ساهه به نه کڻندا. جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل صرف ڪجهه ئي مثالون سامهون رکيون وڃن ته امريڪا نه ڪجهه ڪري سگهيو آهي ۽ نه ڪري سگهي ٿو.

اسان ڏسي رهيا آهيون ته هٿين خالي ڪشميري ڀارت جي سامهون بيٺل آهن. تازو جعلي رياستي چونڊن جو ووٽنگ ڪرڻ ۽ هم خيال سفارتڪارن کي والاريل ڪشمير جي هوٽل ۾ ماني کارائڻ جو به ڪو فائدو نه ٿيو ڪشميرين ٻُري طرح انهن جعلي چونڊن کي رد ڪري ڀارت جي منهن تي چماٽ هڻي ۽ اِهو منظر انهن هم خيال سفارتڪارن جيڪي ٻاهر ته نه نڪري سگهيا بلڪ هوٽل جي درين ۽ مقامي اخبارن جي ذريعي ضرور ڏٺو آهي ته انهن جعلي چونڊن ۾ ڪجهه هندوئن سان گڏوگڏ ڀارتي فوجي ووٽ وجهڻ آيا هئا. اهڙي طرح هٿين خالي فلسطيني ۽ بنا جهازن جي امريڪي ۽ برطانوي حمايت يافته شيطاني صهيوني ٽولي سان گڏ وڙهڻ واري حماس ۽ حزب الله جو نيتن ياهو ڇا بگاڙي سگهيو. جن کي اِهي صيهوني فلسطينين، حماس ۽ حزب اڳواڻن جو قتل چون ٿا. انهن شيطانن کي ڪهڙي خبر ته اُهي سڀ ته شهادت جي عظيم رُتبي تي فائز ٿي چُڪا آهن ۽ وڌيڪ انهيءَ خواهش تي وڙهي رهيا آهن. ايران ته اسرائيل کي سبق سيکارڻ جي بنياد رکي ڇڏي، هاڻ باقي مسلمان ملڪ به پنهنجي غيرت ايماني کي جاڳائين، اهڙين حالتن ۾ مصلحت منافقت هوندي آهي، قيامت جي ڏينهن جواب به ڏيڻو آهي.

هٿين خالي فلسطيني ۽ بنا جهازن جي امريڪي ۽ برطانوي حمايت يافته شيطاني صهيوني ٽولي سان گڏ وڙهڻ واري حماس ۽ حزب الله جو نيتن ياهو ڇا بگاڙي سگهيو. جن کي اِهي صيهوني فلسطينين، حماس ۽ حزب اڳواڻن جو قتل چون ٿا، انهن کي ڪهڙي خبر ته اُهي سڀ ته شهادت جي عظيم رُتبي تي فائز ٿي چُڪا آهن ۽ وڌيڪ انهيءَ خواهش تي وڙهي رهيا آهن. ايران ته اسرائيل کي سبق سيکارڻ جي بنياد رکي ڇڏي، هاڻ باقي مسلمان ملڪ به پنهنجي غيرت ايماني کي جاڳائين، اهڙين حالتن ۾ مصلحت منافقت هوندي آهي، قيامت جي ڏينهن جواب به ڏيڻو آهي.

ڊي چوڪ معرڪو: چڪتاڻ ۾ اضافو!

غلام حسين لغاري

پي ٽي آءِ باني جي سڏ تي ڊي چوڪ احتجاج جو ڪالهه ٻيو ڏينهن ڏاڍو هو. پنجاب جي اڪثر وڏن شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ سمورا لنگهه / رستا، ڪاروبار بند ٿيڻ ڪري هڪ عجيب صورتحال ڏسڻ وٽان آئي ۽ هڪ خوفناڪ صورتحال جا اهي منظر ڏسڻ ۾ مليا. جهڙوڪ ٻن صوبن ڪي پي ڪي ۽ پنجاب وچ ۾ ڪا جنگ ڇڙي هجي. ڪي پي ڪي- پنجاب سرحد وٽ ٻنهي صوبن جي پوليس مورچه بند نظر آئي. جهڙي صورتحال رهي تنهن هڪ ڀيرو وري ملڪ کي معاشي تباهيءَ طرف ڌڪي ڇڏيو آهي، جنهن جو ازالو ٿيڻ مشڪل آهي. پي ٽي آءِ جو هي ڌرڻو ۽ احتجاج ان وقت ٿي رهيو آهي، جڏهن ملڪ ۾ شنگهائي ڪانفرنس جو اجلاس ٿيڻ وڃي رهيو آهي ۽ عالمي سربراهه اسلام آباد ۾ لٿل آهن. خبر ناهي ته پي ٽي آءِ سياسي جنگ ڇيڙي عالمي سطح تي ڪهڙو پيغام ڏيڻ وڃي رهي آهي جو حڪومت جو چوڻ به ٽلڻي پي ٽي آءِ باني بضد آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ لاهور، فيصل آباد، بهاولپور ۽ ميانوالي ۾ به ساڳي قسم جا احتجاج ٿيا ۽ رانديگرن حڪومت کي ٽف ٽائيم ڏنو. جڏهن ته اڄ وري مينار پاڪستان تي به احتجاج ٿيڻ وڃي رهيو آهي، جنهن جي پيش نظر سڄي پنجاب ۾ ڪشيدگي واري صورتحال هجڻ ڪري ستن ڏينهن لاءِ نه صرف قلم 144 لڳل آهي پر پورو پنجاب ڪنٽينرن جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري ملڪ اندر کاڌي پيتي جو سامان ڀاڄيون وغيره مارڪيٽن تائين پهچڻ مشڪل آهن. جنهن سان اربين کربين رپين جو نقصان پهچي سگهي ٿو ۽ حڪومت جي اها دعويٰ اڌوري رهجي وئي آهي ته هن حڪومت معاشي استحڪام آندو آهي.

حڪومت اسلام آباد ۽ لاهور کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آئين جي آرٽيڪل 245 تحت فوج کي طلب ڪري ورتو آهي، جيڪا حڪومت جي بي حسي ظاهر ڪري ٿي ۽ سندس ڪمزوري ۽ ناڪاميءَ جو هڪ ثبوت آهي ته اها سياسي ۽ معاشي استحڪام کي مضبوط بڻائي ناهي سگهي ۽ اهي امڪان آهن ته ڪا انقلابي تبديلي اچي ۽ واڳ ڪن ٻين حوالي ٿئي يا ڪا قومي حڪومت ڪجهه عرصي لاءِ اچي.

هي ڪو پهريون احتجاج يا ڌرڻو ناهي جيڪو خاص وقتن تي ڪيو ويو هجي. 2014 ۾ پي ٽي آءِ چين جي صدر جي اسلام آباد اچڻ وقت احتجاج ڪيو هو، جنهن ڪري چيني صدر اهو دورو ملتوي ڪري ڇڏيو هو. اهڙي طرح او آءِ سي ڪانفرنس وقت به پ پ اسلام آباد ۾ هن قسم جو ڌرڻو ۽ احتجاج ڪيو هو. جڏهن پ پ پ کي اهڙو احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو ته پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جواب ڏنو هو، جنهن سان پڻ اسلامي ملڪن تائين هڪ غلط تاثر پهتو هو. ملڪ ۾ هن قسم جا سياسي احتجاج ۽ ڌرڻا هڻڻ جا ٻيا به موقعا هوندا آهن پر جڏهن ملڪ ۾ عالمي سربراهه موجود هجن يا عالمي سطح جا اجلاس ٿين ته يڪجهتي طور اهڙا احتجاج ڪرڻ ۽ ڌرڻا هڻڻ نه گهرجن، جنهن سان عالمي سطح تي غلط تاثر پيدا ٿئي. باني پي ٽي آءِ هن وقت ڪافي مچريل ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. جنهن کي حڪومتي ناانصافيون انتقامي ڪارروايون برداشت نه پيون ٿين ۽ هاڻ آخري حربا استعمال پيو ڪري. سپريم ڪورٽ جا ڪجهه جج ۽ چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پي ٽي آءِ جي خاص نشاني تي آهن. جن تي حڪومت جي سهولتڪاريءَ جا الزام مڙهيا پيا وڃن ۽ غلط فيصلا ڪرڻ جو الزام آهي، جنهن جو سبب قاضي فائز عيسيٰ حڪومت کان مدتِ ملازمت ۾ توسيع وٺڻ چيو وڃي ٿو.

هُن خلاف احتجاج ڪرڻ تي پي ٽي آءِ جي وڪيلن ۽ اسيمبلي ميمبرن خلاف دهشتگردي وارا قلم هڻي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جنهن کان پوءِ وڪيل طبقو به مچريل آهي ۽ هنن به پنهنجو الڳ ڪنوينشن ڪوٺايو آهي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سينيٽر فيصل واوڊا ۽ آءِ جي اسلام آباد پي ٽي آءِ باني تي الزام مڙهيا آهن ته هو اسلام آباد ۾ خونريزي ڪرائڻ جو ارادو رکي ٿو ۽ رٿابندي ڪري چڪو آهي. ڪالهه هنن ڊي چوڪ جو دورو پڻ ڪيو ۽ حالتن جو جائزو ورتو. پر ڪي پي ڪي مان وڏي انگ ۾ مچريل ماڻهن کي وٺي نڪتل وڏو وزير علي امين گنڊاپور ڊي چوڪ تي اڃا انهي ڪري پهچي نه سگهيو هو جو پنجاب جي حدن ۾ وڏي رڪاوٽ وڌل هئي، جهڙا منظر ڏسڻ ۾ آيا ته پٺاڻ رانديگرن جي هٿن ۾ خطرناڪ ڏنڊا ۽ گليليون هيون. هن لشڪر ۾ رڪاوٽون هٽائڻ واري مشينري، ايمبوليئنس ۽ فائر برگيڊ گاڏيون گڏ هيون. گنڊاپور هڪ مهيني جو راشن ۽ پيئڻ جو پاڻي، دوائون به کڻي نڪتا آهن. جن مان محسوس ٿي رهيو آهي ته هو وڏي تياري سان نڪتو آهي.

ڪالهه اسلام آباد ۾ ڌهڪاءَ واري صورتحال ڏسڻ ۾ آئي، جتي هر طرف خوف ٿي خوف هو. شام تائين ڊي چوڪ محفوظ رهيو. ڪو به خاص اڻٿيندڙ واقعو پيش نه آيو نه وري پي ٽي آءِ ڪارڪن چوڪ تي نظر آيا. البت شام ڌاري پي ٽي آءِ جا ڪجهه رانديگر پهچڻ، مختلف هنڌن کان ڊي چوڪ داخل ٿيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، جن کي پوليس گرفتار ڪيو. جن بابت پوليس جو چوڻ هو ته اهي افغاني هئا. گرفتار ڪارڪن افغاني هئا يا نه اها الڳ ڳالهه آهي. جيڪڏهن اهي افغاني نڪتا ته اُن جو پاڪ افغان تعلقات تي اڳتي هلي اثر پئجي سگهي ٿو. افغان حڪومت گرفتار ٿيلن کي اُجا پنهنجو ناهي ڪيو هونئن به پاڪستان ۾ لکين افغاني غير قانوني رهن ٿا. جن کي حڪومت واپس موڪلڻ ۾ ناڪام وئي آهي. هنن افغانين جو وڏو انگ ڪراچي، پشاور ۽ اسلام آباد ۾ رهي ٿو. جيڪي آزادانه نموني ڪاروبار ۽ ڌوهه ڪن ٿا. عام تاثر اهو به آهي ته غيرقانوني افغانين جو وڏو انگ پي ٽي آءِ کي به سپورٽ ڪري ٿو. جن جا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل آهن ۽ کين ووٽ جو حق به مليل آهي.

ڊي چوڪ معرڪي جي هن وقت شروعات آهي، جهڙو پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ پٺاڻن جو ولولو ۽ جذبو آهي ۽ گرفتاريون ڏئي رهيا آهن ۽ علي امين گنڊاپور جنهن تياريءَ سان اسلام آباد طرف پيش قدمي ڪري رهيو آهي، اُن مان لڳي ٿو ته پنجاب جي حدن يا وري ڊي چوڪ تي ممڪن رت به وهي سگهي ٿو. جو اتي احتجاج کي روڪڻ لاءِ تياريون مڪمل آهن ۽ اهو به ممڪن آهي ته حڪومت مجبور ٿي وڃي ۽ سگهاريون قوتون به ملڪ جي سلامتي ۽ معاشي حالتن کي نظر ۾ رکي جهڪاءَ طرف وڃن. ملڪ ۾ پيدا ٿيل سياسي چڪتاڻ جو حل ڳالهين ۽ نين چونڊن ۾ آهي. جنهن لاءِ جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان به مطالبو ڪري رهيو آهي ۽ بقول سندس ته (ن) ليگ حڪومت جعلي آهي. ڪيس نٿو مڃي. باقي جيڪڏهن ڊي چوڪ احتجاج ڊيگهه ٿو وٺي ۽ ملڪ ڪنٽينرن سبب بند رهي ٿو ته انجي معاشي تباهي ملڪ کي شايد ئي اسرڻ ڏئي. جنهن لاءِ سياسي چڪتاڻ جو خاتمو آڻڻو پوندو.

استاد پنهنجي عظمت کي سڃاڻي!

اعجاز ممنائي

هونءَ ته هر ڏينهن استاد جو آهي ڇو ته استاد کان سواءِ هن دنيا جو ڪاروهنوار هلي نه ٿو سگهي پر عالمي سطح تي ٻين ڏينهن جيان هر سال هڪ ڏينهن استادن جو به ملهايو وڃي ٿو، جنهن جو مقصد استادن کي سلام پيش ڪرڻ ۽ سماج ۾ سندن مقام کي اجاگر ڪرڻ آهي.

چوندا آهن ته استاد هڪ ڏيئو آهي، جيڪو اونداهين رستن ۾ روشنيءَ جي علامت هوندو آهي. استاد اهو گل آهي، جيڪو پنهنجي خوشبوءِ سان سماج ۾ امن، محبت ۽ دوستيءَ جو پيغام ڏيندو آهي. استاد هڪ اهڙو رهنما هوندو آهي، جيڪو انسان کي زندگيءَ جي غلط رستن مان ڪڍي منزل تائين پهچائيندو آهي. پاڻ سڳورن صلعم جن فرمايو ته مون کي دنيا ۾ معلم ڪري موڪليو ويو آهي. حضرت علي عليه السلام جن فرمايو ته جنهن مون کي هڪ حرف به سيکاريو، مان اُن جو غلام آهيان اُهو چاهي مون کي ڪپائي ڇڏي يا آزاد ڪري يا پاڻ وٽ غلام ڪري رکي.

مطلب ته اسلام استاد کي روحاني پيءُ قرار ڏيندي ڪيس هڪ قابل قدر، قابل احترام، عظيم شخصيت، هڪ استاد ۽ مرشد جو درجو ڏنو. استاد کان سواءِ ڪا به قوم ترقي نه ٿي ڪري سگهي. ڇو ته استاد ئي قوم کي جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي علم جي روشنيءَ ڏانهن آڻي سگهي ٿو. ننڍي شخص کان وٺي اعليٰ آفيسرن ۽ ايوانن تائين ويٺلن کي استاد ئي اُن درجي تي پهچايو آهي ته پوءِ اُن استاد کي درجو به اتم ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن استاد نه هجي ها ته شايد دنيا جو وجود ئي نه هجي ها يا هر شخص جهالت جي اونداهيءَ ۾ گهيريل هجي ها. استاد معاشري جو اهو فرد آهي جيڪو اڻ گهڙيل شيءِ کي گهڙي خوبصورت بڻائي ٿو. استاد جي سکيا سان ئي انسان منزل مقصود ماڻي سگهي ٿو. جيڪڏهن شاگرد قوم جا معمار آهن ته استاد قوم جي مستقبل جو مقدر لکڻ ۽ سنوارڻ وارو آهي. جنهن قوم ۽ ملڪ جو استاد زنده آهي، اها قوم ڪڏهن به مرڻي ناهي. عبدالحئي پتي جي بقول "استاد انسان جو روحاني، اخلاقي ۽ علمي مربي آهي".

تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته سمورا دانشور، مفڪر، سياستدان، سائنسدان، اديب، شاعر، ليکڪ، استاد جي محنت سان ئي بڻيا آهن. هاڻي استاد کي پنهنجي عظمت سڃاڻڻ گهرجي ته ايڏو وڏو مقام حاصل ڪرڻ وارو اڄ پريشانيءَ جي عالم ۾ ڇو آهي. تعليم واري وزير توڙي بيوروڪريٽ جو استاد کي دڙڪا ڏيڻ هيسائڻ ۽ سندن حقن تي ڌاڙا هڻڻ وارو عمل قابل مذمت آهي. ڪانئن ڪرسيءَ تي ويهڻ کانپوءِ اهو وسري ويندو آهي ته پاڻ جنهن منصب تي ويٺل آهن، سو استاد جي محنت جو نتيجو آهي، اهي ماڻهو بدنصيب آهن جيڪي استادن جي عظمت کي وساري ويهن ٿا ۽ استادن کي تنقيد جو نشانو بڻائين ٿا. بهترين استاد تنقيد تي توجهه ڏيڻ بجاءِ پنهنجي محنت ۽ جدوجهد جاري رکي قوم کي پنهنجون علمي خدمتون ارپيندا رهن ٿا. استاد پيغمبري پيشي جا امين آهن. آئيندي جي بهترين تربيت سندن ذميداري آهي. اُن ڪري پنهنجي ذميواريءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪن. اڄوڪي ڏينهن تي استادن جي ناقابل فراموش ڪردار کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي انمول خدمتن کي ساراهڻ لازمي آهي. ڇو ته اسان جي زندگين ۾ استاد جي اهميت هڪ سوناري وانگر آهي، جيڪو هڪ ڌاتوءَ جي ٽڪري کي سنواري قيمتي بڻائيندو آهي. انڪري استاد پنهنجي ڪردار کي سواليه نشان بڻائڻ جو جواب علمي ماحول سان ڏئي ۽ تعليم کي جديد گهرجن مطابق استعمال ڪري. ڇو ته ماضيءَ ۾ استاد کي ڄاڻ جو مرڪز ۽ عقل ڪل ڄاتو ويندو هو ۽ ايمانداريءَ سبب برادرين جا فيصلا به استاد کان ڪرايا ويندا هئا. استاد ٻارن لاءِ خوف جي علامت هوندو هو. جنهنڪري تعليم جو معيار به مثالي هوندو هو. اڳ ٻار استاد کان ڊڄندا هئا، هاڻي استاد ٻارن کان ڊڄي ٿو متان سندس خلاف ڪو احتجاج ڪري. اڄ به جيڪڏهن استاد پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان بجا آڻي ۽ سنجيده ٿي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري ته ماضيءَ وانگي سندس مستقبل به محفوظ ٿي سگهي ٿو.



استاد کي اهميت ڏيو

صائمه سومرو

ٻار جڏهن دنيا ۾ اک کولي ٿو ۽ ڪجهه سمجهدار ٿئي ٿو ته، اُن جي سکڻ جو عمل شروع ٿئي ٿو ۽ اهو ڪجهه شيون اَن فارمل سکندو آهي، ڪجهه شيون فارمل سکندو آهي. جيڪي فارمل شيون سکي ٿو يعني علم حاصل ڪري ٿو ته اُن لاءِ ٻار کي هڪ رهنما، ماهر گهرجي، انهيءَ رهنمائي هستيءَ کي 'استاد' سڏيو وڃي ٿو جيڪو اُن ڄاڻ کي سمجهه ۽ دانائي ڏي ٿو نه صرف ڄاڻ ڏي ٿو بلڪ سٺي تربيت به ڪري ٿو اُن کي معاشري جو بهترين فرد بڻائي، حُسن اخلاق سيکاري ٿو، شعور ڏي ٿو بري ۽ ڀلي جي سڃاڻپ بابت ڄاڻ ڏي ٿو زندگيءَ ۾ قابل انسان بڻائي ٿو.

استاد علم جي سمنڊ مان عميق موتي چونڊي شاگردن کي سنواري ٿو. دنيا جي ترقيءَ جو دارومدار تعليم تي آهي ۽ اها ئي قوم ترقيءَ جون منزلون ماڻي ٿي، جنهن تعليم کي اهميت ڏني، استاد کي اهميت ڏني. جنهن قوم جي تعليم بهتر هوندي، اها ئي قوم ترقي ڪندي.

جڏهن جپان تي ائٽم بم حملو ٿيو ته سڀ ڪجهه نيست نابود ٿي ويو، جپانين چيو اسان ٻيهر پنهنجو وجود بچائي اٿنداسين، ڇاڪاڻ جو اسان جو استاد زنده آهي ۽ جپان اڄ دنيا جي نقشي تي ترقي يافته، سپر پاور ٿي اڀريو اهي ئي قومون ترقي ڪنديون آهن، جتي تعليمي معيار بهتر هوندو، استاد جي اهميت کي سمجهيو ويندو.

استاد اهو گل آهي، جنهن جي خوشبوءِ مان جنهن به واس ورتو، اهو عالم، انجنيئر، ڊاڪٽر، وڪيل بڻيو مطلب ته معاشري جو مثبت ڪردار بڻيو. اسان جيڪڏهن پنهنجي معاشري تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي صورتحال اطمينان جوڳي نظر نٿي اچي. اخلاقي قدرن جي زوال پذيري نظر اچي ٿي، معاشري ۾ ناانصافي، بي راهه روي، معاشري ۾ وڌندڙ نوجوانن جي ڇڙواڳي ۽ انهن جو سبب به اهو آهي ته اسان جي سماج ۾ استاد جي اهميت ۽ قدر نه رهيو آهي. استادن تي طنز ٽوڪون ۽ مشڪريون ڪيون وڃن ٿيون. ڪڏهن استادن تي جائز حقن جي مڃتا لاءِ پُرامن احتجاج تي لٺ بازي ڪئي وڃي ٿي.

بدقسمتيءَ سان اسان جي سماج ۾ استاد کي اها عزت ۽ اهميت مليل نه آهي، جنهن جو استاد حقدار آهي. استاد ته پيغمبري پيشو آهي. اسان سماج ۾ ڏسون ٿا ته ڪنهن محفل وغيره ۾ ڪنهن امير ۽ ڪاموري کي جيڪا عزت ۽ اهميت ڏني وڃي ٿي، اهو مان يا اهميت استاد کي نٿي ڏني وڃي. تنهن ڪري اِها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسان جيڪڏهن پنهنجي سماج کي ترقيءَ تي گامزن ڪرڻ چاهيون ٿا ته استاد کي اهميت ڏيون.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

تُون هَڏِ ڪُڇاڙِيا، سَنجهي سَعيو نه ڪَرين؟
سَوارا سَندَ گَٽِي، ڪاهوڙِي وِيا؛
آٽِيندين ڪِيا، ڏُٽَ ڏوراٽي ڏيهَ جو؟

(سُر ڪاهوڙي)

اڄوڪو ڏينهن ..... 05 آڪٽوبر

ڪوڙومل چندن مل کلناڻي



ڪوڙو مل چندن مل سنڌ جو ناليوارو قانوندان، برک اديب، تعليمي ماهر ۽ عالم هو. هن جو جنم 5 آڪٽوبر 1844ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڀريا شهر ۾ ٿيو. هن سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڀريا شهر ويجهو آخوند قاضي محمد سليمان جي مدرسي مان حاصل ڪئي. اُن بعد هو ڪراچيءَ ۾ پڙهيو ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچيءَ جي ڪمشنر آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين. اُن بعد مختلف اسڪولن ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪم ڪيائين. اڳتي هلي روينيو ۽ قانون جا امتحان پاس ڪري پهريان شڪارپور ۽ بعد ۾ حيدرآباد ۾ سٽي مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. اُن بعد ست سال ڊپٽي ڪليڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هو حيدرآباد جو ميونسپل ڪمشنر ۽ هيلٿ آفيسر پڻ رهيو. هن ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين پرنسپال طور پڻ ڪم ڪيو. ديوان ڪوڙو مل پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ ليکڪ هو. ڪيس سنڌي نثر جو ابو ڪوٺيو وڃي ٿو. هن مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا. هندي، سنسڪرت، بنگالي ۽ انگريزي ٻوليءَ مان ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هن جي تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 50 کان مٿي آهي. سنڌ جي هن مهان انسان 16 ڊسمبر 1916ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو.

دودو مهيري

اڄ سنڌ جي مشهور قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر دودي مهيريءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر دودي 5 آڪٽوبر 1956ع تي تعلقي فاضل راهو، ضلعي

مان پاس ڪيو ۽ ايم بي بي ايس جي سنڌ لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان حاصل ڪئي. ڊاڪٽر مهيري شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1974ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر بڻيو ۽ ٽي ڀيرا انهيءَ تنظيم جو مرڪزي سيڪريٽري رهيو. اڳتي هلي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. 2011ع ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سان سلهاڙجي ويو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جو مرڪزي سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هن شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪيترائي ڀيرا قيد و بند جون سعوبتون برداشت ڪيون. جنرل ضياءَ الحق واري مارشل لا دوران ڪيس 30 ڪوڙن جي سزا ملي. هو پنهنجي سماجي ڪمن سبب به ڪافي مشهور رهيو آهي. هن جي جيل جي ڊائري "پل صراط" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. اڄ سندس سالگرهه جي موقعي تي اسين ڪيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

اسلم پٽو

اڄ ٽيليويزن جي مشهور اداڪار، هدايتڪار ۽ ڊراما نگار اسلم پٽي جو جنم ڏينهن آهي. هن جو جنم 5 آڪٽوبر 1957ع تي محمد حسن پٽو جي گهر ۾ ٿيو. ايم اي (سوشالاجي) تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ سان پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي سنڌي ٽيليويزن چئنل ڪي ٽي اين جي ڊرامن ۾ اداڪاري شروع ڪيائين. اداڪاريءَ سان گڏ هڪ هدايتڪار طور به هن چڱو نالو ڪمايو آهي.

مختيار انڙ

سيد زين شاهه



اڄ سنڌ جي مشهور قوم پرست اڳواڻ ۽ سماج سڌارڪ سيد زين شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي. هن ناليواري اڳواڻ جو جنم 5 آڪٽوبر 1966ع تي سيد امداد محمد شاهه جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ سائين جي ايم سيد جو پوٽو آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر سن ۾ حاصل ڪئي. هن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو ۽ مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) نوابشاهه مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ بيچلر ڊگري حاصل ڪئي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات واپڊا ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر طور ڪئي بعد ۾ هن اليڪٽريڪل انسپيڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 1995ع ۾ هن نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏي. هن ڪجهه وقت آمريڪا ۾ گذاريو جتي 1992ع ۾ هڪ حادثي جي نتيجي ۾ ڪيس ڪيترائي ڏينهن اسپتال ۾ رهڻو پيو. سيد زين نوابشاهه ۾ پڙهڻ دوران پنهنجي سياسي سرگرمين جي شروعات ڪئي. سائين جي ايم سيد جي وفات کان پوءِ پاڻ جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪنوينر طور پارٽيءَ کي سنڀاليو. اڳتي هلي پاڻ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين طور ڪم ڪيو. انهيءَ دوران هن علائقي جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ جون ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. هن مظلوم عوام جي حقن جي بحاليءَ ۽ سنڌ جي ٻرندڙ

بلوچستان ۾ فوجي آپريشن خلاف هلندڙ جدوجهد، بحريه ٽائون خلاف هلندڙ تحريڪ ۽ اهڙي قسم جي ٻين تحريڪن ۾ پاڻ هميشه اڳيرو رهيو آهي. سيد زين شاهه 2007ع کان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻ طور سنڌ ۽ سنڌين جي مفادن جي جنگ لڙي رهيو آهي.

خادم گهرائو

اڄ مشهور ليکڪ خادم گهرائي جي جنم جو ڏينهن آهي. هو هڪ بهترين شاعر، نثرنگار، تاريخ جو ڄاڻو ۽ هڪ قابل استاد هو. هن جو اصل نالو محمد خان گهرائو ۽ تخلص خادم هو. سندس جنم 5 آڪٽوبر 1967ع تي نصرپور ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم نصرپور مان حاصل ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (ايڪنامڪس) ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ ۾ هو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو استاد رهيو ۽ پنهنجي محنت ۽ ايمانداريءَ سبب مشهور هو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون، مضمون ۽ تبصرا لکيا. سندس ڪتابن ۾ "سمنڊ ڪنارو" (شاعري)، "هيرن جواهرن جو ٿيلهو" (ٻارن جون ڪهاڻيون) ۽ "تارين کان جدا ٿيا گل" (ڪهاڻيون) شامل آهن. هن ڪيترائي فوٽو اسٽيٽ رسالا ڪڍيا. هو سنڌي ادبي سنگت جو هڪ متحرڪ عهديدار پڻ رهيو. هي ناميارو ليکڪ 23 اپريل 2022ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

امينه ناز پٽي

هن مشهور ليکڪا جو جنم 5 آڪٽوبر 1978ع تي ڳوٺ حاجي نبي بخش پٽي ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. هن ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي آهي. هوءَ سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ شاعره ۽ ڪهاڻيڪارا طور سڃاتي وڃي ٿي. هن جي پهرين ڪهاڻي 1998ع ۾ هالار ڊائجسٽ ۾ ڇپجي پڌري ٿي ۽ هن

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ فيملي جج چمبڙ
فيملي سوٽ نمبر 50 سال 2024

(1) مسمات ريما زال دلشاد علي ڌيءِ اڪبر مسلم بالغ ذات لغاري (2) محمد لڪي ولد دلشاد علي عمر 4 سال (مائنر) (3) عبدالهادي ولد دلشاد علي عمر 3 مهينا (مائنر) رهندڙ ڳوٺ سعيد خان لغاري تعلقو چمبڙ ضلع ٽنڊو الهيار ....پلينٽف. خلاف: دلشاد علي ولد محمد حسن مسلم بالغ ذات لنڊ رهندڙ ڳوٺ حاجي بچل لنڊ نزد احمد خان لنڊ تعلقو چمبڙ ضلع ٽنڊو الهيار.....ڊفينڊنٽس

نالي معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ رڪوري آف ڊاور لاءِ هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ فيملي جج چمبڙ
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 11 سال 2024
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2024

مسمات ياسمين زال زوهيب ڌيءِ غلام خان مسلم بالغ ذات بروهي رهندڙ گلزار ڪالوني تعلقو چمبڙ ضلع ٽنڊو الهيار ....پلينٽف. خلاف زوهيب ولد جاڳڻ مسلم بالغ ذات بلوچ رهندڙ مڪراڻي پاڙو ٽنڊو الهيار روڊ ٽنڊو آدم ڊسٽرڪٽ سانگهڙ ....ڊفينڊنٽس

نالي معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مئين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم XXI رول 11 سي پي سي تحت هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب شاهه محمد امين راشدي)
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر سال 2024

مسمات عذرا ڌيءِ علي اصغر زال غلام شهيد اصل رهندڙ ڏٿي بخش بگهيو حال رهندڙ ڳوٺ عبدالغفور بگهيو تعلقو ڪي اين شاهه ضلع دادو ....پلينٽف. خلاف غلام شهيد ولد ڏٿي بخش بگهيو ويٺل گنهور آباد تعلقو ميهڙ ضلع دادو ....ڊفينڊنٽس

نالي معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست لاءِ هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 245 سال 2024

مسمات صنم بلوچ ....پلينٽف. خلاف: آدم خان ولد انور خان بلوچ رهندڙ گلشن معمار عبدالله گهول ڳوٺ نزد ناز اسپتال زين الشان پراپرٽي شاپ ڪراچي ڊسٽرڪٽ ويسٽ ڪراچي .....ڊفينڊنٽ

نالي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ اينڊ مينٽيننس لاءِ هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص کي هن اشتهار جي ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي ويڳي ماءُ مان ڀائر ۽ ڀينرون هر هڪ نالي (1) پنهل پٽ عبدالواحد پليجو (2) بدر الدين ولد عبدالواحد پليجو (3) راجه ولد عبدالواحد پليجو (4) صدر الدين ولد عبدالواحد پليجو (5)مسمات شاهده ڌيءِ عبدالواحد پليجو (6) خالده ڌيءِ عبدالواحد پليجو سڀئي رهندڙ ڳوٺ ماڙي تعلقو ڪي اين شاهه ضلع دادو جيڪي منهنجي ويڳي ماءُ مسمات فاطمه مان آهن جيڪي مون خلاف ڪوڙا ڪيس ڪري رهيا آهن ۽ مون کي ناحق پريشان ڪندا ٿا رهن جڏهن ته آئون گذريل ڪافي سالن کان ضلع ڄامشورو ۾ فيملي سان رهائش پذير آهيان اگر ڪوبه شخص يا ادارو انهن سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو هو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو ان سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه تعلق نه رهندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

امداد علي پليپوٽو ولد عبدالواحد پليپوٽو
حال رهندڙ سڪندر آباد ڪالوني ڪوٽڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي غلام شبير ولد شهداد ذات ڪوسو درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي شهداد ولد شير محمد تاريخ 16-04-2015 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر سروي نمبر سٽي سروي نمبر C.S 165 ۽ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 1500 اسڪوائر فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه وارڊ نمبر بي ۾ ڪري اٽي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيلين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) غلام شبير (پٽ) (2) جان محمد (پٽ) (3) شير محمد (پٽ) (4) شير علي (5) مسمات مريم (ڌي) (6) مسمات نورجهان (ڌي)(7) لال خاتون (ڌي)(8) مسمات حقران نوشي (ڌي) (9) مسمات ماروي (ڌي) هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي امينا ٻائي زال غلام حسين درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي غلام حسين ولد شير محمد تاريخ 02-01-2019 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر سروي نمبر سٽي سروي نمبر C.S 165 ۽ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 1500 اسڪوائر فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه وارڊ نمبر بي ۾ ڪري اٽي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيلين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) سڪندر حسين (پٽ) (2) ثاقب حسين (پٽ) (3) مسمات ڪائنات (ڌي) (4* مسمات اقرا (ڌي) هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب محمد اقبال خان ولد عبدالجبار ري رائيٽنگ آف ريڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته ڪيٽ نمبر 03 ايراضي 15-00 ايڪڙ ديهه ڪوهستان 7/1 ٽپو جهمپير تعلقو ٺٽو ڊسٽرڪٽ ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب انور علي ولد محمد نواز ري رائيٽنگ آف ريڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته ڪيٽ نمبر 01 ۽ 02 ايراضي 10-00 ايڪڙ ديهه ڪوهستان 7/1 ٽپو جهمپير تعلقو ٺٽو ڊسٽرڪٽ ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب امداد علي ڪيريو)
گارجين درخواست نمبر 21 سال 2024

مسمات خير ناز بيواهه مرحوم محمد صديق رهندڙ ڳوٺ گل بيگ مري ديهه 26 نصرت تعلقو دوڙ ضلع شهيد بينظيرآباد ....درخواستگذار. خلاف: جنرل پبلڪ ايٽ لارج....اپوننٽس

نالي معين اپوننٽس ڏانهن

جيئن ته مئين درخواستگذار توهان جي خلاف گارجين درخواست زير قلم 7.10.25 آر ڊبليو سيڪشن 29 تحت هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير IIسڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارجين درخواست نمبر 16 سال 2024

غلام رسول ولد شهمير چوهاڻ رهندڙ ڳوٺ الله ڏنو چوهاڻ تعلقو سڪرنڊ ....درخواستگذار. خلاف: (1)مسمات عزت خاتون زال غلام رسول (2) عادل ولد غلام رسول عمر 17 سال (3) مسمات زينب زال غلام رسول(4) اسامه ولد غلام رسول عمر 13 سال رهندڙ ڳوٺ الله ڏنو چوهاڻ تعلقو سڪرنڊ ....اپوننٽس

نالي معين اپوننٽس ڏانهن

جيئن ته مئين درخواستگذار توهان جي خلاف گارجين درخواست داخل ڪرائي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير IIسڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 271 سال 2024

مسمات رخسانه سولنگي ....پلينٽف، خلاف: صدام حسين سولنگي ولد محمد عثمان سولنگي رهندڙ راڻا سٽي ڪمو ماڇي ڳوٺ ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻو .....ڊفينڊنٽ

نالي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 272 سال 2024

مسمات آمنه گاڏهي ....پلينٽف. خلاف: نياز گاڏهي ولد بدر الدين گاڏهي رهندڙ ڳوٺ بيرو خان گاڏهي تعلقو ڪي اين شاهه ڊسٽرڪٽ دادو 03400776673/03423165889 .....ڊفينڊنٽ

نالي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول جج اينڊ جي اير I دوڙ
(روبرو جناب رمضان احمد ڪلهوڙو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 06 سال 2024

مسمات شمشاد خاتون سيال ڌيءِ نبي بخش سيال رهندڙ نذير ڪالوني وارڊ نمبر 6 رضا آباد دوڙ ....ڊڪري هولڊر. خلاف: برڪت علي ولد گلاب خان سيال ڳوٺ سلطان ميهسر اولڊ دربيلو تعلقو ڪنڊيارو ڊسٽرڪٽ نوشهروفيروز .....ڊفينڊنٽ

نالي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مئين ڊڪري هولڊر توهان جي خلاف زير قلم XIII(3) فيملي ڪورٽ آيڪٽ 1964 تحت هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي اير I دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 11 سال 2024
فيملي سوٽ نمبر 44 سال 2024

شريمتي پاڳوتي ڌيءِ ڪانجي (بالغ) ٻيبي ڪيشو ڌيءِ وير مل (نابالغ) ٻئي هندو ذات ڪولهي رهندڙ ديهه 174 ٻي او ڪانگو شاخ تعلقو ڏگهڙي ....ڊڪري هولڊر. خلاف: ويرمل ولد شنڪر هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ حاجي مقبول پنجابي نزد ناصر موڙ ديهه 288 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڊسٽرڪٽ مير پور خاص .....ڊفينڊنٽ

نالي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مئين ڊڪري هولڊر توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير II ڏگهڙي
گارجين درخواست نمبر 13 سال 2024

مسمات ماروي بيواهه الله جڙيو خان لغاري رهندڙ ڳوٺ مريد لغاري ديهه 315 تعلقو جهڏو ڊسٽرڪٽ ميرپورخاص ....درخواستگذار. خلاف: (1) امام بخش (2) ساوڻ (3) مسمات بيگم زال محمد قاسم (4) الله ڏنو (5) علي گل (6) الله رکيو (7) مسمات گلزادي زال ممتاز علي (8) مسمات راڻي زال امير بخش (9) مسمات گل خاتون زال محمد خان سڀ ڌي پٽ الله جڙيو (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .....ڊفينڊنٽ

نالي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته مئين درخواستگذار توهان جي خلاف گارجين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول اپيل نمبر 76 سال 2024

پير بخش ولد ميانداد لنڊ معرفت قانوني وارث ذوالفقار علي ولد پير بخش رهندڙ پلاٽ نمبر 113 ورڪشاپ اسٽاپ محلو ٽنڊو ڄام ڊسٽرڪٽ حيدرآباد ....درخواستگذار. خلاف: (1) عبدالخالق ولد حاجي خان مسلم بالغ رهندڙ ڪاڌ محلو ٽنڊو ڄام حيدرآباد .....ريسپونڊنٽس

نالي معين ريسپونڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مئين درخواستگذار توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت هڪ دعويٰ داخل ڪرائي آرڊر خلاف تاريخ 14-02-2024 تي پاس ڪيو لرنڊ ٿرڊ سينئر سول جج حيدرآباد ايف سي سوٽ نمبر 1028/2019 ۾ (پيهر پير بخش خلاف عبدالخالق ۽ ٻيا) آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير IIسڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 90 سال 2024

مسمات تهمينه ڌيءِ اربيلو رند مسلم بالغ رهندڙ مهراڻ ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ضلع شهيد بينظير آباد ....پلينٽف. خلاف: خالق ولد رحيم ڪوسو مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ مهر ڪوسو تعلقو سڪرنڊ ضلع شهيد بينظير آباد .....اپوننٽس

نالي معين اپوننٽس ڏانهن

جيئن ته مئين درخواستگذار توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10.10.2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضرهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير IIسڪرنڊ

بقايا 1 ڏرٽو

احتجاج ڀڃجي ڏرٽو هنيو، راشد لاشاري جي قيادت ۾ لڳايل ڌرڻي ۾ شامل مظاهرين سخت نعري بازي ڪئي لڳل ڌرڻي ۾ معصوم ٻارڙا به شامل ٿيا، امن ڪيي امن ڪيي جا نعرا هنيا ويا ، نوجوانن طرفان ڪيترائي ڪلاڪ ڌرڻو هنيو هوڏانهن شڪارپور جي لکيدر دروازي آڏو مرڪزي جماعت اهل سنت ۽ انجمن طلباء اسلام طرفان حافظ مسعود، حافظ فضل الله جي اڳواڻي ۾ علامتي ڪيمپ جو انعقاد ڪيو ويو مختلف سياسي سماجي ،ڪاروباري تنظيمن جا اڳواڻ لڳل ڪيمپ ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا 2 احتجاج

ويو آهي هنن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني وغيره نه آهي اين سي داخل ڪرائي آهي ۽ پوليس ٽينگر جي ڳولها ۾ مدد نه ڪئي آهي.

بقايا 3 احتجاجي مظاهرو

رند جي اڳواڻي ۾ هڪ اهم گڏجاڻي ٿي ۽ بلاوي شاهه ڪريم شهر جي شهيد بلو پنهور چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو رائيس مل مالڪن جي ناجائزين خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي آبادگارن سارين جو ريٽ وڌائڻ سميت موسوجر ختم ڪرڻ ۽ ناجائز ڪٽوتي ختم ڪرڻ جو ڪاٽڪن ٿان هيري ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو جڏهن ته احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي زاهد خان رند جاني پير عبدالعظيم جٽ ۽ ٻين ڪئي مظاهرين ۽ سيڙاڪي ۾ واپاري اڳواڻ حاجي محمد اسماعيل ميمڻ شهڪ خان رند نور محمد خاصخيلي شريف الله سومرو رضوان ملاح حاجي تاج محمد لاشاري خان محمد لاشار علي غلام ڪيري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيٺين آيلن آبادگارن ۽ هارين پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ اڳاري ڏينهن تاريخي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو.

بقايا 4 لاش مليو

موجب لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد ستون نمبر ناڪي واري علائقي مان جمعي رات دير سان مبينا اغوا ٿي ويل شهر جي ستون نمبر ناڪي واري علائقي واسي موٽر سائيڪل جي شوروم جو مالڪ گدا حسين جتوئي جو لاش آريجا ڦيوهر ٻاءِ پاس وٽان هٿ بعد پوليس مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ان حوالي سان مقتول جي وارث سيف الله جتوئي ٻڌايو ته گذريل رات مڪسي برادري جي ساٿين گدا حسين جتوئي کي شهر جي ستون نمبر ناڪي واري علائقي مان اغوا ڪيو هو جنهن جو آريجا ڦيوهر ٻاءِ پاس تان تشدد ٿيل لاش هٿ آيو آهي

بقايا 5 احتجاجي مظاهرو

ايوب ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ،جنهن ۾ جسڪاڻي برادري سول سوسائٽي ۽ سوين شهرين شرڪت ڪري سخت نعري بازي ڪئي ، اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته مغوي هڪ مهيني کان ڏاڍيلن جي چنبي ۾ آهن ،

بقايا 6 احتجاجي مظاهرو

تشدد ڪندو هو جنهن بعد هو مونکي 3 سال اڳ طلاق ڏئي ڇڏي جنهن بعد آءٌ پورهيو ڪري اميرن جي گهرن ۾ صفائي سترائي جو ڪم ڪري پنهنجي معصوم ٻچڙن جو پيٽ پاليان ٿي هاڻ هڪ دفعو ٻيهر منهنجو اڳوڻو مڙس اڪرم ڊايو سندس مائٽ ساجد ۽ راجه بخش ڊايو مونکي زبردستي وڪرو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ٻئي صورت ۾ ڪوڙو ڪارنهن الزام ڏئي معصوم ٻچڙن سميت قتل ۽ اغوا جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ڄاڻايل جوابدارن مان منهنجي ۽ منهنجي معصوم ٻچڙن جي حياتي کي خطرو آهي .

بقايا 7 ريلي

خاموشي مسلمانن لاءِ هاڃيڪار آهي هنن چيو ته اسلام هميشه لاءِ آهي ۽ اسرائيل هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا، هنن چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته اسلام جي سربلندي لاءِ مسلمانن کي هڪ ٿيڻ ضروري آهي ۽ فلسطيني عوام جي مدد ڪئي وڃي اسلام مخالف طاقتون مسلمانن کي ورهائڻ چاهين ٿا ۽ هر سازش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

بقايا 8 بيماري ۾ مبتلا

۾ داد رسي نه ڪئي ڪاٺ فيڪٽرين مان ڪيميڪل جي ڌوڙ ماحولياتي گدلاڻ ڦهلائڻ سميت انسان ذات لاءِ موت جو ڪارڻ بڻجڻ لڳي صالح پٽ ۽ پرياسي وارن علائقن مان هڪ مهيني اندر جان محمد گبول گلاب ڪلير عبدالحفيظ پنهور محمد حسن سميت هڪ درجن مريض فوت ٿي ويا جڏهن ته ڪيترائي ٻار عورتون موذي مرض ۾ ورتجي ويا سماجي اڳواڻ ضمير علي پنهور راحيم مهر نظام الدين لنڊ ۽ ٻين چيو ته صالح پٽ جي هر ڳوٺ ۾ بيماري ڦهلجي وئي آهي ٻئي پاسي ماحولياتي کاتي جي اعجاز احمد گوسو رابطو ڪرڻ تي هن ٻڌايو ته انوائرمينٽ کاتي پاران 2018 ع سکر ضلعي جي سمورين ڪاٺ فيڪٽرين کي نوٽيس ڏئي لڪائي وڃائي ويو هو هو فلٽر پلانٽ ڪانسوا ءِ فيڪٽري نه هلائيندا 2014 ۾ سنڌ سرڪار قانون پاس ڪيو ويو.

بقايا 9

صدر شبير ڪوريجو ارشاد بروهي ساتول سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ محمدي چوڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته 3 لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ شهر جي واحد تعلقي اسپتال ۾ ڪرپشن عروج تي پهتل آهي. غريب مريضن کي بهتر علاج جون سهولتون ڏيڻ بجاءِ ريفر سينٽر بڻايل آهي.

بقايا 10

عورت صدوري خاتون پنهنجي پٽ بختيار بروهي سان گڏجي ڏانهينديي چيو ته اڪيل مهينو اڳ منهنجي 15 سالن جي ڌيءِ صائمه بروهي گهران نڪري وئي جنهن جو هن وقت تائين ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو اهڙو اطلاع حد جي ڪنگا ٿاڻي تي ڏيڻ سان گڏ ڌيءِ جي ڳولا مئن مائٽن وٽ ڪئي آهي پر ان جي باوجود هن جو ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو هن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪائي دشمني ناهي ۽ نه ئي ڪنهن ۾ ڪو شڪ آهي. جڏهن ته ڌيءِ جي اوچتو لاپتا ٿيڻ کان پوءِ اسان سمورا گهرياتي سخت پريشان آهيون جنهن لاءِ ضلعي انتظاميه لاڙڪاڻو پوليس جي اعليٰ عملدارن ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ٿي ڪيان ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڌيءِ جي ڳولا ۾ اسان جي مدد ڪري چانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 11 اجلاس

جي اڳواڻن وڏي تعداد جي شرڪت سارين جي اگهه ۾ لاٽ ۽ ڪٽوتي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو چيو ته حڪومت هٿ وٺي آبادگارن هارين کي تباهه ڪري رهي آهي واپاري هٿ سان سارين جي اگهن ۾ وڏي لاٽ ڪري سراسر ناجائزي ڪري رهيا آهن ۽ پ حڪومت هنن سان مليل آهي هنن چيو ته واپاري هر سال سارين ڪٽ ڪٽي جي ڪٽيل لاٽ ڪري آبادگارن سان ظلم ڪندا آهن ۽ حڪومت هنن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪندي آهي انهي بعد سينن گڏجي پريس ڪلب کان نيشنل بئنڪ چوڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اجلاس ۾ شهري اتحاد بلورو سماجي ست مدد گار گروپ جئي سنڌ محاذ سنڌ ترقي پسند پارٽي جسقم عوامي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ جئي سنڌ قومي پارٽي ٻ ٽ ڊاڪٽرس فورم جي ير آئي ۽ صحافين شرڪت ڪئي.

بقايا 12 ڄامشورو لسس

بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون هن چيو ته اسان جو مشن شاگردن کي محفوظ جاءِ ۽ بهتر تعليم فراهم ڪرڻ آهي .

بقايا 13 مرض ۾ ورتل

ڳوٺاڻا مرض ۾ ورتل آهن صحت کاتي مٽياري اڄا تائين ڪوبه تحرڪ نه ورتو جو جو پاڻي زهر بڻيل جڏهن ته هيلٿ تائين صرف هڪوئي هڪ ڳوٺ ۾ ڪجهه عرصي دوران 49 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن پر صحت کاتو مٽياري اگهور ننڊ ستل آهي. ٻئي طرف هٿان جي رهواسين ڦوٽو خاصخيلي، مهوال وسير ،سهيل جويو ۽ ٻين صحت کاتي سنڌ ۽ صحت کاتي مٽياري کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ ۾ هڪدم ڪيمپ هڻي رت چڪاس ڪيو وڃي ۽ مبتلا ماڻهن جو علاج ڪري رهواسين کي مٺي پاڻيءَ جي سهولت ڏياري وڃي ۽ جن گهرن ۾ هن مرض ۾ ماڻهو فوت ٿيا آهن سرڪار انهن جو معاوضو پوري ڏئي ٻئي صورت ۾ صحت کاتي سنڌ / مٽياري خلاف سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 14 محفل منعقد

تنظيم اصلاح الفقراء حسينيه نقشبنديه پاڪستان ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر سيد محمد مظهر شاهه پي ايس جي سنڌ جي سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي، مفتي نجم الدين اشرفي جنيد احمد حسيني پير محمد عطاء الله شاهه لکياري، قمرالدين شيخ احمد سروهي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس سميت سنڌ جي ناليواري نعت خوانن عقيدت جا گل نڇاور ڪري محفل ۾ ويٺل عاشقان رسول صه کي جهومائي ڇڏيو ان موقعي تي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي عالمن چيو ته ربيع الاول جو مهينو مسلمانن لاءِ رحمتن برڪتن ۽ بخشش جو مهينو آهي جڏهن ته هن پلاري مهيني ۾ نبين جي سردار رحمت العالمين حضرت محمد مصطفيٰ صه جن جي آمد ٿي هنن چيو ته مديني واري سائين جي آمد جي خوشي خوشنصيب ڪندا آهن. ڇاڪاڻ جو رب ڪريم پاڻ پنهنجي پياري محبوب ڪريم صه جي آمد جي خوشي ڪئي آهي.

بقايا 15 مظاهرو

بيٺ فياض احمد سيلري فريد احمد ٻٽ، وقار علي چنڙ ذوالفقار علي ميراڻي، ذوالفقار ڪلهوڙو عمران علي گاد، مظهر علي ڪانڌڙو ۽ ٻين ڏانهينديي چيو ته اسان سال 2013 ع دوران تعليم کاتي ۾ پي ايس ٽي جي ڀرتين لاءِ اين ٽي ايس ذريعي ٽيسٽ پاس ڪري 60 کان 90 مارڪون ڪنيون جنهن کان پوءِ تعليم کاتي طرفان 20 هزار 700 خالي پيل جاين تي ڀرتين ڪرڻ بجاءِ صرف 15 هزار اميدوارن کي ڀرتي ڪري اسان جا نالا ويٽنگ لسٽ ۾ ڏئي مسلسل آسرا ڏنا آهن آرڊر نه ملڻ خلاف اسان وزيراعليٰ هائوس، نئون ديرو هائوس، زرداري هائوس نوابشاهه سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشنز داخل ڪيون

بقايا 16 گهر ۾ ڪهرام

ڪريم بخش جاگيراڻي جو چوڻ آهي ته سندس ڀائٽيو ٻه ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويو هو جنهن جي ڳولا باوجود ڪوبه ڏس پتو نه پيو اڄ واٽر ڪورس مان لاش مليو آهي اسان جي ڪنهن سان دشمني نه آهي

بقايا 17 احتجاجي ريلي

پنهنجو موقف ڏيندي چيو ته عمرڪوٽ واقعي بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ججن تي مشتمل تحقيقاتي ڪاميٽي جوڙي عمرڪوٽ واقعي جي ان ڏري جاچ ڪرائي واقعي ۾ ملوث ذرين تي ڪيس داخل ڪري ڪين گرفتار ڪري عدالتن آڏو پيش ڪيو وڃي وڌيڪ اڳواڻن چيو ته سنڌو جو پاڻي اسان لاءِ تيچ برابر آهي ۽ تيچ تي ڌاڙو ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو هو پنجاب پاران سنڌو درياءَ جو پاڻيءَ روڪڻ سنڌين جي جياپو ڪسڻ آهي جنهن جي هر محاذ تي روڪ ڪئي ويندي ريلي ۾ جسقم شهيد بشير خان ضلعي حيدرآباد اڳواڻ لياقت ملاح ماما حسن بروهي شاهجهان ملاح اي پي سنڌي، فوٽو ملاح غلام رسول پنهور الله ڏنو ڏيشي مصطفيٰ درس عبدالحسين درس شاهنواز چنو جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ قومي ڪارڪنن جي شرڪت ڪئي

بقايا 18 پيٽرول پمپ سيل

پيٽرول پمپس سيل ان ڏس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر اعزا انعام ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جي هدايت تحت تعلقه ۾ غير قانوني پيٽرول پمپس هلائڻ واري رپورٽ جي آڌڙا پيٽرول پمپس جي چيڪنگ ڪندي ٽن پيٽرول پمپس کي سيل ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته لاڳاپيل پيٽرول پمپس وٽ گهربل ڪاغذات ۽ لائسنس چيڪ ڪيا ويا اهڙي ڪوتاهي تي پيٽرول پمپس کي سيل ڪندي ٻيهر نه کولڻ جي پابند ڪيو ويو آهي هن چيو ته جيڪڏهن ٻيهر پيٽرول پمپ کليل مليا ته انهن خلاف سخت قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 19 وفات ڪري ويو

لک استاد نظام الدين لک جو چاچو ڪريمداد لک 90 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏائو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز سڪيون پرسان درگاهه حسن شاهه بخاري تي ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي سياسي سماجي ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سڪيون پرسان ڳوٺ چنو فقير لک ۾ سندس پوئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 20 احتجاج

نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري واسي پيرسن پورهيت غلام حسين شيخ پنهنجي پٽن عرفان ڪامران شيخ ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهينديي الزام لڳايو ته گذريل 29 جولاءِ جي ڏينهن هڪ ڪوڙي شڪايت تي ايف آءِ اي سکر جي انسپيڪٽر لطف الله سودر لاڙڪاڻو پوليس سان گڏجي منهنجي گهر مٿان چڙهائي ڪري نوجوان پٽ اعجاز علي شيخ کي ڪنبي سکر کڻي ويو جتي هن پٽ جي آزادي لاءِ اسان کان 6 لک رپيا رشوت طلب ڪئي غريب هجڻ سبب رشوت نه ڏئي سگهيس جنهن تي ايف آءِ اي عملدار لطف الله سودر پٽ مٿان وحشيانو تشدد ڪيو جنهن دوران 2 آگسٽ جي ڏينهن پٽ فوت ٿي ويو آهي جنهن واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ اسان لاڳاپيل ٿاڻي تي وياسين جتي پوليس اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ مٿان ڪوڙي شڪايت ڪندڙن سميت ايف آءِ اي سکر جي انسپيڪٽر لطف الله سودر مٿان سندس قتل جو ڪيس داخل ڪري مقتول پٽ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 21 احتجاج

پيرسن پورهيت سڪندر علي جتوئي پنهنجي زخمي پٽن نعان راشد علي ۽ عبدالقيوم جتوئي سان گڏجي ڏانهينديي چيو ته نظر ٻاڙي ۾ رائيس ڪٽنال جي ڏاپ وٽ اسان جو 2 هزار فٽن تي مشتمل رهائشي پلاٽ آهي.

بقايا 22 بيهاري چڙيون

ڪيمني گاڏين جو گهيرو ڪندي روڊ تي پٿر رکي احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيو گاڏين اڌ ڪلاڪ انتظار ڪرڻ بعد متبادل رستي تان روانيون ٿي ويون ان حوالي سان احتجاج ڪندڙ بيروزگار نوجوان جهانگير شورو چيو ته اسان ٻه ڀائر آهيون ٻئي بيروزگار آهيون .

بقايا 23 زين شاهه

ملڪ جي فيڊريشن جي تصور جي خلاف آهي اهڙي طرح جا بيان ملڪ جي آئين ۽ قانون جي خلاف ورزي آهن جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، پارليامينٽ ۾ نئين آئيني ترميم جي ڪوشش کي ملڪ جي اعليٰ عدليه تي حملو سمجهون ٿا اهڙيون منظم آئيني ترميمون ملڪ جي سپريم ڪورٽ ۽ سينئر ججن تي دٻاءُ وجهڻ ۽ عدالتي نظام کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش آهي جيڪا ملڪ جي مفاد ۾ ناهي ۽ اسان سمجهون ٿا ته ان آئيني ترميمن ذريعي ملڪ ۾ هڪ پيرو ٻيهر ون يونٽ ۽ آئيني مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي اسان ان عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، اهڙين خيالن جو اظهار هن جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو ۾ پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ۽ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو .

بقايا 24 احتجاجي مظاهرو

رهواسين چاڪر ڪوسو،علي گل ڪوسو،سهراب ڪوسو زاهد ڪوسو جي اڳواڻي ۾ ڪوسا برادري جي ڳوٺاڻن ڳوٺ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪرڻ جي بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ پوليس اسانجي هڪ معصوم نوجوان الهداد ڪوسو کي پڪڙي ڪئي ويئي جنهن کي اسان نيٽ مزدن ڪي وچ ۾ آڻي آزاد ڪرايو ان بعد ڊول ڪوسو ۽ انجي گهر واري بشيران ڪوسو اسانکي ڪوڙا الزام هڻي اسانکي تنگ ڪري رهيا.

بقايا 25 احتجاج

ڪفائي ويا جنهن بعد صبح سوير وارثن نيٽگري جي پاءِ وڪيل امير حمزه ميمڻ وڪيل ظفر الله جکراڻي ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سول اسپتال اندر ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين سول اسپتال انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا.

بقايا 26 علي ساهو

اهڙو اظهار ڊسٽرڪٽ بار جي صدر علي ساهو پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪندي چيو ته دادو جي هڪ بدنام قبضا گروپ پريس ڪلب دادو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن بار جي ٻن قابل ميمبرن يعني جناب پير مظهر الحق ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير تعليم ۽ بئريسٽر پير مجيب الحق موجود ايم پي اي دادو خلاف قبضا گروپ پاران پريس ڪانفرنس ۾ هن بار جي معزز ميمبرن تي ڪوڙا ۽ بي بنياد الزام لڳايا ويا ۽ اهڙي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي.

بقايا 27 تقريب منعقد

چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ڪئي ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي وائيس چانسلر چيو ته اسڪالرن کي ملڪي ۽ عالمي سطح تي ٿيندڙ ڪانفرنسن ۽ ٽريننگ سيشنز ۾ شرڪت ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ منصوبا جوڙيا ويندا، جنهن سان شاگردن جي علم ۾ بهتري ايندي هن چيو ته اسان اڪيڊمڪ ۾ صدي ۾ هڪ عالمي ڳوٺ ۾ رهون ٿا ۽ ڪائنات کي ڪيترائي مسئلا آهن جن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي .

بقايا 28

جي اسڪالر کي وڌائڻ صفائي سترائي جو جائزو ورتو ان موقعي تي هن اسڪول انتظاميه ۽ پرنسپال کي هدايت ڪئي

بقايا 29

ڍهن جهنن جي ايس يو پي ڀرپور مزاحمت ڪندي، ڪنهن جي اقتدار لاءِ سنڌ جو مستقبل تباهه ٿيڻ نه ڏينداسين اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن باغي هائوس ٽنڊوآدم ۾ ايس يو پي ضلع سانگهڙ جي اڳواڻ باغي مجاهد ڦهيم سان اسرُ جي لاڏاڻي تي تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو .

بقايا 30 احتجاج

اڻ ڏنگو ۽ غيراخلاقي رويي جون شڪايتون وڌي ويون آهن اسپتال ۾ مقرر ڊاڪٽر وقت تي ڊيوٽي تي نٿا پهچن جنهن ڪري ايمرجنسي ۽ عام بيمارين جي علاج لاءِ ايندڙ سوين مريض دربدر ٿيو وڃن،اسپتال اندر گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پيئڻ جوپاڻي بند آهي.

بقايا 31 روڊ بلاڪ

اڳواڻي ۾ عورتن مردن ۽ ٻارڙن جو پاڪ ڪتاب کڻي لاڙڪاڻو شڪارپور انڊس هاءِ وي ڪيرڙر ڪينال جي پل تي احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ تي روڪاوٽون رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ، لڳل ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان ڪيترين ئي مسافر گاڏين بيهجي ويون ان موقعي تي اسرار اوڊو . عبدالڪريم ڏيکو . عبدالڪريم جکرو . احسان اوڊو. عبدالرزاق اوڊو . ڪرارو پنهور ۽ ٻين ڏانهينديي چيو ته ڏانون چيئرمين آغا شجاع الدين دراني اسان سان ڏاڍ ڪري اسان جي گهرن جو رستو بند ڪري گهرن اڳيان دڪان ٺهرائي رهيو آهي.

بقايا 32 احتجاجي مظاهرو

اسلامي نالو محمد حسين شيخ سان مسلمان ٿي پسند جي شادي ڪئي هڪ هفتو اڳ ڏير ۽ ٻاڻر ماڻهو مڙس کي اغوا ڪرائي ويا آهن منهنجو هاڻي ڪجهه به ناهي منهنجي مڙس کي قتل نه ڪيو وڃي اسان رضا خوشي سان پيار جو پرڻو ڪيو آهي مون جي زندگي کي به خطرو آهي ڪٿي ماريو نه وڃي فوري طور تي وس وارا نوٽيس وٺي مڙس کي بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 33 قادر مڱسي

موري استاپ تي ضلعي صدر محمد اقبال حاجاڻي ڊاڪٽر احمد نوناري، انيس احمد صبحيوٽي سيد سارنگ شاهه حاجي هارون ڪاٽيار سميت سوين ڪارڪنن سان گڏ سنڌ ترقي پسند پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر قادر مڱسي جو شاندار استقبال ڪري گل نڇاور ڪيا ان کان پوءِ بارجائي استاپ تي امجد هنگورو سيف الله هنگورو شهباز هنگورو امتياز گهمرو آڏان سمون ۽ ڪامريڊ محمد عثمان سومرو پاران شاندار آجيان ڪئي وئي

بقايا 34 احتجاجي مظاهرو

70سال عمر آهي جنهن ڪري مان ڳهوٽ ٿيڻ چاهيان ٿي شريعت محمدي موجب ٻي شادي ڪري گهر آباد ڪرڻ چاهيان ٿي پر شادي ڪرڻ جي ڏره نه آهي جنهن لاءِ منهنجا پٽ حضورٻخش ابڙو ۽ نورل سميت ٻيا منهنجي شادي ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا آهن مان عدالت سڳوري ۾ معين پٽن خلاف درخواست ڪندي تحفظ جي اپيل ڪئي آهي شادي ڪرڻ ٿي پٽن مونکي سخت تشدد ڪري زخمي ڪيو هو مونکي شادي کان ڪير به روڪي نٿو سگهي ، مان ملڪيت جو وارث آهيان جلد ڏينهن ۾ ٻي شادي ڪندس نه دوران مون ۽ منهنجي چاهين مٿان ڪا به ڪاروائي ڪئي وئي انهي جا ذميوار پٽ ۽ ٻيا سندس ساٿي هوندا

بقايا 35

جي لاڻي ميمبرن جي عزت ۽ وقار جي حفاظت ڪرڻ جو حق پڻ محفوظ رکي ٿي اهڙو اظهار ڊسٽرڪٽ بار جي صدر علي ساهو پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪنديچيو ته دادو جي هڪ بدنام قبضا گروپ پريس ڪلب دادو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن بار جي ٻن قابل ميمبرن يعني پير مظهر الحق ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير تعليم ۽ بئريسٽر پير مجيب الحق موجود ايم پي اي دادو خلاف قبضا گروپ پاران پريس ڪانفرنس ۾ هن بار جي معزز ميمبرن تي ڪوڙا ۽ بي بنياد الزام لڳايا ويا ۽ اهڙي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي.

بقايا 36

جي بااثرن پاران گهريل پٽو نه ڏيڻ تي بااثرن پاران سندن خلاف ميڊيا ٽرائل ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين اڳيان ڏانهينديي چيو آهي ته اسان جي درگاهه قاضي مٺو هڪ سئو سال کان به وڌيڪ عرصي کان قائم آهي

بقايا 37 دعويٰ

جنهن ۾ هڪ ڌرهاري نالي نور محمد عرف گوڙو پٽ محراب جکراڻي ويٺل جعفرآباد محلا جيڪب آباد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 38 ڊي سي

بلاڪ اين آءِ سي، ڪاٺيوار داخلا ٽيب ڪيسز سميت ٻين اپائن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ان ڏس ۾ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرز جي 15 روزه ڪارڪردگي اجلاس جي صدارت ڪندي سيد احمد فواد شاهه چيو ته اي سيز پنهنجي ڪارڪردگي ظاهر ڪندي ڄاڻايل اپائن تي عملدرآمد کي سئو سيڪڙو ڪرڻ اثرائتو ڪردار ادا ڪن ڊي سي خيرپور چيو ته سنڌ حڪومت طرفان عوامي ڀلائي واري منصوبن کي وقت سر مڪمل ڪيو وڃي جنهن لاءِ نگراني وارو عمل تيز ڪندي روزاني جي بنياد تي رپورٽ فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 39 احتجاجي ڌرڻو

شريڪ ٿيا مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي جمس ۾ ڪرپشن خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا. ان موقعي تي اي پي سي اڳواڻن شعبان ابڙو محمد رضا غديري، محمد حسن دالاڻي فدا حسين لکڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته جمس اسپتال جا ڪرتا ڌرتا ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيا آهن جنهن ڪري ادارو تباهه حال بڻيل آهي.

بقايا 40 اين سي داخل

ڪري فرار ٿي ويو، متاثر صحافي پوليس اسٽيشن تي پهچي واقعي جي اين سي داخل ڪرائي، جڏهن ته پوليس اين سي داخل ڪرڻ ۽ سي سي ٽي وي فٽيج هٿ ڪرڻ بعد جانچ شروع ڪري ڇڏي، هوڏانهن مقامي صحافين ڪرشن لعل تنها،سيد صفدر شاهه بخاري،اقبال ڪونهارو سيد مسرور شاهه،راجا ارشاد ڪوسو ۽ ٻين پاران واقعي خلاف سخت احتجاج ڪري بنا دير جوابدار کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا 41 3ڄڻا گرفتار

شهرين شرڪت ڪئي جنهن کانپوءِ فوتي مڙهه مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي هوڏانهن خودڪشي ڪندڙ ليڪچرار انور علي پنهيار جي گهرواري مهر النساء پنهيار جي فرياد تي حد ايئرپورٽ ٿاڻي تي جوابدارن وياج خورن محمد يونس پٽ محمد يوسف چڪڙو ويٺل الله آباد ڪالوني لالا ظهور احمد پٽ عبدالرحمان پٺاڻ ويٺل جعفر آباد پاڙو ممتاز عرف عدنان سنڌي پٽ مير محمد مرهٽو ويٺل جت محلا جيڪب آباد سميت 4 انسچائل جوابدارن خلاف ڏوهه نمبر 98/2024 هيٺ قلم302، 349، 506/2، 148، 149 پي پي سي 3،4،5 تحت قتل ڪرڻ، موتمار ڌمڪيون ڏيڻ هل هنگامي توڙي وياج تي پيسا ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 42 خلاف احتجاج

مسمات گلشاد بيگم ناريجو ظهوران خاتون شمشاد خاتون ارباب خاتون شريفاڻ صفيه امام زادي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي هنن چيو ته گذريل رات دير سان سي آءِ اي انچارج ڊي ايس پي امداد سولنگي، بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او مشتاق جتوئي جي اڳواڻي ۾ وڏي پوليس اسڪالن سان مل ڪالوني ۾ محمد بچل ناريجو حميد ناريجو ۽ وسايو ناريجو جن جي گهرن تي چڙهائي ڪري، عورتن ۽ معصوم ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻائي گهر ۾ پيچ داءُ ڪئي

بقايا 43 ٿيڻ سبب فوت

گڏاڻي جو نوجوان پٽ محمد يوسف گڏاڻي گڏڏا ٿيل ٿيڻ سبب وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جو مڙهه خانگڙهه اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو نوجوان پٽ جي وڇوڙي تي استاد ممتاز گڏاڻي سان خانپورمهر جي شهرين ، صحافين ، استادن ۽ ٻين معززين پاران ساڻس تعزيت ڪندي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 44 احتجاجي مظاهرو

ڏاٿين ريلي ڪڍي وئي مظاهرين جي هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ ۽ فلسطيني جهنڊا هئا جن تي "الوداع نصر الله" ۽ "شهادت سعادت" جا نعرا لکيل هيا.

بقايا 45 احتجاجي مظاهرو

جوابدارن خلاف ايس ايس پي خيرپور، ايس ايڇ او ڪوٽڏيجي کي پڻ ڏاهيو پڻ ڏنيون آهن مگر هن وقت تائين ڪوبه تدارڪ نه ٿيو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 46 ٻيو زخمي

پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمي نوجوان کي ڊاڪٽر پاران طبي امداد ڏني وئي آهي ٻئي نوجوان ڳوٺ مصري خان چانڊيو جا رهواسي آهن جن مان هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو آهي ۽ ٻيو زخمي ٿيو آهي جڏهن ته اهڙي حادثي جي رپورٽ سورو ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي لاش سورو پرسان ڳوٺ مصري خان چانڊيو گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 47 وارثن ۾ خوشي

ڪي چوان ٿو ته سرينڊر ڪن ته انهن لاءِ بهتر آهي انشاء الله جلد گهوٽڪي ۾ ڌوهارين جو خاتمو آندو ويندو ايس ايس پي گهوٽڪي حفيظ الرحمان بگٽي جي پريس ڪانفرنس.

بقايا 48 10ڏينهن ۾ مارچ

وصول ڪرڻ لڳا معززين ۽ ڪاروباري طبقو لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا ڊاڙيل ڪلچر. ڀتاخوري، غنڊاگردي . بدمعاشي خلاف آل پارٽي موومينٽ ۽ شهري اتحاد جي سنڌ تي مڙني تنظيمن سميت ڌوهارين جي عذاب جو شڪار هندو

بقايا 49 سعيد الزمان "عاطف"

سعيد الزمان" عاطف" پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته مخدوم محمد زمان طالب المولي کي شاعري ۽ راڳ رنگ ادب سان تمام گهڻو لڳاءُ هو سندن غزل ۽ ڪافيون پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

بقايا 50 علائقن تي بمباري

نيوز ايجنسي موجب انهن حملن ۾ زمر شهر ۽ المسيره کي به نشانو بڻايو ويو يمن جي حوثي باغين پاران هلندڙ المسيره ٽي وي.

بقايا 51 روس

گڏاڻي جو نوجوان پٽ محمد يوسف گڏاڻي گڏڏا ٿيل ٿيڻ سبب وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جو مڙهه خانگڙهه اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو نوجوان پٽ جي وڇوڙي تي استاد ممتاز گڏاڻي سان خانپورمهر جي شهرين ، صحافين ، استادن ۽ ٻين معززين پاران ساڻس تعزيت ڪندي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو

No: MS/DHQHD/(Tender: 2024/25)/-12517 Dated: 04.10.2024
Phone: 025-9200080-82, Fax: 025-9200080
پوسٽ آفيس دادو، اي ميل: dhqhospitaldadu@gmail.com

(NIT) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سيل ٿيل ٽينڊر سڀني دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدار / فرمز / پارٽين / سپلائرز / ناهيندڙن / واحد ورهائيندڙ / واحد ايجنٽن کان طلب ڪيا ويا آهن جيڪي اهليت جي معيار کي پورا ڪن ٿا، يعني. انڪم ٽيڪس لاءِ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) وٽ رجسٽريشن حاصل ڪرڻ، سامان جي خريداري جي صورت ۾ سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ (SRB)وٽ رجسٽريشن جي صورت ۾ جيئن جي صورت هجي ۽ ڪنهن به خريداري ايجنسي يا اٿارٽي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي، سال 25.2024 لاءِ هيٺين شين جي خريداريءَ لاءِ ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ لاءِ دعوت ڏني وئي آهي.

ايس نمبر	آئٽمز جي تصريحات	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر دستاويزن جي خريداري جي تاريخ	واڪ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت	واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	ٽينڊر دستاويزن جي خريداري
01	ٻين متفرق (بيڊي ميٽيريل) جي فراهمي	3000/- رپيا هر هڪ	SPPRA تي اشاعت کانپوءِ 90 ڏينهن	هر بولي جو 2%	SPPRA ويب سائيٽ تي تاريخ اشاعت کان	28.10.2024 تي 12:30 وڳي منجهند	28.10.2024 تي 1:00 وڳي	آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو
02	ميڊيڪل گيسز جي فراهمي							
03	مريضن جي ڊائيٽ جي خدمتن جي فراهمي							
04	يونيفارم ۽ وردين جي فراهمي							
05	آفيس اسٽيشنري/پرنٽنگ اينڊ پبليڪيشن جي فراهمي							
06	آئي ٽي سامان جي فراهمي							
07	آئوٽ سورسز/سيڪيورٽي گارڊن جي تعيناتي							
08	جينيٽوريل ۽ گارڊن سروسز							
09	ليب پيٿالوجي/ڪيميڪلس							

شرط ۽ ضابطا هيٺ ڏنل آهن:

1. ٽينڊر جا دستاويز ٽينڊر فيس جي ادائگي تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا (ناقابل واپسي) يا ٽينڊر کولڻ واري ڏينهن کان سواءِ ڪنهن به ڪم ڪندڙ ڏينهن تي ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. بهرحال مٿي ذڪر ڪيل ٽينڊر فيس لازمي طور هيٺ ڏنل آفيس ۾ جمع ٿيڻ گهرجي ۽ وصولي SPPRAويب سائيٽ تي بولي جمع ڪرڻ وقت ڊيڪاريل آهي. ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ DHQاسپتال دادو جي حق ۾ ڪل بڊ (واپسي) جي 2 سيڪڙو آمدنيءَ جي رقم مقرر ڪيل پروفارما تي پ آرڊر يا ڊيمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ مٿي ڏنل آفيس ۾ 30.10.2024 تي 12:30 تائين جمع ڪرايو وڃي ۽ ساڳئي تاريخ تي 1:00 وڳي کوليو ويندو، ٺيڪيدار / نمائندي جي موجودگي ۾، جيڪو به ان وقت موجود هوندو. ڪنهن به غير متوقع صورتحال جي صورت ۾ جنهن جي نتيجي ۾ آفيس کولڻ جي تاريخ تي بند ٿي ويندي آهي يا جيڪڏهن حڪومت موڪلن جو اعلان ڪري ٿي ته ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي جمع ڪيو ويندو. ڪنهن به مشروط يا غير گڏ ڪيل رقم، ٽينڊر مقابلي ۾ نه سمجهيو ويندو.
2. خريداري جو طريقو سنگل اسٽيج هڪ لفافو آهي.
3. بدرز کي ٽيڪس ادا ڪندڙ ايجنسين سان رجسٽر ٿيڻ گهرجي جن جي تصديق لاڳاپيل ايجنسين کان ڪئي ويندي.
4. سڀئي بوليون پاڪستاني روپين ۾ هجن.

پروڪيورمينٽ ايجنسي SPPRAقاعدن 2010 جي لاڳاپيل شقن جي تابع ڪنهن به يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ ڪنهن به وقت بڊنگ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي ان کان اڳ جي قاعدن جي قاعدي_25 تحت.

(ڊاڪٽر امجد حسين مستوئي)
ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ
INF/KRY#3163/2024

يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز
ڀٽ شاهه، سنڌ، پاڪستان
فضيلت|سالميت | ليڊر شپ

NO:NIT/USMS/570 of 2024 Dated: 30.09.2024

ٻيهر_ٽينڊر

سڀئي دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدار / فرم / پارٽيون / سپلائرز / مينوفيڪچرر / سول ڊسٽري بيوٽر جيڪي اهليت جي معيار پورو لهندڙ هجن. يعني فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR)وٽ انڪم ٽيڪس لاءِ رجسٽريشن، سامان جي خريداري جي صورت ۾ سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ ۾ رجسٽريشن (جيڪڏهن قابل اطلاق هجي)، انهن کي هيٺين ڪمن لاءِ آن لائن EPADSپروڪيورمينٽ آٽئم ريٽ تحت ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ جي دعوت ڏجي ٿي :

خريداري جو طريقو: EPAD

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو	سڪيورٽي رقم	ڊائون لوڊ ۽ جمع ڪرائڻ جي تاريخ	واڪ کولڻ جي تاريخ
01	يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه مٽياري لاءِ فرنيچر ۽ ٻئي سامان جي سپلائي ۽ تنصيب	3,000	02 مهينا	5%	08.10.2024 کان 23.10.2024 10:30 وڳي	23.10.2024 11:00 وڳي

قابليت جي معيار / قابليت:

- i) ساڳئي تفويض جي فهرست قيمت سان (گهٽ ۾ گهٽ 4 عدد) ڪم دستاويزي ثبوت سان گڏ گذريل ٽن سالن دوران اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ واري سرٽيفڪيٽ سان.
- ii) نيشنل ٽيڪس نمبر سرٽيفڪيٽ ۽ FBRجو ساليانو ريٽرن وارو اسٽيٽمينٽ (آخري 3 سالن جا)
- iii) سنڌ روينيو بورڊ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
- iv) حلف نامو ته ڪنهن به سرڪاري/ نيم سرڪاري/ خودمختيار اداري طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.
- v) حلف نامو واڪ ڏيندڙ پاران ته ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث ناهي رهيو

شرط ۽ ضابطا:

- پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ مٿي ذڪر ڪيل ٽينڊر فيس جي طور تي اسڪين ڪري آن لائن منسلڪ ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته اصل رقم **يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه** (ناقابل واپسي) جي حق ۾ موڪلي سگهجي ٿي.
- ٽينڊر دستاويزن کي SPPRAويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو: EPADS www.sppra.gov.pk يا https://www.usms.edu.pk/ استعمال ڪريو ۽ پاليسي جي مطابق آن لائن ذريعي واپس جمع ڪرايو اهي ٺيڪيدار هارڊ ڪاپيون جمع ڪرائي سگهن ٿا جن اڳ ۾ ئي پروڪيورنگ ايجنسي کي آن لائن درخواست ڏني آهي.
- پاليسي موجب پروڪيورمينٽ ڪميٽي آن لائن ٽينڊر کوليا ويندا.
- واڪ جو ڪارگر مدو 90 ڏينهن.
- بڊ جي قيمت جي 5 سيڪڙو جي شرح تي آمدني آن لائن اسڪين ڪاپي سان ڳنڍيل آهي جڏهن ته اصل ڪال ڊپازٽ پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊول بئنڪ طرفان جاري ڪيل **يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه** جي حق ۾ جمع ڪرائي سگهجي ٿو
- مشروط واڪ ۽ بغير بڊ سڪيورٽي جي واڪن تي غور نه ڪيو ويندو .
- پروڪيورنگ ايجنسي سمورن يا ڪنهن به واڪ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي، جنهن سان لاڳاپيل شقون ايس پي پي آر اي رولز 2010 ۾ شامل آهن.
- ٽينڊر کولڻ واري تاريخ تي ڪنهن به قسم جي غير متوقع صورتحال جي نتيجي ۾ يا حڪومت پاران موڪل جو اعلان ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي کوليا ويندا.
- SPPRAرولز 2010 جا سڀ شرط ۽ ضوابط لاڳو ٿيندا.

ڊائريڪٽر ورڪس اينڊ سروسز
يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه
فون نمبر 022.2762415 فيڪس: 022.2762234

PID(H)117/24

شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سول سوسائٽي ۽ شهرين جو ڌرڻو علامتي ڪئمپ قائم

سول سائٽي جي سڏ تي نوجوان، ٻارڻ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪري "امن ڪيمپ، امن ڪيمپ" جي زوردار نعريبازي

شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامني اغوائون ڦرڻ جي وارداتن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي شهري غير محفوظ آهن:مظاهرين

ڪڏهن استادن کان موٽر سائيڪل ڦر ڪئي پئي وڃي ته ڪڏهن وري قبائلي تڪرارن ۾ انساني جانين جو قتل ڪيو پيو وڃي

اسان جو پرامن احتجاج ڪنهن جي خلاف ناهي اسان جو جمهوري حق آهي ته اسان کي اسان جي ٻچن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

شڪارپور(رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سول سوسائٽي سراپا احتجاج الله والا چوڪ تي ڌرڻو انجمن طلبا اسلام جي سڏ تي علامتي ڪيمپ. تفصيل موجب گذريل ڏينهن شڪارپور ضلعي اندر وڌندڙ بدامني خلاف سول سوسائٽي جي سڏ تي شڪارپور جي نوجوانن الله والا چوڪ تي سراپا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: بدامني خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور پرسان 11 سالا نينگر پُراسرار نموني گم، وارثن جو احتجاج

خيرپور (د ر) خيرپور پرسان سنهڙي واهه جي علائقي جو 11 سالا نينگر شرافت علي پُراسرار نموني گم ٿي ويو آهي ان موقعي تي سندس وارثن احتجاج ڪندي چيو ته نينگر سرن جي ٻلي تي ڪم ڪندو هو گذريل ڏينهن ٻلي تان پئسا وٺي گهر طرف اچي رهيو هو ته رستي مان گم ٿي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: زخمي ٿيل نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي

بلڙي شاهه ڪريم ۾ آبادگارن جو سارين جي اگهن ۾ گهٽتائي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين شهيد بلو پنهور چوڪ کان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

سارين في مڻ 25 سئو کان به گهٽ ملي پيو جيڪا سراسر ناجائزي ڪئي پئي وڃي:مظاهرين

آبادگارن ۽ هارين پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ اڳاري ڪان ڌرڻا هڻڻ شروع ڪندا

بلڙي شاهه ڪريم(ت ر) بلڙي شاهه ڪريم جي رائيس مل مالڪن پاران سارين جو ريٽ گهٽائڻ خلاف بلڙي شاهه ڪريم جي آبادگارن هارين ۽ مزدور طبقي سميت شهرين ۽ معززين جو آبادگار اڳواڻ زاهد خاڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي مان مبيناطور اغوا ٿيل شوروم جي مالڪ جو تشدد ٿيل لاش مليو، ٻه شڪي گرفتار

آريجا ڦيڙهو ٻاءِ پاس وٽان موٽر سائيڪل جي شوروم جو مالڪ گدا حسين جتوئي جو لاش هٿ آيو

مگسي برادري جي ماڻهن گدا حسين کي ستون نمبر ناڪي واري علائقي مان اغوا ڪيو هو: وارث

مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل، شڪ ۾ ٻه ڄڻا گرفتار، پوليس پاران وڌيڪ جاچ شروع

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر مان مبينا اغوا ڄاڻايل شوروم جو مالڪ گدا حسين جتوئي جو تشدد ٿيل لاش هٿ ڪيو ويو آهي ، پوليس لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس ورتو رپورٽ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

جسڪاڻي برادري ۽ سول سوسائٽي پاران مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

اڃا عبدالقدوس ۽ افتخار جسڪاڻي کي بازياب ناهي ڪرايو ويو: مظاهرين

پنوعاقل(ن ع) ڳوٺ قائم خان جسڪاڻي واسي عبدالقدوس ۽ افتخار جسڪاڻي جي بازيابي لاءِ جسڪاڻي برادري ۽ سول سوسائٽي طرفان پنوعاقل پريس ڪلب آڏو ڪامريڊ عبدالمجيد جسڪاڻي ،بيبخود بلوچ ،اسحاق جسڪاڻي ،فقير رستم الدين جسڪاڻي عبدالحليم جسڪاڻي ،محمد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلي ۾ شيعه علماء ڪائونسل جي فلسطين جي حق ۾ ريلي

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپور ماٿيلو ، شيعه علماء ڪائونسل پاران فلسطين جي حق ۾ ريلي، اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف ڇتي نعريبازي، اسرائيل جي حمايت آمريڪا ۽ ٻيا ملڪ ڪري رهيا آهن اسلامي ملڪن جي خاموشي مسلمانن لاءِ هاڃيڪار آهي اڳواڻ. تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ۾ شيعه علماء ڪائونسل ضلع گهوٽڪي پاران فلسطين جي حق ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي مولانا اختر علي ذوالفقار يعقاني انور سيال عبدالجبار عبدالواحد ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف ڇتي نعريبازي ڪندي چيو ته اسرائيل جي حمايت آمريڪا ۽ ٻيا ملڪ ڪري رهيا آهن اسلامي ملڪن جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خانپور ۾ عورت جو اڳوڻي مڙس پاران ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اڳوڻو مڙس اڪرم ڏايو سندس ماٽ ساجد مونکي زبردستي وڪرو ڪرڻ چاهين ٿا:مسمات زڪيه

ڪارنهن جا الزام ۾ قتل ڪرڻ جو ڌمڪيون ڏين ٿا، جياني کي خطرو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر شهر جي سومرا محلہ واسي عورت مسمات زڪيه ڏايو پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت اڳوڻي مڙس اڪرم ڏايو سندس ماٽن ساجد ڏايو ۽ واحد بخش ڏايو خلاف احتجاج ڪيو مسمات ڏڪيه ڏايو ڏانهيندي چيو ته منهنجي اڳوڻي مڙس اڪرم ڏايو 3 سال اڳ مونکي طلاق ڏئي ڇڏي گهر ۾ ڪمائيندو به نه هو الٽو تشدد ڪندو ۽ مونکي ڪمائي ڪارائڻ لاءِ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: قومپرست ڪارڪن تعلقي اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

صالح پٽ ۾ ڪاٽن فيڪٽرين جي دز سبب ڪيترائي ماڻهو ساهه جي بيماري ۾ مبتلا

فيڪٽرين ۾ فلٽر پلانٽ نه لڳڻ سبب ڦڦڙن جي بيماري وگهي هڪ درجن کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا

انوائرمينٽ کاتي پاران 2018ع ۾ سمورين ڪاٽن فيڪٽرين کي نوٽيس ڏنو هو ته فلٽر پلانٽ ڪانسواءِ فيڪٽري نه هلائيندا:اعجاز ڪوسو

سماجي تنظيم اڳواڻن پاران ڪاٽن فيڪٽري مالڪن خلاف بغير فلٽر فيڪٽريون هلائڻ تي درخواست داخل ڪرڻ جو اعلان

صالح پٽ (ن ع) صالح پٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان ڦڦڙن جي بيماري وگهي هڪ درجن کان وڌيڪ مريض مري ويا جڏهن ته ڪيترائي ٻار ٻيهر سن دمي سهڪي ۽ ٽي بي جي موذي مرض ۾ ورتجي ويا سرڪاري اسپتالن ڊاڪٽر توڙي دوائون ڪون پيا ملن منهنگيون دوائون پرائيويٽ ڊاڪٽرن سان علاج ڪرائڻ تي مجبور مريضن جو ڪنهن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان مهينو اڳ مبينا طور گم ٿيل ڌيءَ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پيرسن عورت جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ صالح محمد بروهي جي رهواسڻ پيرسن عورت پنهنجي پٽ سان گڏجي مهينو اڳ مبينا گهران نڪرڻ بعد گم ٿي ويل ڌيءَ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مورو: گرفتار ڪيل ٻه ڄڻا لاڪپ ۾ بند آهن

ٽنڊوآدم تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف جسقم جو احتجاجي مظاهرو

3لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ شهر جي اسپتال ۾ ڪرپشن عروج تي آهي: مظاهرين

ڊاڪٽر ڊيوٽي ڪرڻ بجاءِ پرائيويٽ اسپتالن ۽ پنهنجن ڪلينڪن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن

ٽنڊو آدم(ن ع) ٽنڊوآدم ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ پاران شهر جي تعلقي اسپتال ۾ سهولتن جي اڻهوند ۽ عملي پاران مريضن سان اڻڱي رويي خلاف جسقم ضلعي سانگهڙ جي آرگنائيزر آزاد ڪنبر تعلقي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

مالوندن جي رهنمائي لاءِ هر وقت حاضر آهيون: دودو چانڊيو

روزاني بنياد تي ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪلي ويڪسين ڪئي پئي وڃي

ويڪسين سان گڏ مختلف وچڙندڙ بيمارين جو به علاج ٿي رهيو آهي

بدين (د ر) اينيمل هيسبنڊري لائيو اسٽاڪ مالوندن جي رهنمائي لاءِ هر وقت حاضر آهيون اهڙو اظهار ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينيمل هيسبنڊري بدين ڊاڪٽر دودو چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته روزانو جي بنياد تي ضلعي جي مختلف

بلڙي ۾ سارين جي اگهه ۾ لاٽ ۽ ڪٽوتي خلاف سماجي سٿ جو اجلاس

حڪومت هٿ وٺي آبادگارن هارين کي تباهه ڪري رهي آهي: اڳواڻ

واپاري هٿ سان سارين جي اگهن ۾ وڏي لاٽ ڪري سراسر ناجائزي ڪن پيا

ميرپوربٺورو (ن ع) سارين جي اگهه ۾ لاٽ ۽ ناجائز ڪٽوتي جي خلاف عوامي سماجي سٿ جي سڏ تي پريس ڪلب صوفي شاهه عنايت شهيد ۾ ميرپوربٺورو شهر ۽ آس پاس جي آبادگارن ۽ سياسي، سماجي اڳواڻن جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ آبادگارن هارين ۽ سياسي سماجي تنظيمن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ ڪنبر مٽيءَ جا ٿانو وڪري لاءِ رکي ويٺل آهي

ڄامشورو لمس يونيورسٽي ۾ نيو گرلز هاسٽل، لائبريري، ڪيفيٽريا ۽ اڪيڊمڪ بلاڪ جو بنياد رکيو ويو

ڄامشورو (د ر) لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اڄن نيو گرلز هاسٽل لائبريري، ڪيفيٽريا ۽ اڪيڊمڪ بلاڪ ۾ بنياد جو پٿر رکيو ان موقعي تي وائيس چانسلر اڪرام دين اڄن لمس ڪيمپس ۾ پيپلز اسڪول آف نرسنگ ۾ نئين قائم ڪيل اسٽيٽ آف آرٽ آڊيٽوريم ۽ ميڊيڪل ريسرچ سينٽر جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وي سي لمس اڪرام دين اڄن چيو ته ڪيمپس ۾ ترقياتي ڪم مسلسل جاري آهن جنهن سان شاگردن کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مسوبڙڳڙي لڳ ڪاري سائي جا ڪلور جاري، وڌيڪ هڪ ڄڻو فوت، ڪيترائي مرض ۾ ورتل

هڪ ڏينهن اڳ نثار فوت ٿي ويو هو، سندس ڀاءُ صوف خاصخيلي به بيماري وگهي دم ڏنو

جر جو پاڻي زهر بڻيل آهي، هن وقت تائين هڪ ئي ڳوٺ جا 49 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن:ڳوٺاڻا

صحت کاتو ننڊ ستل آهي، فوري طور تي ڊاڪٽرن جي ٽيم موڪلي ماڻهن جو ٽيسٽون ڪرايون وڃن

مسوبڙڳڙي (رپوٽ :غلام قادرڀير) مسوبڙڳڙي لڳ يوسي جيڪندل ڪوٽ جي ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ ڪاري سائي جا ڪلور جاري ، ٻن ڏينهن ۾ ٻه ڀائر فوت گذريل ڏينهن نثار ولد احمد خاصخيلي فوت ٿي ويو هو جڏهن ته اڄ سندس ڀاءُ صوف ولد احمد خاصخيلي ڪاري سائي وگهي فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪيترائي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پيرڳوٺ پرسان گم ٿيل نينگر جو لاش هٿ، گهر ۾ ڪهرام

پيرجوڳوٺ (ن ع) پيرڳوٺ پرسان گم ٿيل نينگر جو لاش هٿ، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو رپورٽ موجب پيرجوڳوٺ پرسان ڳوٺ غلام محمد جاگيراڻي مان پراسرار نموني گم ٿيل نينگر سهيل احمد جاگيراڻي جو ڳوٺ ٻاهران واٽر ڪورس مان لاش مليو آهي، ڳوٺاڻن لاش ڏسي وارثن کي اطلاع ڪيو وارثن پهچي لاش گهر کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ نينگر جي چاچي صحافي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس ۽ يارهين شريف جي محفل منعقد

پاڪستان سني تحريڪ پاران غريب مقام پاڙي ۾ شاندار تقريب ڪرائي وئي

ربيع الاول جو مهينو مسلمانن لاءِ رحمتن، برڪتن ۽ بخشش جو مهينو آهي: اڳواڻن جو خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان سني تحريڪ ڊويزن لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري شمس الدين سروهي جي ميزبانيءَ ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ شهر جي غريب مقام پاڙي ۾ تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس ۽ يارهين شريف جي محفل ڪرائي وئي، جنهن ۾

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف مظاهرو

پي ايس ٽي جي پوسٽن لاءِ 9 سال اڳ ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جي حڪمن باوجود اسان کي آفر آرڊر ڪونه ملي سگهيا آهن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو تعليم کاتي ۾ پي ايس ٽي جي پوسٽن لاءِ 9 سال اڳ اين ٽي ايس ذريعي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اميدوارن افضل حسين

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

OR…ZED BY
MS. … DEEBA
COORD…TOR: … HERITAGE & CULTURE

لاهور: صوفي نائيٽ ۾ ڳائيڪا شبنم مجيد فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهي

پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر ايڊمنسٽريٽر خلاف مختلف تنظيمن جو احتجاج

جسقم، ايس يو پي ۽ ٻين قومپرست ڌرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن مظاهرو ڪيو

هيلٿ سينٽر ايڊمنسٽريٽر شجاع سومرو جو مريضن سان اڻڱو رويو آهي: مظاهرين

معمولي بيماري جي مريضن کي به حيدرآباد ۽ نواب شاهه ريفر ڪيو وڃي ٿو

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر جي ايڊمنسٽريٽر جي نااهلي سبب پٽ شاهه جي اسپتال عوام لاءِ بي لاڀ بڻجي وئي آهي اسپتال ۾ مقرر ايڊمنسٽريٽر ۽ عملي خلاف علاج لاءِ ايندڙ مريضن سان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پاڻي، معدني وسيلن ۽ معدنيات جو سودو ڪري سنڌ دشمن فيصلا ڪيا ويا آهن: زين شاهه

زرداري 2012 ۾ سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪئي هاڻي گرين پاڪستان شڪل ۾ ون يونٽ مڙهيو پيو

جيڪڏهن ڪئنال نهي ويا ته سنڌ جو اڌ حصو غير آباد ٿي ويندو، زمينون بنجر ٿي وينديون

زين شاهه جي ٽنڊو آدم ۾ باغي مجاهد سان امڙ جي وفات تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته سنڌ جي پاڻي معدني وسيلن زمين سمنڊ ۽ معدنيات جو سودو ڪري سنڌ دشمن فيصلا ڪيا ويا آهن غيرقانوني ڪئنال پيا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اي سي ڏري ميرواهه جو گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول جو دورو

عبدالباسط هڪڙو حاضري رجسٽر، انرولمينٽ ۽ صفائي سٿرائي جو جائزو ورتو

خيرپور (د ر) اسسٽنٽ ڪمشنر ڏري ميرواهه عبدالباسط هڪڙو پنهنجي ٽيم سان ڪري گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول جو دورو ڪيو دوري دوران هن حاضري رجسٽر شاگردن جي انرولمينٽ، ڪورس بابت سرگرمين شاگردن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ٽيچرس ڊي جي حوالي تقريب منعقد

استادن کي عالمي سطح تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۽ ٽريننگ سيشنن ۾ شرڪت لاءِ منصوبا جوڙيا ويندا:وي سي

21هين صدي ۾ اسان هڪ عالمي ڳوٺ ۾ رهون ٿا، ڪائنات ۾ ڪيترائي مسئلا آهن

خيرپور(پ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شهيد بينظير ڀٽو چيئر ۾ ٽيچرس ڊي جي موقعي تي معاشيات شعبي پاران تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي صدارت يونيورسٽي جي وائس

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور: لطيف يونيورسٽي ۾ ٿيل پروگرام ۾ وائيس چانسلر ۽ ٻيا ويٺل آهن

پير مظهر ۽ پير مجيب الحق تي قبضا گروپ بي بنياد الزام لڳايا آهن:علي ساهڙ

پير مظهر ۽ پير مجيب الحق تي قبضا گروپ بي بنياد الزام لڳايا آهن:علي ساهڙ

پير مظهر ۽ پير مجيب الحق تي قبضا گروپ بي بنياد الزام لڳايا آهن:علي ساهڙ

دادو (رپورٽ-ولي محمد لنڊ) ضلعي بار ايسوسي ايشن دادو پڻ قانون جي حڪمراني ۽ پاڪستان جي آئين ۾ ڏنل بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، ڊسٽرڪٽ بار ضلعي بار ايسوسي ايشن دادو جي لائق ميمبرن جي عزت ۽ وقار جي حفاظت ڪرڻ جو حق پڻ محفوظ رکي ٿي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد سول اسپتال ۾ مبينا ڊاڪٽرن جي غفلت سبب ناري فوت، وارثن جو احتجاج

طبيعت خراب ٿيڻ سبب فضا ميمڻ کي اسپتال آندو ويو جتي هو تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي

وارثن جي اسپتال انتظاميا سان منهن ماري، سول اسپتال اندر ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، نعريبازي

فضا کي مٽي ۾ سور پيو ڊاڪٽر صحيح نموني چڪاس نه ڪئي جنهن سبب هو فوت ٿي وئي: وارث

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي اقراءِ اسڪول پاڙي جي رهواسي استاد سليم ميمڻ جي ڌيءَ 7 ڪلاس جي شاگرديائي معصوم فضا ميمڻ کي وارث رات ديرسان اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ ڪان پوءِ سول اسپتال ڪٺائي آيا جتي ڊاڪٽرن جي مبينه غفلت سبب نينگري تڙپي تڙپي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو آهڙي واقعي ڪان پوءِ وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ هو اسپتال انتظاميه سان منهن ماري ڪرڻ بعد نينگري جو مڙهه ايمبولينس ذريعي گهر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاهور: شاهه جمال ۾ لڳل هڪ اسٽال تان ناريون قتلاما خريد ڪري رهيون آهن

پٽ شاهه ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس اسانجي هڪ نوجوان الهداد ڪوسو کي پڪڙي ڪٿي وئي آهي:مظاهرين

ٻول ڪوسو ۽ انجي گهر وارن اسان جي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن، انصاف ڪيو وڃي

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه جي ڳوٺ بلاول ڪوسو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو اسانجي هڪ نوجوان کي پوليس گم ڪري ڇڏيو آهي ڪوڙيون ايف آءِ آرون ختم ڪري اسانجي پڪڙيل نوجوان کي آزاد ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن جو مطالبو تفصيل موجب ڳوٺ بلاول ڪوسو جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ملڪ جي فوجي سربراهه کي نون صوبن جي قيام جي ڳالهه ڪرڻ جو اختيار ناهي: زين شاهه

اهڙو غير سنجيده ۽ غير ذميوارانو بيان ملڪ جي فيڊريشن جي تصور جي خلاف آهي

اسان پارليامينٽ ۾ ٽئين آئيني ترميم جي ڪوشش کي ملڪ جي اعليٰ عدليه تي حملو سمجهون ٿا

ڄامشورو(د ر)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته ڪراچي ۾ واپارين کي خطاب ڪندي ملڪ جي فوجي سربراهه سنڌ سميت ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام جي ڳالهه ڪئي ان ڳالهه جو فوجي سربراهه کي اختيار ناهي اهڙي قسم جو غير سنجيده ۽ غير ذميوارانو بيان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ بيروزگار نوجوان روڊ تي پٿر رکي احتجاج ڪندي گاڏيون بيهاري ڇڏيون

دواساز ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف نوجوان جهانگير شورو احتجاج ڪيو

ڪمپنين وارا چون ٿا چون ٿا ڪنهن سياسي ماڻهو کان فون ڪرايو پوءِ روزگار ڏينداسين: الزام

ڄامشورو (د ر) شهر پرسان قائم ملٽي نيشنل دواساز ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف واپڊا ايم سي پي واپڊا ڪالوني جو اڪيلو نوجوان جهانگير شورو ايم سي پي ڪالوني جي گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول وٽ واپڊا لنڪ روڊ بند ڪندي ملازم ڪلي ويندڙ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن پورهيت جو زخمي پٽ سان گڏجي ٻاڙن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر پاڙي جي رهواسي پيرسن پورهيت پنهنجي زخمي پٽ سان گڏجي ٻاڙن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ايف آءِ اي سائبر ڪرائيم سڪر جي لاڪپ ۾ فوت ٿيل نوجوان جي وارثن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي سائبر ڪرائيم سڪر جي لاڪپ ۾ ۾ مهينا اڳ پراسرار نموني فوت ٿي ويل لاڙڪاڻي واسي نوجوان جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هٿن ۾ بئنر کڻي سخت

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اي سي گمبٽ جي ڪارروائي، 3 غير قانوني پيٽرول پمپ سيل

خيرپور (د ر) ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جو غير قانوني پٽرول پمپس هلائڻ جو نوٽس، اي سي گمبٽ اعزا انعام طرفان ڪارروائي، اڳڙا جي مقام تي 3 غير قانوني

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سڳيون پرسان پوليس ڪانسٽيبل علي داد لڪ جو والد وفات ڪري ويو

سڳيون(ن ع) سڳيون پرسان ڳوٺ چنو فقير لڪ جو رهواسي پوليس ڪانسٽيبل علي داد لڪ ولدداد لڪ ۽ قادر داد لڪ جو والد ۽ وڏيرو پيارل خان لڪ عرف نوراحمد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

هوسڙي ويجهو جسقم جو عمرڪوٽ واقعي خلاف احتجاجي ريلي

واقعي ۾ ملوث ڌرين تي ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين

پنجاب پاران سنڌو درياءَ جو پاڻيءَ روڪڻ سنڌين جو جياپو کسڻ آهي

هوسڙي (رپورٽ: مختيار علي رڪوا) هوسڙي ويجهو سيري وٽ جسقم شهيد بشير خان قريشي ضلعي حيدرآباد پاران جسقم حيدرآباد اڳواڻ لياقت ملاح جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ اڳواڻن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ پيرسن روڊ ڪناري پان جا پن وڪرو ڪري رهيو آهي

ڳڙهي ياسين ۾ مختلف برادرين جو ٽائون چيئرمين خلاف احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

پنهور، جکرا، ڏيٻا ۽ سيد برادري طرفان پاڪ ڪتاب کڻي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو، ٽريفڪ معطل

ٽائون چيئرمين آغا شجاع الدين دراني اسان جي گهرن جو رستو بند ڪري دڪان ٺهرائي رهيو آهي: مظاهرين

رات دير سان گهر مٿان فائرنگ ڪري دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، رپورٽ پوليس کي ڏني پر تدارڪ نه ٿيو

شجاع الدين دراني پنهنجي ذاتي پلاٽ تي دڪان ٺهرائي رهيو آهي ان مٿان قبضي جا ڪوڙا الزام لڳايا پيا وڃن:عابد پٺي

ڳڙهي ياسين (رپورٽ سليم احمد سومرو) ڳڙهي ياسين شهر جي ڪچي آبادي واري علائقي ۾ گهٽي جو رستو نه ڏيڻ ، گهرن مٿان ٿيل فائرنگ کان پوءِ علائقي واسين ۽ ٽائون ڪاميٽي ڳڙهي ياسين جي چيئرمين ۾ هلندڙ اختلاف وڌيڪ تيز ٿي ويا اوڊا ، پنهور ، جکرا ،ڏيٻا ۽ سيد برادري طرفان عبدالڪريم ڏيٻو ۽ اسرار اوڊو جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ملير ٽائون جو چيئرمين جان محمد بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر آغا سمير ورڪشاپ ۾ خراب بيٺل گاڏين جو معائنو ڪري رهيا آهن

ڪلوئي ۾ ناري جو مڙس جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي پرسان ڳوٺ ٻاپڪو جي نوجوان ۽ مٺي واسي ناري پاران اسلام قبول ڪرڻ بعد نوجوان مبينا طور گم ٿي ويو آهي ناري جون دانهون جڏهن ته ڏيرن مٿان مڙس کي اغوا ڪرڻ جو الزام هڻيو ويو آهي ناري رقيعه شيخ چيو ته مون ٻاپڪو جي رهواسي والرم پيل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي جو آڌر ڀاءُ ڪيو پيو وڃي

زرداري ليگ هٿ وٺي سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪري رهي آهي: قادر مگسي

نگران حڪومت ۾ سارين جو اگهه 4000 هزار روپيا ۽ پ پ حڪومت ۾ 2500 روپيا آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ چانورن جي ايڪسپورٽ تيز آهي ان حساب سان اگهه نٿو ڏنو وڃي

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي بلڙي شاهه ڪريم تڪ پي سي 67 بلڙي شاهه ڪريم جي عوام سان ملاقات ڪئي جڏهن ته سيري ملاڪتيار روڊ پنچاري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

هڪ بدنام قبضا گروپ دادو بار کي بدنام ڪرڻ چاهي ٿو: علي ساهڙ

لاڳاپيل اختيارين کي قبضه گروپ خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ گهرجي

دادو (رپورٽ-ولي محمد لنڊ) ضلعي بار ايسوسي ايشن دادو پڻ قانون جي حڪمراني ۽ پاڪستان جي آئين ۾ ڏنل بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، ڊسٽرڪٽ بار ضلعي بار ايسوسي ايشن دادو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ پيرسن ڳوٺاڻي جو پنهنجي پٽن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ جي ڳوٺ درمحمد ابڙو واسي پيرسن محمد عارب ابڙو پاران پريس ڪلب ڪڪڙ پهچي پٽن جي ظلم ۽ زيادتين خلاف احتجاج ڪيو آهي ، ان دوران پيرسن عارب ابڙو چيو آهي ته ڪجهه سال اڳ گهر واري وفات ڪري وئي هئي جنهن سبب مان سخت پريشان آهيان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ درگاهه قاضي ملو جي متولي جو ٻاڙن خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهه بخش چانڊيو ۽ ٻيا اجايو ڪوڙي واويلا ڪري ماحول خراب ڪن پيا:غلام اڪبر

برساتن دوران ڪريل وڻن کي ڪٽي وڪرو ڪيو، شرپسند انهن مان حصو گهري رهيا آهن

خيرپور (د ر) خيرپور پرسان يونين ڪائونسل پير بادل ۾ 100سئو سالا قديمي قبرستان درگاهه قاضي ملو جي متولي فقير غلام اڪبر چانڊيو فقير رمضان چانڊيو،چل لانگاهه ۽ ٻين درگاهه جي ساماهون علائقي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس ڪارروائي، زخمي حالت ۾ جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جيڪب آباد(بيورو رپورٽ) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد جيلاڻي ٽائون پرسان پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت طرفان عوامي ڀلائي واري منصوبن کي وقت سر مڪمل ڪيو وڃي:ڊي سي

روينيو کاتن جي غير قانوني داخلا واري ڪم جي سختي سان نظرداري ڪئي وڃي

خيرپور (د ر) ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران عوامي ڀلائي واري منصوبن جي وقت سر مڪمل ڪرڻ روينيو وصولي سيل سرٽيفڪيٽ، فوتي ڪوٺ، زرعي ٽيڪس

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد جمس اسپتال ۾ ڪرپشن خلاف آل پارٽيز جي سڏ تي احتجاجي ڌرڻو

جي يو آءِ، مسلم ليگ (ق)، ايس يو پي سميت مختلف تنظيمن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

اسپتال جا ڪرتا ڌرتا ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيا آهن جنهن ڪري ادارو تباهه حال بڻيل آهي:مظاهرين

شروعات ۾ مفت دوائون ڏنيون وينديون هيون پر هاڻي خالي سرنج به مريضن کي ميڊيڪل اسٽورن تان خريد ڪرڻي پوي ٿي

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي جمس اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ ۽ ڪرپشن خلاف آل پارٽيز ڪاميٽي جي سڏ تي جمعيت علماءِ اسلام، مسلم ليگ (ق)، ايس يو پي سميت مختلف تنظيمن پاران شهيد الله بخش پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت مظاهرين وڏي تعداد ۾

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: اي پي سي پاران جمس اسپتال ۾ ڪرپشن ۽ دوائن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪي اين شاهه ۾ صحافي کان 50 هزار رپيا ڦر، اين سي داخل

خيرپورناٿن شاهه(ن ع)خيرپورناٿن شاهه ۾ ڏينهن ڏٺي جو مين روڊ تي موٽرسائيڪل تي سوار ماسڪ پاتل اڻڄاتل هٿيارٻند بئنڪ مان پينشن جا پنجاهه هزارروپيا کڻندڙ گهر ڪڻي ويندڙ پيرسن سينيئر صحافي سيد علي اصغر شاهه کي ورغلائي موٽرسائيڪل تي ويهاري شهباز ڪالوني وٽ پهچي ڦيارن جي زور تي پيسا ڦر

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد خودڪشي ڪندڙ ليڪچرار جي تدفين، ڪيس داخل، 3 ڄڻا گرفتار

پوسٽ مارٽم بعد انور علي پنهيار جي مڙهه وارثن حوالي، جنازي نماز ۾ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

انور علي پنهيار جي گهرواري جي فرياد تي محمد يونس، لالا ظهور، ممتاز سميت 4 اڻڄاتل جوابدارن خلاف ڪيس داخل

هڪ وياج خور سميت ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، قاتلن کي ڪنهن به صورت بخش نه ڪبو: ايس ايس پي

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي ڊڪڻ محلا ۾ وياج خورن کان تنگ ٿي خودڪشي ڪندڙ جيڪب آباد جي پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج جي ليڪچرار انور علي پنهيار جو لاش رات دير سان پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ فوتي انور علي پنهيار جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ وارڊ ڪائونسلر جو نوجوان پٽ گڙدا فيل ٿيڻ سبب فوت

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ۾ وارڊ ڪائونسلر جو نوجوان پٽ گڙدا فيل ٿيڻ سبب فوت، خانپورمهر لڳ ڳوٺ عالم خان گڏاڻي جي رهواسي ٽائون ڪاميٽي خانپورمهر جي وارڊ 2 جي ڪائونسلر ۽ پائلٽ پبلڪ اسڪول جي پرنسپال استاد ممتاز علي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

خيرپور مل ڪالوني واسين پاران پاڪ ڪتاب کڻي پوليس ۽ ٻاڙن خلاف احتجاج

سي آءِ اي انچارج پوليس اهلڪارن سان گڏجي اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪئي:مظاهرين

عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪري ڇڏ ڏاهم ڪئي وئي، پروين ۽ فاطمه کي پڻ ڪنهن گم ڪيو آهي

ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻيا وس وارا معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪن

خيرپور(د ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد خيرپور جي مل ڪالوني جي رهواسين عورتن پاڪ ڪتاب مٿي تي کڻي ڪري بي سيڪشن پوليس ۽ ٻاڙن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ شيعه علماء ڪائونسل جو اسرائيل خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين هٿن ۾ بينر، پلي ڪارڊ کڻي "الوداع نصر الله"جا نعرا هنيا

شهيد حسن نصرالله کي شهيد ڪرڻ بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي آهي:مظاهرين

ٽنڊوآدم (ن ع) شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان ٽنڊوآدم پاران لبنان جي مزاحمتي تحريڪ حزب الله جي سربراهه شهيد حسن نصر الله کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ اسرائيلي حملي خلاف شيعه جامع مسجد کان پريس

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪرنڊيجي واسڻ پيرسن جو ويڳڻ پٽن جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور (د ر) تعلقو ڪرنڊيجي جي ڳوٺ غلام رضا ڪٽوهر جي رهواسڻ پيرسن عورت مسمات ضميران ڪٽوهر پنهنجي پٽن غلام مرتضيٰ ۽ الهڏنو ڪٽوهر سان گڏجي خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو ته ويڳي پٽ اسسٽنٽ ڪمشنر پيرڳوٺ جي ڊرائيور محمد موسيٰ ڪٽوهر سول اسپتال خيرپور ۾ ايمبولينس ڊرائيور محمد ايوب ڪٽوهر ۽ محمد ادريس ڪٽوهر اسان جي زمينن ۽ گهرن تي قبضا ڪرڻ لاءِ هٿيارٻندن کي ويهاري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي بي گهر ڪري ڇڏيو آهي گهر وڃون ٿا ته موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

پشاور: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙن کي پينٽنگ سيکاري پئي وڃي

مورو پرسان تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر تي ٻيو

حادثي جي نتيجي ۾ شهباز چانڊيو موقعي تي فوت، جڏهن ته خالد چانڊ زخمي ٿي پيو

زخمي ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

مورو(ن ع) مورو پرسان قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڪ ڄڻو شهباز ولد وارث چانڊيو فوت ۽ خالد چانڊيو زخمي ٿي پيو فوتي نوجوان جي لاش ۽ زخمي کي تعلقه اسپتال آندو ويو اهڙي اطلاع تي وارث وڏي انگ ۾ تعلقه اسپتال پهچي ويا جن ۾ روج راڙو پئجي ويو فوتي جي لاش جون قانوني گهرجون

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

روس پاران طالبان کي دهشتگردي واري فهرست مان ٻاهر ڪڍڻ جو فيصلو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ۾ وارڊ ڪائونسلر جو نوجوان پٽ گڙدا فيل ٿيڻ سبب فوت، خانپورمهر لڳ ڳوٺ عالم خان

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

جهانپور شريف ويجهو اغوا ٿيل اطهر مارواڙي بازياب، وارثن ۾ خوشي

ڳجهي اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪري اطهر کي بازياب ڪرائي ورتو

سيني ڌوهارين کي چوان ٿو ته سرينڊر ڪن ته انهن لاءِ بهتر آهي: ايس ايس پي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۽ جهانپور شريف ويجهو اغوا ٿيل مغوي بازياب، خفيه اطلاع تي پوليس پاران ڌوهارين سان مهاڏو اڪثافي اطهر مارواڙي کي بازياب ڪرايو ويو آهي، سيني ڌوهارين

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ امن امان جي بحالي لاءِ شهرين جو 10 ڏينهن به مارچ

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

پوليس ذميواري کان لنوائي عوام کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي:مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ شهر سميت ضلعي اندر بدامني عروج تي پهچي وئي ڪو به محفوظ نه رهيو ڌاڙيل گينگز پاران بي خوف ٿي ، ڪنڌ ڪوٽ ، غوث پور ، ٽنگواڻي جي هندو ۽ مسلم واپارين کان پو

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

انکل... ہمیں تحفظ دیں۔
شکارپور کو امن دو۔

شڪارپور: بدامني خلاف احتجاج ۾ ٻه ننگريون پوسٽر کڻي شريڪ آهن

آمريڪا ۽ برطانيا جي يمن جي مختلف علائقن تي بمباري

صنعا (ه د) آمريڪا ۽ برطانيا يمن جي مختلف علائقن تي بمباري ڪري گاڏي واري شهر صنعا ۽ حديده ايئرپورٽ سميت مختلف شهرن کي نشانو بڻايو آهي (رائٽرز

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

مخدوم طالب المولي جو ڪردار تاريخ جو هڪ نه وسارڻ جوڳو باب آهي: سعيد الزمان "عاطف"

سنڌي ماڻهو کيس رهڻ تائين ياد رکندا، سندس خدمتن کي اڄ به ساراهيو وڃي ٿو

مخدوم محمد زمان طالب المولي شهيد ڀٽو جي اعتماد وارن دوستن ۽ ساٿين ۾ شامل هو

هالا (د ر) درگاهه مخدوم نوح سرور جو 16 هون سجاده نشين سنڌ جو نامور شاعر ۽ اديب مخدوم محمد زمان طالب المولي جو جنم ڪالهه 4 آڪٽوبر 2024ع ملهايو ويو مخدوم محمد زمان طالب المولي جي سالگرهه جي موقعي تي سروري تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.